
تقدير جو تماشو
ناول
عزيز ڀنڀرو

# تقدير جو تماشو

## عزيز ڀنڀرو

سنڌ راڻي پبليڪيشن

ڪمپوزنگ:سرتاج جمالي

sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

سمورا حق ۽ واسطا اداري وٽ محفوظ


| | |
|---|---|
| ڪتاب جو نالو: | تقدير جو تماشو |
| موضوع: | ناول |
| ليکڪ: | عزيز ڀنڀرو |
| ڇاپو پهريون: | جون 2016ع |
| ڪمپوزنگ/ٽائيٽل: | سرتاج جمالي |
| تعداد: | هڪ هزار |
| ڇپيندڙ: | سنڌ راڻي پبليڪيشن حيدرآباد |
| ڇپائيندڙ: | ينگ رائيٽرس فورم سنڌ/دانش اڪيڊمي بدين |
| قيمت: | 200/- |

**TAQDEER JO TAMASHO**

(Navil)

By:AZIZ BHANBHRO

Sindh Rani Publication Hyderabad

Cell: 0301-3492704

**ڪتاب ملڻ جا هنڌ:**

ٻناني ڪتاب گهر حيدرآباد، فڪشن هائوس حيدرآباد
ادبي بورڊ بڪ اسٽال تلڪ چاڙهي حيدرآباد
قليچ ڪتاب گهر سنڌي لينگويج اٿارٽي حيدرآباد
ڪنگ پن بڪ هائوس پريس ڪلب حيدرآباد
سنڌ راڻي پبليڪيشن حيدرآباد، سمبارا پبليڪيشن حيدرآباد
ڪامريڊ بڪ اسٽال ڄامشورو، رابيل ڪتاب گهر لاڙڪاڻو
مهراڻ ڪتاب گهر لاڙڪاڻو، وسيم ڪتاب گهر شڪارپور
سنڌيڪا ڪتاب گهر سکر، تهذيب بڪ اسٽور خيرپور ميرس
ٽر ڪتاب گهر مٺي، عزيز ڪتاب گهر سکر.

# ارپنا

پھرين نفرت جي نانءُ،
جنھن کي محبت ۾ بدلائڻ
جي جستجو ۾،
پنھنجو پاڻ بدلائي ويٺس!
/ارپيان
تو ناول جي ڪردارن،
مقدس ۽ ڪومل ڪٽي.

sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

# ليکڪ جا ويچار.........

منهنجو هي پيو ناول ”تقدير جو تماشو“ اوهان جي هٿن ۾ آهي. 2008ع ۾ ڇپيل منهنجي پهرين ناول ”ٽٽل ويل سپنا“ کي جيڪا سڄي سنڌ جي باذوق ۽ ادب جي گهڻگهرن دوستن ۽ پڙهندڙن موٽ ڏني، اها منهنجي توقع ۽ سوچ کان تمام گهڻي هئي. حقيقت اها آهي ته آئون پنهنجي ذاتي زندگي ۾ ڏاڍو بي ترتيب رهيو آهيان منهنجا ڪپڙا ۾ پيل ڪتاب توڙي بيگن ۾ اڇلايل قيمتي ڪاغذات به منهنجي خيالن وانگي ائين بي ترتيب پکڙيل آهن، جو جڏهن به ڪجهه ڳولڻ چاهيو اتم ته وقت تي پنهنجي ئي رکيل اها شئي ڪڏهن ڳولي ناهيان سگهندو. ائين ڪڏهن واٽ ويندي يا تنهائي جي سوچن ۾ اچانڪ ڪي خوبصورت خيال اچي من مندر جا گهنڊ وڄائي سٽل احساسن کي بيدار ڪندا آهن ۽ پوءِ ڏات ديوي سورنهن سينگار ڪري اچي دل جي در تي دستڪ ڏيندي آهي پر الائي ڇو؟ آئون اهڙن نفيس احساسن کي به وقت سر سهيڙي ناهيان سگهندو ۽ پوءِ اها ڏات ديوي به ڪنهن رُٺل محبوبه جيان مون کان ايترو ڏور هلي ويندي آهي جو جڏهن به ان جي ضرورت محسوس ٿيندي آهي ته ڪوڙ سارين منٿن باوجود موٽي ناهي ايندي. شايد اهوئي ڪارڻ آهي جو پيو ناول اٺن سالن جي وڇوٽي کان پوءِ اوهان تائين پهچائي سگهيو آهيان ۽ شايد ڪٿي اهڙي بي ترتيبي هن ناول ۾ به اوهان کي محسوس ٿئي، انهي لاءِ آئون اڳواٽ معذرت خواهه آهيان ڇاڪاڻ ته اهڙو اظهار آئون اڳين ناول ۾ به ڪري چڪو آهيان ته مون ڪڏهن به ڪو ناول يا ڪهاڻي پلاٽ جوڙي ناهي لکي. بلڪ مون هميشه پاڻ وڃائي ڪجهه لکيو آهي ۽ جڏهن قلم رُڪيو آهي ته ڪائي تخليق جڙي پيئي آهي پوءِ اها ڪهاڻي يا ناول ڪهڙي روپ ۾ بيهي تو ان لاءِ آئون سونهن ساک سان چوندس ته منهنجي ڪابه مرضي يا ذاتي عمل دخل ذري برابر نه ناهي هوندو. ها، اهوئي سبب آهي، جو مون ڪڏهن به پنهنجي ڪنهن تخليق تي ڪا دعويٰ نه ڪئي آهي، ڪا هام نه هڻئي آهي.

”تقدير جو تماشو“ ناول لاءِ به آئون ڪائي هام نٿو هڻان البته ايترو دعويٰ سان چوان ٿو ته هن ناول جا ڪردار اسان جي آسپاس ۾ زنده ساهه کڻي رهيا آهن، انهن جا درد پڳل ڪاون جيان مون دل ۾ چڀندي نه فقط محسوس ڪيا آهن بلڪ منهنجون پوسرندڙ اکيون ڪيئي وحشي منظرن جون ساکي ضرور آهن تنهن ڪري روايتي ناولن وانگي هن ناول جو محور رڳو



sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

ڪندا ۽ پالا لتاڙي، روح رتوڇاڻ ڪرڻ باوجود جوڀن ڀمارن جا زندگي سان پرپور ٽهڪ اڏاري لطيف سائين جي انهيءَ عزم ڪي ورجايوسين ته

”آڏو تڪر تر، متان روهه رتيون ٿئين“

تورائتو آهيان ايوان صحافت بدين جي بيباڪ دوستن ۽ سينئر صحافين غلام مصطفيٰ جمالي ۽ هارون گوپانگ صاحب جو جن هر مشڪل گهڙي ۾ بهادري سان ساٿ ڏيئي منهنجا حوصلا وڌايا آهن.

هاڻ ايف ايم 105 ريڊيو نيٽ ورڪ جي ياسر قاضي صاحب کان وٺندي اسٽيشن مئنيجر محمد ابراهيم ملاح ۽ مارڪيٽنگ مئنيجر يونس ٻڪاري صاحب جو پڻ بيحد احسانمند آهيان جن ريڊيو جي دنيا ۾ پنهنجائپ ۽ پيار جا ڀرپور احساس ڏيئي آواز جي تيز ترين دنيا ۾ هڪ الڳ ٿلڳ سڃاڻپ ڏيارڻ ۾ مدد ڪئي.

وڏا ورڻ ڇٽيا محترم لطف علي ملڪاڻي، فقير گل حسن انڙ، يونس ملڪاڻي، ٽنڊوباگو جي پياري دوست محمد اسحاق ميمڻ، سائين شمس الدين سومرو ۽ علي محمد علواڻي صاحب جا، جن بهترين مشورن ۽ همت افزائين سان پاڻ نڀايو. بدين جي پيارن ماڻهن بهترين شاعر غلام رسول منڊرو، عبدالستار انصاري، يارو بيدار ۽ دوستن کان وڌيڪ دوست محمد عيسيٰ ڀنڀرو، ياءُ گل حسن ۽ غلام رسول ڀنڀرو ۽ محمد سليم ڀنڀرو جون محبتون ياد رهنديون.

آخر ۾ جنهن قرب ڏنا، انهيءَ جا قرب، جنهن درد ڏنا انهن لاءِ دعائون، جن ساٿ ڇنا، جن لڙڪ ڏنا جن پيار ڪيو، جن ساٿ ڏنا سڀ ياد رهندو. سڀ ياد رهندو.

............... پر ناول ”تقدير جو تماشو“ آڏو ۾ سيني ڪان وڌيڪ تورائتو آهيان سنڌ راڻي پبليڪيشن جي روح روان غلام مصطفيٰ سولنگي صاحب جو، جنهن درياهه دلي سان نه فقط ڪتاب ڇاپڻ جي هامي ڀري پر وقت سر ڪتاب ڇپرائي پنهنجي اداري ۽ فقيراڻي سنگت سان سچائيءَ جو ثبوت ڏيئي پاڻ ملهايو آهي.

عزيز ڀنڀرو

Email: azizbhanbhro6@gmail.com

FB/ www.facebook.com/RJazizbhanbhro.

Cell# 0334-3010660

0300-2300209



sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

وڄندڙ واول تي دهلاريءَ کي گهيرو ڪندي نچندڙ نينگرين جي جهرمر ۽ تاڙين جي ٽهڪن تي ڇڙندڙ چوڙين جي ڇمڪار واري ڪنوارن احساسن جهڙي موسيقي، ان ڳالهه جو چٽو ثبوت آهي ته هيءَ سنڌ اها ساڳي آهي، جنهن جي چپي چپي تي لطيف سائين جي قدمن جا نشان آهن.

سچ پچ ته هن سڄي ناول کي سونهن بخشيندڙ عظيم ڪردار مقدس ۽ ڪومل اهي ڇوڪريون آهن جيڪي مُڏي ڪاتي جهڙي هن مدي خارج معاشري ۾ رهندي مهڻا، طعنا گلائون، ڌڪار، نفرتون برداشت ڪندي اهي سزائون ڀوڳين ٿيون جن ۾ سندن ڪنهن به قسم جو قصور ڪونهي!! ۽ گڏوگڏ هي ناول هن سماج کي اهو پيغام پڻ ڏئي ٿو ته تقدير جو تماشو بڻيل مقدر جي ماريل بي قصور ۽ بي ڏوهه ماڻهن تان هرگز ڇٽرون نه ڪيون وڃن. بلڪ ساڻن بهتر رويو رکيو وڃي. سٺو سلوڪ ڪيو وڃي ته جيئن اهي ماڻهو احساس ڪمتريءَ جو شڪار ٿي مايوسي جي کُن ۾ ٻڏي پنهنجي معمولي خوشين جو به انت نه آڻين ۽ سندن زندگيون سرڄڻ کان وٺي ساماڻجڻ تائين ڏکن سورن ۽ صدمن جي احساس ۾ وچائجي نه وڃن!. جيئن مرشد ڀٽائي ڪنهن جي نصيبن ۾ مليل بيوسي ۽ هيڻائي کي هن طرح بيان ڪري ٿو.

"سرجيس ته سُور ساماڻي ته سُک ويا،
اهي پئي پُور مون نماڻي کي نصيب ٿيا!

ليکڪ عزيز ٻنيرو جي فن ۽ فڪر جي حوالي سان حيرانيءَ جي حد ته اها آهي جو سندس چواڻي هن ڪڏهن به ناول جي ڪماڻي، پلاٽ، مڪالمي، ڪردارن ۽ منظرنگاريءَ بابت شاعري جي علم عروض، بحر وزن کي پرکڻ واري ڦٽ پٽين وانگر ناول جي فن جي مقرر ٿيل حدن ۽ پيمانن جي پابندين هيٺ ويهي غور ڪري سوچي سمجهي نا هي لکيو!! پر هُن کان ناول ائين لکجي ويندا آهن جيئن ساوڻي مينهن وسڪارو ڪري وسندا آهن. ائين ڪٺي ڇئجي ته ناول جا سمورا سهڻا رنگ ۽ روپ سندس روح جي چولي ۾ الستي ٽانڪيل آهن! ناول جا سيئي ڪردار ڀرپور سچائيءَ سان ڀريل آهن. سارا من موهيندڙ منظر ٻرينءَ جي پاڇي جهڙي سنڌ جيان سدا ملوڪ آهن! هن ناول جي ٻولي سنڌ جي ٻهراڙين ۽ ڳوٺن جهڙي سادگي ۽ سونهن رکي ٿي. مقصد، معنيٰ ۽ مفهوم جي لحاظ کان لفظ لفظ ۾ روشني جي شمر جهڙي رنگيني ۽



sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

سمنڊ جهڙي گهرائي سمايل آهي!

يونيورسٽي سطح تي نصاب جوڙيندڙ بورڊ کي سنڌ ۾ هھڙا ڪتاب سنڌي شعبي ۾ لازمي طور شامل ڪرڻ کپن تہ جيئن اسانجا ايندڙ نسل اسان جي تاريخ، تهذيب، ڪلچر، سماجي روين، ريتن، رسمن، ادب، علم، سائنس، ٻولي، آرٽ ۽ زندگين کي صحيح معنيٰ ۾ تحقيقي حوالي سان سمجهي سگهن! ۽ ها هڪ ڏينهن ههڙا ڪتاب نہ رڳو اسان جي نصاب جو حصو هوندا بلڪ بين الاقوامي ٻولين ۾ تن جي ترجماني بہ ٿيندي. جيئن اسان جي عظيم ڏاهي، مفڪر، رهبر سنڌ سائين جي ايم سيد جو ڪتاب ”جيئن ڏٺو مون“ مصر ملڪ جي يونيورسٽيءَ جي نصاب ۾ لازمي طور قرار ڏنو ويو آهي.

هي ناول ”تقدير جو تماشو“ انهيءَ ڪري بہ خوبصورتي رکي ٿو جوهن ناول جي منظرن ۾ موهن ـ جي دڙي جي بيل گاڏي کان وٺي لاڙ پٽن جي روپا ننگر ۽ سانولپور جي علائقي سحرش ننگر جي خوشبوءِ ملي ٿي. دادو ضلعي جا منظر ۽ سپر هاءِ وي جا فراخ رستا ملن ٿا. ڄامشوري ڦاٽڪ المنظر جا نظارا بہ آهن. هوائن جي شهر حيدرآباد جي دلفريب هوائن جو هڳاءُ بہ محسوس ٿئي ٿو. سنڌ جي ٻهراڙين جي خاموشي بہ ملي ٿي تہ شهرن جو شور پڻ آهي، تعليمي ادارا، درسگاهون آهن، زمان ۽ مڪان پڻ ملن ٿا. عشق، محبت ۽ ماتم جون موسمون ملن ٿيون. درد، آلاپ، وڇوڙن جا ورلاپ ملن ٿا. اميدون ۽ آسون ڪر موڙي جاڳي اٿن ٿيون. سدا بهار گل ڦل جيون، جنون، جوش ۽ جذبا اجالا جرڪن ٿا.

اهي سموريون خوبيون محسوس ڪندي هن ناول تي لکندي ۽ انسان جي سر تي ٿيندڙ تقدير جي تماشن تي سوچيندي، لڇندي، لوچيندي اڌ رات کان جاڳندي پنهنجي اکين ۾ عشق جي آزادي ۽ ڌرتي جي خوشحاليءَ جا خواب سانديندي اکين جو قسم کڻي چوان ٿو سنڌي ٻوليءَ جو ادب پڻ نوبل پرائيز جو حقدار آهي ۽ منهنجي سنڌ جي هن ھلدار ناول نگار کي اهڙو مان ضرور ملندو!!

اياز دانش ـ بدين

18 اپريل 2016ع

رات جا 2 لڳي 25 منٽ



sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

توڙي جو "پنکي ويل سپنا" عزيز ننيرو جو پهريون ناول هو، پر ان ناول سنڌ ۾ جيڪا مچتا ماڻي ۽ پڙهندڙن جي هڪ مخصوص حلقي کي پاڻ ڏانهن متوجه ڪيو. اها ڳالهه گهڻن لاءِ ته حيرت جوڳي هوندي، پر مون کي ان ڪري حيرت نه ٿي جو هو پنهنجي لکڻين ذريعي اڳ ۾ ئي ڌاڪو ڄمائي چڪو هو. عزيز ننيري جو هي ٻيو ناول "تقدير جو تماشو" به پنهنجي انوکي آرٽ ۽ ڪرافٽ سان شروع کان آخر تائين پڙهندڙن کي پنهنجي گهيري ۾ وٺي ٿو ڇڏي. هڪ انتهائي حساس ۽ اڻ ڇُهئي موضوع سان ڀرپور نياءُ، سماج تي گهري نظر، ناول جا جاندار ڪردار، ان جو پسمنظر ۽ مڪاليه سندس وسعت جي گواهي ڏين ٿا، جيڪي سندس سڃاڻپ رهي آهي. عزيز هن ناول جي صورت ۾ اسان اڳيان هڪ اهڙو آئينو ٽنگيو آهي، جنهن ۾ انارڪي انتشار ۽ ڇڪتاڻ جو شڪار هي سنڌي سماج پنهنجي تمام خوبصورتين ۽ بدصورتين سان ٻروار ٿي پيو ٿو.

ناول ۾ مقدس ۽ ڪومل جون ڪيفيتون ڀلي ڪنهن يورپي مفڪر جي نظرئي پٽاندڙ نه هجن پر اهي درد جو اهڙو ڪٿارس ضرور آهن، جيڪو سماجي جبر جو شڪار ٿي هن ڌرتي جي عورتن جي اڪثريت ڀوڳي ٿي، پوءِ به اڏولتا سان جيئڻ جي جنگ ۾ مصروف آهي، فن جو مقصد ڪنهن تجربي ۽ ان جي تپش کي عام ماڻهن تائين پهچائڻ جي جاکوڙ ڪري ٿو. ٽالسٽاءِ جي انهن لفظن جو عزيز نه رڳو ڀرم رکيو آهي پر پنهنجي تخليقي سگهه ۽ مسلسل ڪميٽمينٽ سان پنهنجو انفرادي نانءُ به پيدا ڪيو آهي. آئون به پنهنجي محدود ڄاڻ موجب دوستن جي انهن لفظن سان متفق آهيان ته بدين ضلعي جو هي پهريون ناول نگار آهي، جنهن پنهنجا ناول مارڪيٽ ۾ آڻي بدين جي تاريخ ۾ پنهنجو منفرد سڃاڻپ سان نالو لکرايو آهي. ذاتي طور به عزيز منهنجو هڪ اهڙو دوست آهي، جيڪو شخصي ۽ خسيس مفادن کان مٿاهون سوچيندو آهي. سندس زنده دلي ڇهري جي دائمي مرڪ مان ظاهر ٿيندي آهي ۽ هن فقير طبيعت يار شهريت کي قائل نوٽ جيتري اهميت ڏني آهي، گذريل پنجن سالن کان ايف ايم 105 بدين تان پنهنجي درديلي آواز سان دليون منديندڙ منهنجي هن سادڙي طبيعت واري يار لاءِ دعا آهي ته هو سدائين پنهنجي ذات ۽ ذات جي خوشبوءِ سان پنکي ويل سپنا ۽ تقدير جو تماشو جهڙا شاهڪار ناول لکندو رهي.

فراق هاليپوٽو

ٽنڊو باگو

10-02-2016



sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

# تقدير جو تماشو



sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

"ماسي ڏس تہ سهي هن ڏائڻ ڪي...؟ نئي ڄاول معصوم ٻارڙيءَ کي گهٽا ڏيئي مارڻ جي ڪوشش پئي ڪري...!؟"
ماسي جاناں لُوهہ ڪري پوڙهي کي ٻاڪرن ۾ ڀري ٻاهر ڌڪا ڏيندي چوي ٿي "متو ڦريو اٿئي ڇا رن، هي اسپتال آهي، ڪوس گهر ڪونهين، جتي ماٺهو ڪهجن...!"
پوڙهي پاڻ ڇڏائڻ لاءِ مزاحمت ڪندي چوي ٿي "آئون ڪڏهن بہ انهيءَ پاپي ڇوڪريءَ کي زنده گهر ڪونہ ڪٽي ويندس...!"
"ها تون نہ ڪٽي وڃجان. اسين پاڻهين ڪنهن بي اولادي کي خدا ڪارڻ ڏيئي ڇڏيندا اسين، پر خون ٿيڻ ڪونہ ڏيندا سين" ماسي جاناں ائين چوندي پوڙهيءَ کي ڊليوري روم مان ٻاهر ڪڍي اندران ڪُنڊي لڳائي ڇڏي ٿي. ڪمري ۾ اونده ڇانئجي وڃي ٿي تہ ٻٽڻ آن ڪري ٽيوب لائيٽ کولي ڇڏي ٿي. جنهن سان سڄو ڪمرو سفيد روشنيءَ ۾ جرڪي پوي ٿو.
ننڍڙي جُهولي ۾ ڇڙيون هڻندڙ ٻارڙي هاڻ خاموشيءَ سان ڪيڏڻ لڳي ٿي. بيڊ تي سُتل سندس ماءُ پاسيري نظر سان وجود مان جنم وٺندڙ ننڍين وجود کي حسرت ڀريل نظرن سان نهاريندي زارو قطار روئي رهي آهي ۽ ڪجهڙين ڳلن تان رستا ٺاهي وهندڙ لڙڪن جا وهڪرا ڪپهہ جي بستري ۾ جذب ٿيندا رهن ٿا. مامتا سندس اندر ۾ "ٻاٽي ٻنا ٻلي" وانگي ڦٿڪڻ لڳي ٿي ۽ ڪنهن شديد پيڙاءِ جي ڪيفيت ۾ هو، هيٺيون چپ زور سان ڏندن ۾ ڀيڪوڙي، ٻارڙيءَ تان نظرون هٽائي، ڪنڌ ٻئي طرف ڦيري اکيون پوري ڇڏي ٿي ۽ پنهنجو پاڻ سان اندر ۾ ٻُٽڪي پوي ٿي "يا خدا: مون کي پنهنجي اکين سان پنهنجي "تقدير جو تماشو" ڏيکارڻ کان اڳ ماري ڇو نٿي ڇڏئي...!؟"
اهو سارو حساس ۽ ڏکوئيندڙ منظر سحرش ڊاڪٽرياڻي پنهنجي حساس نظرن سان ڏسندي رهي ۽ پوءِ هن جي اندر ۾ پڻ مامتا جو عظيم احساس آرس ڀڃڻ لڳو هو... هن وڏي وچي صندل تان هتوراٽيون هڻندڙ معصوم ٻارڙي کي پنهنجي هٿن ۾ کڻيو ۽ اچي ماءُ جي ڀر ۾ ليٽائي ڇڏيو. روئيندڙ ماءُ ڳاڙهيون ڀنل اکڙيون ڪٽي ڀريان ڊاڪٽرياڻي ڏي ڏٺو ۽ پوءِ پنهنجي



sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

گونجندي محسوس ٿيو هو "تہ: هيءَ ڇوڪري گنهگار نٿي ٿي سگهي...!؟ ضرور سائنس ڪائي ويساهہ گهاتي ٿي آهي...!؟" ڊاڪٽرياڻي جي دل ۾ هن لاءِ همدردي ۽ تجسس ويتر وڌي ويو...! ۽ ٻيهر ٻارڙيءَ سان پيار ڪندي جهڪيل ڪنڌ سان ٿي چوي ٿي "لڳي تو ڏيءَ، تو سان قسمت ڪونہ نڀايو...!؟"

"ها جيجيءَ هيءَ سڀ منهنجي تقدير جو ئي تماشو آهي، انهيءَ ۾ ٻي ڪنهن جو بہ ڏوهہ ڪونہ آهي!!!"" ڀڃريون ڀيرو انهيءَ جوان ڇوڪري جو مٺڙو آواز ڪمري ۾ گونجيو هو. هن جي آواز ۾ عجيب پنهنجائپ جو احساس هو. جڏهن هوءَ جيجي چئي ڊاڪٽرياڻي سان مخاطب ٿي تہ ڊاڪٽرياڻي پنهنجائپ جي نفيس احساسن ۾ گهيرجي پئي هئي...! ائين لڳس، ڄڻ انهيءَ نينگري سان رت جو ڪوئي گهرو رشتو جڙيل هجيس...!؟ هو بغور انهيءَ ڇوڪريءَ جي معصوم صورت ۽ سادگي کي ڏسندي چوي ٿي... "ها، جڏهن تون مون کي جيجي جهڙي مقدس نالي سان ۽ مون تو کي ڏيءَ جهڙي مضبوط رشتي سان سڏيو آهي تہ پوءِ ڇا تون مون جيجيءَ کي پنهنجي هن عجيب وارتا کان واقف نہ ڪرائيندين ڏيءَ...!؟"

..... هوءَ اداس نيڻ کڻي انهيءَ ڊاڪٽرياڻي جي شفيق نيڻن جي وسعتن ۾ ڏور ڏور تائين نهارڻ لڳي ٿي ۽ ڄڻ تہ وڃائجي ويل ڪنهن پنهنجائپ کي ڳولڻ جي ڪوشش ڪري ٿي...!؟ اها اوپري ڊاڪٽرياڻي جنهن کي بيخيالي ۾ هن جيجي سڏيو ۽ انهيءَ عارضي رشتي جي اکين ۾ حقيقي ماءُ جي جوت جرڪندي محسوس ٿيس ٿي...

هوءَ ڊليوري روم جي ديوار تي ٽنگيل انهيءَ ڪئلينڊر کي ڏسي ٿي جنهن تي ماءُ پنهنجي ٻارڙي کي گوڏن تي سمهاري ٿڃ پياري رهي آهي...! سرير منجهان هڪ ڏکو ساهہ ڪڍي بيڊ کي لوڏي، ڪمري ۾ هلڪو پڙلاءُ پيدا ڪري خاموش ٿي وڃي ٿو...! هوءَ مير انجهڙيءَ ڀوتي سان اکيون اگهندي، سڏڪن ۽ سسڪين کي روڪي روڪي ڊاڪٽرياڻي سحرش کي پنهنجي ڪهاڻي ٻڌائڻ شروع ڪري ٿي.

❋❋❋❋❋



sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

منهنجو نالو غلام زهره آهي پر بابا ننڍڙي هوندي کان مون کي پيار مان گُلي سڏيندو آهي. اسين روپا ڳوٺ جا آهيون. منهنجو پيءُ هڪ غريب هاري آهي ۽ سندس اولاد ۾ صرف اسين ٻه ڏيئرون آهيون، جن مان آئون ننڍي آهيان ۽ منهنجي وڏي ڀيڻ ڳوٺ ۾ ئي چاچي جي پٽ سان پرڻايل آهي. انهيءَ جو نالو غلام فاطمه آهي. اسان جو ڪو به ڀاءُ ڪونه آهي. بابا وڏيري مير خان جو هاري آهي. جيڪو هڪ وڏو زميندار ۽ وڏي پهچ وارو ماڻهو آهي. اهو وهيءَ کان موتيل آهي ۽ وارن کي رنگ ڪري پاڻ کي نوجوان ڏيکارڻ جي ڪوشش ۾ هوندو آهي اهو وڏو مڪار ۽ عياش وڏيرو آهي. جنهن اڄا تائين شادي به ناهي ڪئي ۽ پاڻ کان وڏي ڀيڻ جي به شادي رڳو ملڪيت بچائڻ خاطر ڪونه ڪرايائين. جيڪا گذريل سال گذاري ويئي. وڏيري مير خان کي پاڙي ۽ ڳوٺ جو ڪو به ڊپ ڪونه آهي. ايتري تائين جو جڏهن بنگلي تي دوستن جي محفل مچائيندو آهي ته هارين جون ڇوڪريون زوري ڪڍائي راتيون رنگين ڪندو آهي. وڏيري مير خان هڪ ڀيري مون کي پنيءَ مان گاهه ڪندي ڏسي ورتو. ساڻس گڏ چمچو ڪمدار فيضو هو. اڳيان وڏيرو ۽ پويان ڪمدار پئي لڏندا لمندا اچي هاري جي انهيءَ ٻني تي بيٺا جنهن مان مون گاهه پئي لڻيو. اوچتو ظالم وڏيري کي سامهون ڏسي مون کان ڇرڪ نڪري ويو. هڪدم منهن پري ڪري پوتيءَ جي پلئه سان پردو ڪيم.

فيضو "هي ڇوڪري ڪهڙي فارم جو آهي؟" وڏيري غضبناڪ لهجي ۾ پڇيو ۽ فيضو چمچاگيري جي انداز ۾ چوڻ لڳو "پوتار سائين: اها پنهنجي هاري بخشل جي ڌيءُ آهي."

"ڪمدار، توکي نه چيو هئم ته پنهنجي باغ ۾ جيڪو به ميوو پچي ان جو ذائقو سڀ کان پهرين مون کي چکرائيندا ڪريو. متان اڳ ۾ ئي ڪو طوطو ٽُڪي وڃي...!؟" وڏيري داهي واري لهجي ۾ ڪمدار کي تڪو ڪيو ۽ ڪمدار فيضو هٿ جوڙيندي چيو ته "پوتار. اوهان جو حڪم ڪپي. بابا سائين! بخشل ته هونئن ئي پنهنجي قرض ۾ ايترو جڪڙيل آهي جو گهٽي محنت ئي نه ڪرڻي پوندي. اصل ڪجهه لٽ ۽ ڪجهه چٽ. پاڻهين ڪلهن تي کڻي اچي. پوتار سائين جي قدمن ۾ اُڇلائيندو.



sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

جيڪڏهن ائين نہ تہ پوءِ رستا پيا بہ ڪوڙ، هي پوتار سائين جي جنت جاگير آهي، جيڪا شيءِ طلبيندو، اها پاڻ اچي قدمن ۾ ڪرندي...!!"

وڏيرو مير خان ڦري اچي منهنجي سامهون بيٺو هو. منهنجي منهن تان جهڙپ ڏيئي پوتي جو نقاب لاهي ورتو هٿائين ۾ مڇ کي مروڙيندي چيائين.

"ڪمدار، شيءِ ڏاڍي جهڙي آهي، هن کي تہ حويلي جو سينگار بڻائڻو آهي...!؟"

ان وقت اوچتو منهنجي ڏڪندڙ بدن ۾ ڪاوڙجي لهر اُٿي هئي... پنهنجي هٿن سان وڏيري کي زور سان ڌڪو ڏنو هئم ۽ وڏيرو ڪرندي ڪرندي پني تي تريون ڪوڙي ويهي رهيو. سندس اکين ۾ اکيون وجهندي چيم.

"ڪتا، ڪمينا، ڪنهن جي ڇائيءَ ۾ اکيون وجهندي شرم ئي ڪونہ ٿو اچيو...!؟ هاري تہ پڇن برابر هوندا آهن... پنهنجي پڇن جي عزتن سان کيڏندي، ڪائي غيرت بہ ڪونہ ٿي جاڳي...!؟ ۽ ها، چاپلوس ڪمدار، اگر وڏيري وٽ پيش ڪرڻي اٿئي تہ پنهنجي ڌيءَ آمنہ کي پيش ڪر... ڪن ڪولي ٻڌي ڇڏ، وڏيري جي حويليءَ ۾ منهنجي جُتي بہ ڪونہ ايندي".

ائين چئي آئون ڊوڙندي ۽ روئندي گهر هلي آئي هيس پر وڏيري ۽ ڪمدار مان ايتري ست ڇڏائي ويئي جو مون کي سامهون هڪ لفظ بہ ڪونہ ڪجهي سگهيا هئا.

گهر اچي جڏهن امان ۽ بابا سان اها ڳالهہ ڪئي هئم تہ امان پار ڪڍي روئڻ ويٺي هئي تہ هاڻي اسين برباد ٿي وينداسين... اسين لُٽجي وينداسين... اسان کي ظالم وڏيري کان ڪير بچائيندو...!؟

۽ بابا بدحواسن وانگي پنڊ پهڻ ٿي ويٺو رهيو. ڇڻ پٿر جو بُت هجي...!؟ امڙ اوڇنگارون ڏيندي مون کي ٻانهن کان ڌونڌاڙيندي چوندي رهي "ڳالهيون ڏيءَ هيءَ ڇا ڪيو...؟ اڙي تو تہ اهو بہ ڪونہ سوچيو تہ تون هڪڙي مسڪين ۽ بي پهچ هاريءَ جي ڌيءَ آهين...!؟"

۽ ان وقت آئون بہ امڙ کي چنبڙي دانهون ڪندي روئندي رهيس...! ان وقت اسان تي ڪنهن انسان کي تہ رحم نہ آيو پر تيري آڪاش جي سائين



sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

ڪي بہ ڪمل ڪونہ آئي جو اسان کي مصيبت مان ڪيڍڻ لاءِ ڪي رحمت جا فرشتا اماڻي ها...!

ان شام اسان جي گهر ۾ چلهہ ڪونہ ٻري ۽ روئندي رڙندي رات پئجي ويئي...

نيڪ اڌ رات جو چار ٻہ پڌل بندوقن وارا ماڻهو اسان جي گهر ۾ گهڙي آيا... پوڙهي بابا ۽ ڪمزور امان کي بندوقن جا ڪنداق هڻي زخمي ڪيائون ۽ مون کي ٻانهن مان گهليندا ڪڍي ويا...! مون رڙيون ڪيون سڏ ۽ واڪا ڪيا پر ڪنهن بہ سڏ ڪونہ ورايو ۽ مون کي اچي ظالم وڏيري جي قدمن ۾ اڇلايو ويو...

ان وقت مون هٿ ٻڌا، پيرن تي پوتي رکيم، قرآن جا واسطا ڏنم پر مون جيئن واسطا تي وڌا، جيئن قسم تي ڏنا، تيئن انهيءَ وڏيري وڌا ٺمڪ تي ڏنا... ۽ پوءِ مون کي زوري ٻانهن مان ڇڪيندي چوڻ لڳو... "او بيوقوف ڇوڪري: تو ڪمدار فيضو جا اهي لفظ ڪونہ ٻڌا هئا تہ هي وڏيري مير خان جي جاگير جنت آهي، اهو جيڪو طلبيندو آهي، اها شيءِ پاڻ اچي قدمن ۾ ڪرندي آهي...!؟"

"۽ تون تہ جوانيءَ ۽ حسن جي ٻلهہ تي اهو بہ وساري ويٺين تہ جنهن داڻي مان اوهين پيٽ جي دوزخ ڀري رهيا آهيو انهيءَ جو مالڪ بہ آئون وڏيرو مير خان آهيان... ها ها... ها ها...

وڏيري جي ٺهڪن وچ ۾ وري هٿ ٻڌي چيم "وڏيرا سائين، مونکان غلطي ٿي وئي، مون کي معاف ڪريو." پر هن ظالم منهنجي هڪ بہ ڪونہ ٻڌي ۽ گهليندو هڪ ننڍڙي ڪمري ۾ وٺي آيو.....

ان رات هو وحشي درندن جيان صفا اگهاڙو ٿيو پيو هو ۽ منهنجي ڪنواري بدن تان چيري ڦاڙي ڪپڙا لاهي، ڏينيوئن جيان منهنجي مقدس بدن کي سڄي رات ڏنيبو هئائين ۽ آئون تازي ڪُنل ڪڪڙ جيان ڪمري ۾ ڦٿڪندي رتورت ٿي پيئي هئس.

ان رات مون سنڌ جي سمورن اوليائن کي گڏ ڪيو هو، قدرت جي قهر کي پڪاريو هئم، زمين کي ڦاٽي پوڻ لاءِ ليلايو هئم، پر منهنجي تقدير اهڙي لوهي ليڪ مثل ثابت ٿي، جو ڪا بہ طاقت مون کي لُتجڻ کان بچائي



sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

”گلان ڏيءَ: هڪ ڳالهہ پڇانءِ؟“

”ها جيجي، ڀلي پڇو؟“

”تون پڙهيل ڪيتري آهين...؟“

”جيجي: آئون سنڌيءَ جا رڳو ٽي درجا ڳوٺ جي اسڪول ۾ پڙهي هئس، پر دنيا جي دستور مون کي الائي تہ ڪيتريون پٽيون ۽ سبق پڙهائي ڇڏيا آهن، ها جيجي، مون گهڻو ڪجهہ پڙهيو آهي...؟“

”گلان ڏيءَ: تنهنجي ڳالهين ۾ ايتري گهرائي آهي، جو مون سمجهو تہ تون ڪائي يونيورسٽي پاس آهين...!؟“

اوچتو ٻارڙي جي روئڻ تي سندن ڳالهين جو سلسلو ٽٽي پوي ٿو. گلان جي چهري تي پيهر ڏک جون ليڪون ظاهر ٿي پون ٿيون ۽ هوءَ پاسيري ٿي ٻارڙي کي ڇاتيءَ سان لڳائي پنهنجي مامتا نڇاور ڪري ٿي.

ڊاڪٽرياڻي کي هڪ ويڳاڻي ماءُ جي اهڙي مامتا تي وري بہ قياس اچي وڃي ٿو. ٻارڙيءَ جي منهن ۾ نهاريندي پڇي ٿي. ”گلان ڏيءَ! هوءَ ٻاهر ويٺل پوڙهي تنهنجي ماءُ آهي نہ؟“

”ها.“ گلان ڪنڌ ڌوڻي ٿي.

”تہ پوءِ ان تنهنجي هن معصوم ٻچڙيءَ کي مارڻ جو ٿي چاهيو؟“

ڊاڪٽرياڻي جي سوال تي گلان ٻارڙي تان توجهہ هٽائي ٻيهر ڊاڪٽرياڻي جي سواليہ اکين ۾ ڏسندي روئڻ هارڪي لهجي ۾ وراڻيو.

”جيجي: انهيءَ ۾ امان جو ڪو بہ تہ ڏوهہ ناهي...! هن کي خبر آهي تہ جيڪڏهن هو مون کي ان ٻارڙي سوڌو واپس ڳوٺ ولي وٺي تہ اسان ٻنهي کي قتل ڪيو ويندو...!؟“

”گلان ڏيءَ: ڄمڻ مرڻ صرف الله جي ذات کان آهي، زندگي موت ۽ عزت ذلت تہ ان جي هٿ ۾ آهي... وڏيرو ڪو خدا تہ ڪونہ آهي...!؟“

”جيجي! وڏيرو خدا نہ تہ شيطان ضرور آهي ۽ شيطان کي الله تعاليٰ طرفان ڊگهي رسي مليل آهي...! ۽ پيو تہ منهنجو پنهنجي تقدير تان ان رات ويساهہ کڄي ويو، جڏهن آئون بيگناهہ لُٽبي رهيس، پر منهنجي لڙڪن ۽ سڏڪن، آهن ۽ دانهن، سڏڙن ۽ پڪارن، دعائن ۽ بد دعائن ۾ ڪو بہ اثر جاڳي ڪونہ سگهيو هو ۽ آئون بي يارو مددگار وڏيري جي



sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

يقين ڏياريو ۽ پوءِ ڳلان جي ڇهن تي هڪ ڀرپور مرڪ ۽ اکين ۾ اميدن جا موتي جرڪي پيا هئا...
جڏهن فجر جون اذانون پئي مسجدن مان آيون، تڏهن هنن وڇڙ جا سعيا ڪيا... ڳلان پنهنجي مٿي تان سائي رنگ جي ميرانجهڙي پوتي لاهي پنهنجي معصوم نياڻيءَ تان اوڍائي... ۽ پوءِ جهڪي سڄي ڇمري تي ديوانن وانگي چمندي ٻارڙيءَ جي ڇاتي تي منهن رکي روئڻ لڳي هئي.
ماسي جانان وڏي اڇي ڪيس ڪلهن ڪان ٻاڪر پاتو هو ۽ هو ماسي جانان جي ٻاڪرن جي سهاري ڊليوري روم مان آهستي آهستي ٻاهر طرف وڌڻ لڳي...
ڪمري جي چانٺ تي پهچي هن پيهر مڙي ٻارڙيءَ ڏانهن ڏٺو ۽ ڪرندي ڪرندي پاڻ سنڀالي ورتو. اسپتال جو لوهي در ڪليو ۽ هنن کي بيل گاڏي ۾ سوار ڪيو ويو، پرهه جي روشنيءَ سان گڏ بلبن جي جهڪي تي ويل روشنيءَ ۾ بيل گاڏي چيڪاٽ ڪندي روڊ تي وڃڻ لڳي ۽ ڳلان گاڏيءَ جي پاٺين ۾ هٿ وجهي نيڻن نمار تائين حسرت ڀرين نظرن سان اسپتال ڏانهن ڏسندي رهي...!!

*****

ڊاڪترياڻي دير تائين پلنگ تي پاسا ورائيندي انهيءَ نينگريءَ بابت سوچيندي رهي... ڪيس راتوڪي اوجاڳي جو ڪو به احساس نه هو. ننڊ سندس نيڻن کان ڪوهين ڏور وڃي چڪي هئي... ۽ ڊاڪترياڻي جي ذهن ۾ سادڙي، سباجهڙي ۽ معصوم ڳلان جون ڪيل ڳالهيون هڪ هڪ تي ياد اچڻ لڳيون هيون ۽ سندس رڳن ۾ رت بدران جڻ ته بيچيني ڊوڙي رهي هئي. ائين پئي لڳس جڻ ڳلان سان ٿيل سموري وارتا ساڻس ئي تي هجي... ۽ پوءِ سندس دل ۾ انهيءَ جاگيرداري نظام کان سخت نفرت ٿي پئي هئي... چڙ اچڻ لڳس انهن ظالم سرمائيدارن تي جيڪي پنهنجي جاگير ۾ اڌامنڊڙ آزاد پکين کي پڻ پنهنجو غلام سمجهن ٿا ۽ سندن زمينن جا سينا چيري مٽيءَ مان سون اپائيندڙ هارين جي ننگن سان سرعام پنهنجا نفس وندرائي، معصوم صدائن عيوض وحشي ٽهڪ اُڏارين ٿا...!



sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

جيجي ۽ هو منهنجي صفا پنهنجي هجي...!؟“
هوءَ ٻيهر سڌي ٿي سمهي ٿي ۽ خيال ٻئي طرف هليا وڃنس ٿا.
”جيجي...! تون ڊاڪٽرياڻي آهين نه...! ٿي سگهي ته هڪڙي زهر جي سُئي مون ۾ منهنجي چاول ٻارڙيءَ کي اڏو اڏ ڪري هٽي ڇڏ...!؟“ ڳالهين جا لفظ ذهن تي هتوڙا ٻڌجي وسڻ لڳن ٿا ۽ هو هڪدم اکيون کولي ڇڏي ٿي.
هاڻي طبيعت ۾ وڌيڪ بيچيني ۽ دماغ تي ڳهٽو ٻار محسوس ڪرڻ لڳي ٿي... اٿي اچي ڪٻٽ مان Zenax گوري ڪڍي کائي ٿي ۽ واپس بيزاريءَ مان بيڊ تي بُت اُڇلائي ٿي... ڪافي دير جي لوڇ ڪام ڪانپوءِ نه ڄاڻ ڪهڙي ويل بدن آرامي تي پهچي توءِ ننڊ نيٽڻ تي هٿ رکي کيس گمنامي جي دنيا ڏانهن وٺي وڃيس ٿي...!؟

*****

صبح جو ننڊ مان جاڳندي ئي هن سڀ کان پهرين ماسي جانان کي سڌي ننڍڙيءَ بابت پڇيو. ”ماسي! هوءَ ننڍڙي ڪيئن آهي رات تنگ ته ڪونه ٿي هئي؟ کير پياڻين...؟“
”ها ميڊم: کير پياريو اٿم، ٻارڙي بلڪل صحتياب آهي، توهان ان جو ڪو به اُلڪو نه ڪريو...!“
”ٺيڪ آهي ماسي، ننڍڙيءَ جي سار سنڀال تنهنجي ذمي آهي، اگر ڪنهن ڳالهه جي ضرورت پئي ته مون کي ضرور سڏائجان...!“
”جيءَ ميڊم: ضرور ٻڌائينديس...“ ماسي جانان ٻاهر وڃي ٿي.
ڊاڪٽرياڻي سحرش ڏندڻ پاڻي کان آجي ٿي، سڌو پنهنجي مڙس ڊاڪٽر فرحان جي ڪمري ۾ هلي وڃي ٿي. سندس ٻير ۾ صوفي تي ويهندي ئي چوي ٿي.
”فرحان: رات هو جيڪو ڊليوري ڪيس آيو هو نه...!؟“
”ها ها! ڇا ٿيو انهيءَ ڪيس جو سحرش؟“ ڊاڪٽر چڻ چرڪ ڀريندي سڌو ٿي ويهي ٿو رهي.
”انهيءَ جي ڌيءَ جائي.“ سحرش اطمينان سان جواب ڏنو ته ڊاڪٽر فرحان ٽڙو سڌو ڪٽي صوفي کي ٽيڪ ڏيندي چيو ”يار ڳالهه اهڙي انداز



sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

ٿاھڻ لڳا ھئس...!

ڊاڪٽر فرحان پنھنجي زال جي حساسيت کان واقف ھو. ھن سندس درد کي چڱي طرح سمجھي ورتو ھو. وڏي اچي ڪنڌ ۾ پاڪر پائيندي پيار گاڏڙ ھمدرديءَ مان چيائين.

"بس سحرش بس! آئون سمجھي سگھان ٿو تہ تو جيڪو ھمدرديءَ وارو ڪارنامو ڪيو آھي، انھيءَ تي خود خدا بہ خوش ٿيو ھوندو...! ھاڻ اھا معصوم پنھنجي پيار ۾ پلجندي. ھن گھر ۾ ٿي رھندي ۽ پنھنجي ٻارن سان پنھنجي ئي اولاد وانگي ڪيڏندي، پڙھندي ۽ تو جھڙي ھڪ ڏينھن ڊاڪٽرياڻي ٿيندي... ڪيس ڪڏھن بہ اھو احساس ٿيڻ نہ ڏيندا سون تہ ھوءَ ڪنھن ٻئي جو اولاد آھي...!!"

ڊاڪٽرياڻي خوش ٿي پنھنجي مڙس جي اکين ۾ مرڪي نھاريو ۽ ڊاڪٽر فرحان پيار مان سندس مٿو پنھنجي ڇاتيءَ سان لڳائي ڳلن تي پيار جون ٺڦڪيون ھڻڻ لڳو... تڏھن ڊاڪٽرياڻيءَ جا راتوڪا سمورا ٿڪ لھندي محسوس ٿيا ۽ ڪيس مڙس جي ٻانھن جي پناھن ۾ ننڊ جا خمار چڙھڻ لڳا...

اوچتو سندن ٻارڙا شھباز ۽ نازش اسڪولي ڊريس ۾ تيار ٿي پنھنجي پيءُ ماءُ کي اسڪول جو سلام ڪرڻ لاءِ ڪمري اندر گھڙي آيا تہ ٻئي زال مڙس سڌا ٿي صوفہ تي ويھي رھيا ۽ اسڪول ويندڙ ٻارڙن کي پيار ڪيائون. ڊاڪٽر فرحان کين اسڪول جي خرچي ڏني ۽ ھو ٽينگ ٽپا ڏيندا ڊوڙي ڪمري مان نڪري ويا ۽ سندن ماءُ پيءُ پيار مان مرڪي کين خوش ڏسندا ئي رھيا. جڏھن ھو اسڪول طرف روانا ٿي ويا تہ ڊاڪٽر فرحان پنھنجي زال جي اکين ۾ ڏسندي چيو "سحرش! سچ پچ تہ ٻار گھر ۾ خوشين جي گلدستي مثل ھوندا آھن. انھن جي موجودگيءَ سان ئي گھر جون سڀئي رونقون برقرار آھن. ورنہ گھر بہ ڪنھن آفيس مثل ھجي ھا. جنھن ۾ صرف ڪم ڪار ئي ڪري پيو سگھجي پر ذھن کي سڪون ڏيندڙ ڪا بہ ونڊر تہ باقي نہ ھوندي آھي...!؟"

"توھان سچ ٿا چئو، پر ڊاڪٽر صاحب توھان پنھنجي گھر ۾ آيل نئين خوشيءَ کي نہ ڏسندا ڇا؟"



sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

سندن گهر ۾ خوشيءَ جو هڪ عجيب ۽ پرڪيف ماحول جڙي پيو هو. قسم قسم جون ملهايون ورهائجي ويون. سندن ٻئي ڀار شهباز ۽ نازش گهر ۾ نئين وندر ملڻ تي بيحد خوش نظر پئي آيا ۽ هنن پنهنجي پيٽ متعلق پيءُ ماءُ کان ڏاڍو وٽندڙ، اُتساهيندڙ ۽ مرڪائيندڙ سوال جواب پئي ڪيا. هنن معصوم ذهن سان ڪيئي پيار، ڪيئي هجتون ۽ ڪيئي خواهشون جوڙي ڇڏيون هيون. خود سحرش خوشيءَ جي خوبصورت احساس ۾ پنهنجو اندر ڏاڍو مهڪندڙ محسوس ڪرڻ لڳي هئي. مطلب تہ معصوم مقدس جي اچڻ ڪانپوءِ اٿين تي لڳو ڄڻ گهرياتين جا چهرا ئي نہ پر دليون ۽ گهر جون در، ديوارون پڻ مُرڪي رهيون هيون. بلڪل ائين ئي جيئن گهر ۾ نئون ٻار ڄمڻ وقت خوشيءَ جو ڏيک هوندو آهي...!

*****

وقت جي ڪاٺن جا بي لغام گهوڙا، ٽاپ ٽاپ ڪندا گمنام منزل ڏانهن ڊوڙندا رهيا ۽ حال جي حقيقتن کي ماضيءَ جي طرف ڌڪيندا اڳتي وڌندا رهيا.... سيڪنڊ منٽن ۾، منٽ ڪلاڪن، ڪلاڪ ڏينهن، ڏينهن مهينن ۽ مهينا سالن جا فاصلا گهٽائيندا رهيا. انهي ڪي نصيبن جو ڏوهہ چئجي يا هٿ لڪيرن جو ڪمال، جو هڪ بدنصيب ماءُ جي ڪک مان جنم وٺي، موت جي چنبن مان بچي نڪتل ٻارڙي، پنهنجي حقيقي ماءُ پيءُ کان اڻڄاڻ تي، ڊاڪٽر جي اسپتال نما بنگلي ۾ اميراڻي زندگيءَ ۾ ٻانبڙا پائيندي بيپناهہ محبتن ۾ ٿهڪ اڏاريندي ڪير، بوتلن ۽ نرم غذائن جا مرحلا طئي ڪري هاڻي سڄي ڪٽنب جي قرب ۾ ناشتي جي ٽيبل تي ويهڻ جي قابل تي وئي هئي. ڏکن جا ڏينهن بہ ڏونگر ڏارڻ مثل ڏکيا لڳندا آهن پر سُکن جا سال بہ سيڪنڊن مثل ماضي جي ساروٽين ۾ گم تي ويندا آهن. عمر جا ڏاڪا چڙهندي ماءُ پيءُ جي لاڏلي مقدس پرائمري جا پنج ڪلاس هوشياري ۽ چالاڪيءَ سان پاس ڪري انگريزي اسڪول تائين پهچي وئي هئي. هوءَ پڙهائي جي ڪم ۾ تمام تيز نڪتي هئي. ڇهون، ستون ۽ اٺون پوزيشن ۾ پاس ڪرڻ دوران هوءَ ماءُ سان گڏ اسپتال جي ڪم ۾ پڻ دلچسپي وٺڻ لڳي ۽ ٿوريئي وقت ۾ سئي لڳائڻ، بوتل چاڙهڻ يا مرهم پٽي ڪرڻ مقدس لاءِ مشڪل نہ رهيا هئا. جنهن ڪري



sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

وٽ پنهنجا نالا لکرائي فيس پڻ جمع ڪرائي. ان ڏينهن مقدس ڏٺو تہ ڪومل هڪ ڪنڊ ۾ ويهي پريڪٽيڪل جو ڪم لکي رهي هئي ۽ سندس چهري تي مايوسي جا تاثر صاف ظاهر هئا...!؟ تڏهن مقدس جو من بہ الائي ڇو صفا ويڳاڻو ٿي پيو هو. هو پنهنجي ڪلاس ميٽ ڪومل جي پيشانيءَ تي مايوسيءَ جون ريکائون ڏسي نہ سگهي هئي ۽ ڊيسڪون اورانگهي اچي سندس پر ۾ ڊيسڪ تي ويهي رهي... ڪومل پهريائين تہ ڇرڪ پري هن ڏانهن نهاريو ۽ پوءِ هڪدم پريڪٽيڪل بوڪ بند ڪري پنهنجي پريشانيءَ کي لڪائڻ لاءِ هڪ ڦڪي مرڪ مرڪي هئي... پر انهيءَ مصنوعي مرڪ وبتر سندس ويڳاڻپ کي ظاهر ڪري ڇڏيو...!؟ مقدس سندس اکين ۾ نهاريندي پڇيو... "ڇا ڳالھ آهي ڪومل سڄو ڪلاس ٽوئر تي پيو وڃي ۽ تون سڀني کان بيخبر ٻڌجي ڪاپيون فيئر ڪرڻ ۾ مشغول آهين...!؟"

ڪومل وري مرڪندي، جهيڻي لهجي ۾ وراڻيو.

"بس مقدس دوست: مون کي ڪوئي شوق ناهي ٽوئر جو...!"

"غلط... بلڪل غلط" مقدس چيو "اهو ڪيئن ممڪن آهي تہ تاريخي ماڳن جو دورو هجي ۽ توجهڙي محنتي ۽ هوشيار شاگرديائيءَ کي شوق نہ هجي...!؟"

"يقين ڪر مقدس! الائي ڇو؟ بس دل نہ ٿي چوي ٽوئر لاءِ...!"

"ڪوڙ نہ ڳالهاءِ...! ٻڌاءِ ڪهڙي مجبوري اٿئي؟" مقدس زور ڀريندي پڇيو.

مقدس جي انهيءَ هجت ۽ پنهنجائپ تي ڪومل جي دل ڀرجي آئي... هن ڪجھ چوڻ چاهيو پر ڪجھ بہ چئي نہ سگهي... لفظ نڙيءَ ۾ ڦٿڪندا ٻڌي بيهي رهيا...!!؟

مقدس اهڙي ڪيفيت مان ٿي ڪومل جون سڀئي مجبوريون پرکي ورتيون ۽ ڪيس ڪلهي تي هلڪي ٿڦڪي ڏيئي اٿي ٽيچر ڏانهن هلي وئي.

مقدس جي اهڙي خلوص، پنهنجائپ ۽ همدرديءَ تي ڪومل جا نيڻ ڪٽورا پلٽي پيا... پر لڙڪ ڪرڻ کان اڳ ئي ڪومل پوتيءَ جي ڪنڊ



sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

هر حال ۾ پڙهڻ جو جڻ قسم کنيو هو ۽ جڏهن ڪومل پنهنجي هن پرخلوص دوست جي محبتن آڏو مجبور ٿي پئي تڏهن چپ چوري مقدس ڪان اهو وچن ورتو تہ هو سندس ڪهاڻيءَ کي راز سمجهي ائين دل ۾ دفن ڪري ڇڏيندي، جيئن هن پاڻ پنهنجي دل جي قبر ۾ زندگيءَ جون اهي ڪئور حقيقتون هميشہ لاءِ دفن ڪري ڇڏيون هيون...؟ جيڪي ڪيس مقدر تحفي ۾ ڏنيون هيون...

مقدس تڏهن پنهنجو هٿ ڪومل جي مٿي تي رکندي، ڪومل جو هٿ ڪٽي پنهنجي مٿي تي رکندي دوستيءَ جو قسم کڻي کيس يقين ڏياريو هئائين تہ هوءَ ڪڏهن بہ اهڙي راز کي فاش نہ ڪندي، جنهن سان سندس دوست جي زندگيءَ تي ڪائي مصيبت جي گهڙي اچي يا ڪٿي کيس احساس محروميءَ ۾ ڪنڌ جهڪائڻو پئجي وڃيس...!

۽ ان ڪانپوءِ ڪومل پنهنجي درد ڪهاڻي هن طرح شروع ڪئي...

❊❊❊❊❊

منهنجو پيءُ هڪ ٽاليوارو زميندار هو. 800 ايڪڙيلي زمين جو مالڪ ۽ هڪ پڙهيو لکيو همدرد دل رکندڙ بهترين انسان هو. انسانيت جو ايترو قائل جو ڪنهن بہ غريب غربي کي تڪليف ۾ ڏسندو هو تہ هلي ملهي وڃي سندس مدد ڪندو هو. اوطاق بہ 24 ڪلاڪ وسندي هئي. ڪو بہ مسافر ايندو هو تہ ان جي خاطر خدمت پنهنجي هٿن سان ڪندو هو. ڪيترائي ماڻهو وٽس عرض ڪٽي ايندا رهندا هئا هو وس آهر ڪنهن کي بہ خالي ڪونہ ڇڏيندو هو. پئسي ڏوڪڙ کان ويندي، بيمارن جو علاج ۽ غريبن جون نياڻيون اٿارڻ ۾ پڻ ڀرپور ساٿ ڏيندو هو. هو تمام نرم دل، حساس طبيعت ۽ خلق جي خدمت ڪندڙ ڀلوڙ انسان هو. کيس پهرين شاديءَ مان ڪو بہ اولاد ڪونہ هو ۽ سندس اڳوڻي زال احساس محروميءَ سبب خودڪشي ڪري ڇڏي هئي. منهنجي ماءُ جيتوڻيڪ هڪ غير ذات مان هئي ۽ بابا جو نيڪ هڏي ڪانئس متاثر ٿي هئي. ۽ پوءِ هنن سڌي طرح رشتي جي ڪوشش ۾ ناڪاميءَ ڪانپوءِ گهران نڪري ڪورٽ ميريج ڪئي هئي ۽ انهيءَ مان سندس اولاد ۾ فقط آئون ئي هيس...

منهنجي پيءُ جو هڪ وڏو ڀاءُ بہ آهي، جيڪو اڻپڙهيو ۽ ظالم قسم جو



sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

سمجهندو هو. هن جي ڪوشش سان اسان جي ڳوٺ ۾ هڪ پرائمري اسڪول بہ کليو هو جتي هارين ۽ آسپاس جي ٻارن سان گڏ آئون بہ پڙهندي هئس. اسان جو استاد هڪ شفيق ۽ مهربان طبيعت جو انسان هو ۽ اسان کي اولاد جيترو پيار ڏيندو هو، جنهن ڪري سيئي ٻاروڙي چاهہ سان اسڪول ايندا هئا.

بابا سائين جي همدردانہ رويي ۽ غريب ماڻهن ۾ سندس لاءِ همدرديءَ جي ڪري چاچا مير خان کي متس ڏاڍي ڪاوڙ رهندي هئي ۽ ظلم ۽ ڏاڍ جي ڪري بابا سائين کي چاچا تي ڪاوڙ هئي جنهن ڪري اڪثر ٻنهي جاين تي ٻئي ڀائر هڪٻئي جا نظرياتي مخالف بڻيل هئا.

نيٺ چاچا مير خان کان بابا سائين جون ڳالهيون برداشت نہ ٿي سگهيون ۽ سندس ملڪيت قبائڻ لاءِ هو بابا سائين جو جاني دشمن بڻجي پيو.

هڪ ڏينهن وڏيرو مير خان امڙ جي ماڻتن وٽ هلي ويو ۽ بابا کان انتقام وٺڻ لاءِ کين تمام گهڻو ڀڙڪائي، هٿيار ۽ پئسا ڏنائين ۽ پڻ پوليس ۾ هر قسم جي مدد جو يقين بہ ڏيارايائين.

هڪ رات آسمان تي ڪارا ڪڪر ڇانيل هئا، کنوڻ جا چمڪاٽ ۽ گوڙ جا نڪاءَ تي رهيا هئا. ميهن اچان شروع ڪونہ ٿيو هو پر هلڪيون هلڪيون ڦڙيون وسي رهيون هيون... مون کي ڏاڍو ڊپ ٿي رهيو هو ۽ آئون بابا سائين کي ڀاڪر پائي ان جي سيني تي چنبڙي پيئي هيس... امڙ ڪمري جي ٻئي دنگ تي کٽ تي ليٽيل پئي هئي ۽ گهر ۾ ميڻ بتيءَ جي هلڪي روشني ڪمري ۾ ڇانيل هئي.

اوچتو ڪمري جو دروازو نڪاءَ سان کليو... بابا هڪدم مون کي سيني تان هٽائي ديوار تي ٽنگيل بندوق کڻڻ لاءِ اُٿيو ۽ مون ڊپ ۾ روئڻ شروع ڪيو. امڙ هڪل ڪئي "ڪير آهيو؟"

سامهون بہ مُنهن ويڙهيل ماڻهو بندوقون اُپيون ڪريو بيٺا هئا. هڪ ڊوڙي وڃي امان کي وارن مان جهلي ڌڪ هڻڻ شروع ڪيا ۽ ٻيءِ بندوق جا ٻئي نال بابا تي ڇوڙي ڇڏيا ۽....۽.....!!؟؟

ڪومل منظر ياد ڪندي خوف ۽ ڏک وچان ائين ڏڪندي زارو قطار روئيندي پنهنجو ڪنڌ مقدس جي جهوليءَ ۾ رکي ڇڏيو ۽ سڏڪا تيز



sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

ٽيڻ لڳا...!

مقدس جون اکيون پاڻي سان پرجي آيون ۽ ڏک جي لهر سندس من کي ويڳاڻو ڪري ڇڏيو. هيءُ هڪدم پوتيءَ جي پلئه سان لڙڪ اگهندي هيڏانهن هوڏانهن بس ۾ نهارڻ لڳي. ڏٺائين ته سڀئي سفر جي مستيءَ ۾ مست لڳا پيا هئا...

مقدس ڪومل کي سهارو ڏيندي، ڪيس حوصلو رکڻ لاءِ همٿائيندي چيو "ڪومل دوست" ڪجهه پاڻ سنڀال، بس ۾ ويٺا آهيون، انهيءَ عمل سان پنهنجا دوست ڇا سمجهندا...؟ ڪجهه پاڻ سنڀال...!"

تڏهن ڪومل ڪنڌ مٿي ڪٽي لڙڪ اگهيا ۽ سندس روڪيل سڏڪا هاڻ تڏن ساهن ۾ بدلجي ويا. ڪجهه دير لاءِ ٻئي خاموش ٿي ويون. خيال بدلائڻ لاءِ ڪومل دريءَ کان ٻاهر تيزيءَ سا پوئتي ڀوڙندڙ نظارن کي ڏسڻ لڳي ۽ مقدس، من ئي من ۾ ڪومل جي مظلوميت تي روئڻ لڳي هئي.

گاڏي پنهنجي پوري رفتار سان ڀوڙندي روڊ کي تڏي وانگي ويڙهي فاصلا گهٽائيندي رهي... مقدس ۽ ڪومل الائي ڪهڙين سوچن ۾ پاڻ وڃائي ويٺيون رهيون... ڪي پل هو ٻئي هڪ ئي سيٽ تي پڻ اهڙن اجنبي مسافرن وانگي سفر ڪنديون رهيون، جن جون سوچون هڪٻئي کان گهڻيون مختلف هونديون آهن...!؟

ڪومل جڏهن ڪجهه دير ڪانپوءِ دريءَ تان نظرون هٽائي مقدس جي چهري ڏانهن ڏٺو ته هن جي چهري تي ڪيس اداسيءَ جون انيڪ ريکائون ڀوڙندي محسوس ٿيون ۽ ڪومل جي دل ۾ چڻ ته ڪنهن پڇتاءَ جي احساس پاسو ورايو. هڪ دم ڪومل پنهنجو هٿ مقدس جي هٿ مٿان رکيو ته مقدس خيالن جي دنيا کان حقيقت جي طرف موٽي آئي.

ڪومل ڪوڙي مرڪ مرڪندي مقدس جي نيڻن جي وسعتن ۾ پري تائين نهاريندي چيو.

"مقدس: يار تون ايتري پريشان ڇو ٿي وئي آهين...!؟ مون ته پنهنجي ڏکن جي ڪهاڻي ٻڌائي گهڻي عرصي کانپوءِ پنهنجي من جو بار ڪجهه هلڪو ڪيو آهي. پر تنهنجي اکين ۾ اتڪي پيل هي لڙڪ ڪهڙي معنيٰ ٿا ٻڌائين...!؟"

"بس ڪومل! چوندا آهن تہ پتر پرائو ۽ ڏک هر ڪنهن جا پنهنجا هوندا آهن. پرائي ڏک ۾ بہ صرف اهو ئي ماڻهو روئي سگهي ٿو، جنهن جي اندر ۾ ڪجهہ پنهنجا ڏک، سور سانڍيل هوندا آهن... نہ تہ، جنهن ماڻهو دنيا ۾ ڏک ڏٺائي ناهن، سو تہ بيحس بڻجي پوندو آهي...!؟"

"پر مقدس! مونکي تہ لڳندو آهي تہ اسان جو سڄو معاشرو ئي بيحس بڻجندو ٿو وڃي.... احساس ختم ٿيندا ٿا وڃن... ڪير تڙپي ٿو... ڪير لڇي ٿو... ڪير اڻ تيل ڏوهن جي سزا ڀوڳي ٿو.... ۽ ڪير مرندي مرندي زنده رهي ٿو... ان تي ڪنهن کي بہ ترس نٿو اچي...!؟ پر مقدس! اهڙي حالتن ۾ جيڪڏهن ڪوئي ماڻهو ڪنهن ڏکايل جو ڏڍ بڻجي پوي تہ اهو انسان بہ قدرت جي موڪليل رحمت جي فرشتي جهڙو عظيم لڳندو آهي... بلڪل ائين جيئن مون لاءِ تون...!؟"

مقدس چرڪي ڪومل جي مرڪندڙ نيڻن ۾ نهاري ٿي ۽ پوءِ سندس هٿ پنهنجي ٻنهي هٿن ۾ قابو جهليندي چوي ٿي "ڪومل! مون کي ڪڏهن بہ ايترو اتم نہ سمجهجانءِ... مون لاءِ تہ بس ايترو ئي ڪافي آهي جو تون مون کي پنهنجي حيثيت جي برابر دوست سمجهين...!"

"پر مقدس! چا مخلص دوست رحمت جي فرشتن کان گهٽ هوندا آهن...!؟"

"الائي: پر گهٽ ۾ گهٽ آئون تہ توکي پاڻ لاءِ رحمت جو فرشتو ئي سمجهان ٿي...!" مقدس ڪومل جي اکين ۾ شرارتي نظرن سان نهاريندي چيو ۽ پوءِ ٻنهي هڪ آواز اهڙو ٽهڪ ڏنو جو سڄي بس ۾ خاموشي ڇانئجي ويئي... سڀ نظرون سندن سيٽ ڏانهن کڄي ويون ۽ پوءِ ٻئي ائين سنجيده ٿي ويهي رهيون، ڄڻ هنن کي ڪنهن ڳالهہ جي ڪل ئي ڪانہ هجي...!؟

❋❋❋❋

دوستيءَ جو هي پهريون ٽوئر هنن لاءِ يادگار ثابت ٿيو هو. ٺٽي جي بادشاهي مسجد جي وسيع لان کان وٺندي مڪلي جي تاريخي قبرستان تائين هنن سڀني کان الڳ ٿلڳ ٿي خوب انجوائي ڪيو هو. ڪينجهر جي ڇڙواڳ لهرين تي اڏامندڙ موٽر بوٽ جي جهٽڪن تي هڪٻئي جي



sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

هيءُ واقعو ٿيو هو ۽ پوءِ لاش کي جڏهن پوسٽ مارٽم لاءِ موڪلڻ جو چيائين تہ چاچا مير خان ڏمرجي پيو. چئي آئون پنهنجي ڀاءُ جي لاش جي بيحرمتي ٿيڻ هرگز بہ نہ ڏيندس...! ۽ پوليس پوءِ خالي خالي واپس هلي وئي هئي صرف چاچا کان واقعي جا تفصيل وٺي...!

چاچا مير خان پاڻ فريادي ٿي بابا جي قتل جو ڪيس نامعلوم جوابدارن خلاف لکرايائين.

بابا جي ٽيجهي، ڏهي ۽ چاليهي تي ديڳون لاهرائي وڏي ماني ڪرائي علائقي واسين کي محسوس ڪرايائين تہ ڪيس ڀاءُ جي موت جو وڏو ڏک آهي...؟!

پر وقت گذرڻ سان گڏ آهستي آهستي هو پنهنجي اصل وڏيرائي ۽ وحشياڻي طبيعت تي لهي آيو هو.

امان کي چيائين تہ هاڻي ادا ناهي رهيو تہ منهنجو فرض آهي تنهنجي حفاظت ڪرڻ. جو تہ تون هن خاندان جي عزت آهين. ان ڪري تون مون سان نڪاح ڪر. جو تہ ڪومل جو سڱ بہ ادا جيئري ئي منهنجي پٽ همير خان جي نالي ڪيو هو. ائين ڪرڻ سان ادا جو خاندان منهنجي خاندان ۾ ملي ويندو...!؟

پر امان صاف انڪار ڪري ڇڏيو. ڪيس يقين هو تہ بابا کي سندس ڀاءُ صرف ملڪيت تي قبضو ڪرڻ لاءِ قتل ڪرايو آهي. ۽ هن پنهنجي مڙس جي قاتل سان زندگي گذارڻ کان موت کي وڌيڪ ترجيح ڏني هئي...

تن ڏينهن آئون صفا ٻار هيس... ۽ امڙ مون کي ڳل لائي هر وقت روئندي ۽ پيار ڪندي رهندي هئي...! هو چوندي هئي "ڪومل! هي ماڻهو تنهنجي پيءُ جا قاتل ۽ اسان جا دشمن آهن. هي پاڻ کي هرگز جيئڻ ان ڪري ڪونہ ڏيندا جو پاڻ تنهنجي پيءُ جي قتل جا اکين ڏٺا شاهد آهيون. ان ڪري منهنجي ٻچڙي پاڻ هتان نڪري هلي ڪٿي پناهہ وٺي زندگي گذاريندا سين ۽ هنن ظالمن کان پلئہ وٺڻ لاءِ وقت جو انتظار ڪنداسين...!"

تن ڏينهن مون کي امان جون اهي ڳالهيون سمجهہ ۾ ڪونہ اينديون هيون. آئون رڳو امان کي ڇنبڙي بابا کي ياد ڪندي روئيندي رهندي هيس...



sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

ڪومل پنھنجي ماءُ سان ھٿ ونڊائڻ لاءِ گھر ۾ ڪڙھائي ۽ سلائي جو ڪم ڪرڻ لڳي وئي ۽ مقدس پنھنجي ماءُ پيءُ جي ھلندڙ ڪلينڪ ۾ حصو وٺندي ڪافي ڄاڻ حاصل ڪري ورتي ھئي صحت جي شعبي ۾... سندس شوق، قابليت ۽ سٺي اخلاق جي ڪري ڪلينڪ تي رش وڌڻ لڳي ھئي... جنھن ڪري مقدس جا ماءُ پيءُ ھاڻي ڏاڍا خوش ھئا پنھنجي انھيءَ ڌيءُ جي ڪم جي ڪري... ڪڏھن ڪڏھن ڪومل به ماءُ سان گڏ مقدس سان ملڻ لاءِ ڪلينڪ ايندي ھئي پر اتي گھڻي رش ڏسي جلدي پئي ماءُ ڌيئر مقدس سان ملي واپس ھليون وينديون ھيون...! ڪومل جي ماءُ پڻ مقدس جي ڪومل سان دوستي ۽ ھمدردي جي ڪري گھڻي خوش ۽ مطمئن ھئي. ڇاڪاڻ ته جتي ڪا به پنھنجائپ نه ھجي اتي مقدس جھڙو سھارو به ھنن لاءِ قدرت جي نعمتن ڪان گھٽ ڪونه ھو.

مئٽرڪ جي رزلٽ آئي جنھن ۾ مقدس "اي" گريڊ ڪنيو ۽ ڪومل "اي" گريڊ مان چار مارڪون گھٽ ھئڻ ڪري بي ٽاپ ۾ مئٽرڪ پاس ڪري ورتو.

ڪجھ ئي ڏينھن ۾ ڪومل کي ھڪ پرائيويٽ اسڪول ۾ نوڪري ملي وئي ۽ مقدس وڌيڪ پڙھڻ لاءِ حيدرآباد جي پبلڪ ڪاليج ۾ داخلا وٺي چڏي ھئي. ڪيس شروع ۾ پبلڪ ڪاليج جو ماحول ڏاڍو اوپرو لڳندو ھو. ڇوڪرا ۽ ڇوڪريون گڏ پڙھي رھيا ھئا. اڪثريت اردو ڳالھائيندڙن جي ھئي، پر مقدس کي وڌيڪ ڪاوڙ انھيءَ ڳالھ تي اچي رھي ھئي جو سنڌي شاگردن پنھنجي ٻولي ڳالھائڻ بدران اردو ڳالھائڻ ۾ فخر محسوس ٿي ڪيو...!؟

ھن ڪاليج ۾ خلوص، پيار، محبت ۽ دوستي جي وڏي کوٽ محسوس ڪئي ھئي. ھتي ته رڳو سرمائيدارن جو گھٽو ڪري ڪريل اولاد نظر آيو جيڪي ھر وقت ھاڻ کي ھيرو ۽ ولين ثابت ڪرڻ لاءِ ايڪشن ھٽندي يا ڪامريڊيون ڪندي ڏسڻ ۾ آيا ٿي...! تڏھن ھن کي بار بار پنھنجي محبوب دوست ڪومل ياد آئي ٿي. ھن کي ڪلاس ۾ ڏاڍي بوريت ٿيندي ھئي ۽ دل چاھيس ٿي ته ڪاليج ڇڏي واپس ھلي وڃي... پر وري جڏھن ساڻس گڏ فليٽ ۾ رھندڙ ٻاءُ شھباز جيڪو خود مھراڻ يونيورسٽي جو



sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

شاگرد هو. پنهنجي موٽر سائيڪل تي ڪٽي شام ويلي حيدرآباد جي هوائن ۾ سير ڪرائيندي سنڌو درياءَ جي پل ڪان ويندي سنڌالاجي تائين گهمائيندو هو تڏهن سندس سمورا ٽڪ ڪن پل ۾ ئي لهي ويندا هئا ۽ ڪيس حيدرآباد وڻڻ لڳندو هو...

حيدرآباد جي نسيم نگر ۾ سندن پيءُ جو ذاتي بنگلو هو جنهن ۾ اڳ اڪيلو شهباز رهندو هو پر مقدس جي اچڻ ڪانپوءِ پئي ڀاءُ ڀيڻ گڏ رهڻ لڳا هئا... شهباز ان ڪري به ڏاڍو خوش هو جو هاڻي سندس اڪيلائي ختم ٿي چڪي هئي... هو صبح سوير پنهنجي موٽرسائيڪل تي مقدس کي ڪاليج ڇڏي ۽ پاڻ يونيورسٽي ڏانهن هليو ويندو هو ۽ موڪل ٽائيم کان ٿورو اڳ واپس ڪاليج جي گيٽ تي پهچي چاٽ جي ريڙهي واري سان ڪچهري ڪندو هو. جيسين موڪل ٿيندي هئي. انهيءَ ڪري ريڙهي واري جي شهباز سان پڪي سنگت ٿي وئي هئي ۽ شهباز جي دوستيءَ جي ڪري اهو ريڙهي وارو مقدس جي پڻ احترام جي حد تائين عزت ڪندو هو... اهو هنن جو روز جو معمول بڻيل هو...

❊❊❊❊❊

ڪومل پنهنجي گهٽ پگهار واري ڊيوٽي پابنديءَ سان ڏيئي رهي هئي. پين ماسترياڻين سان برابريءَ ۾ ويهڻ لاءِ ڪيس ميڪ اپ به ڪرڻو پوندو هو... پر جڏهن هو ميڪ اپ ڪري سڄي اسٽاف سان گڏ اسيمبلي جي سامهون اچي بيهندي هئي ته سونهن ۾ سڀني کي مات ڏيئي ڇڏيندي هئي ۽ اڪثر استادياڻيون احساس محرومي جو شڪار ٿي پونديون هيون... پر ان باوجود ڪومل ۾ ذري برابر به هٺ يا تڪبر نه هو. هو اڪثر خاموش ۽ ڪم سان ڪم رکندي هئي.

هو روزانو صبح جو 8 وڳي گهران سنيري تيار ٿي پيدل ئي پيدل اسڪول طرف ايندي ۽ موڪل پڄاڻان ساڳي رستي تان واپس هلي ويندي هئي...! جنهن گليءَ مان سندس گذر ٿيندو هو انهيءَ گهٽيءَ ۾ اسڪول جي بلڪل ويجهو هڪ وڪيل جو ننڍڙو بنگلو هو. جنهن جي ننڍڙي لوهي گيٽ تي لڳل نالي واري تختيءَ تي لکيل هو. وڪيل فدا حسين ايم اي ايل ايل بي...! ۽ دروازي جي بلڪل سامهون لاهيءَ جي آخري



sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

ڏاڪٽر وٽ سليٽي رنگ جي ڪار بيٺل هوندي هئي. جيڪا پڻ انهيءَ وڪيل جي هئي. هڪ ڏينهن جيئن ئي ڪومل وڪيل جي ڪار وٽ پهتي تہ ٺيڪ ان وقت دروازو کلڻ جو ٺڪاءُ ٿيو ۽ ڪومل جون نظرون جڻ حادثاتي طور وڃي وڪيل فدا حسين جي نظرن سان ٽڪرايون... وڪيل تہ اتي ئي پٿرائجي بيهي رهيو هو. سندس اکين چنيچڻ ڇڏي ڏنو هو ۽ هو هوش هوندي مدهوشيءَ جي ڪيفيتن ۾ ڦاسي پيو پر ڪومل بہ الائي ڇو. جلدي نظرون هٽائي نہ هئي سگهي...!؟ ڪجهہ منٽن جي سڪتي ڪانپوءِ اوچتو ڪومل جا حواس بيدار ٿي پيا ۽ هڪدم نظرون ٻئي طرف ڦيريندي اڳتي وڌڻ لڳي هئي... پر ڪيس اڳتي وڪون کڻندي بہ اهو گمان ٿيڻ لڳو هو تہ هوءَ هلي نٿي سگهي ۽ هڪ جاءِ تي بيٺي آهي...!؟ جڻ ٽنگهن بار کڻڻ کان انڪار ڪري ڇڏيو هو...!؟ دل جو ڌڙڪو معمول کان ڪنهن قدر وڌي ويو هئس... بيوسيءَ مان سامهون رستي ڏانهن نهاريو هئائين... اکين اڳيان وڪيل جي قداور تصوير رستا روڪ ڪري بيهي رهي... هن مُڙي پوئتي نهاريو هو... وڪيل ساڳي جاءِ تي جيئن جو تيئن بيٺو ڪيس ويندو ڏسي رهيو هو. جڻ ڪيس پڪ هئي تہ هو ضرور پوئتي ڏسندي... ۽ سندس اهو شڪ جڏهن پڪ بڻيو تہ هن خوشيءَ جي هڪ اڻڄاتي احساس ۾ مرڪي ڏنو... ڪومل کي ائين لڳو جڻ سندس سيني تي ڪائي دريءَ کلي پئي هئي. جتان ٿڌڙي هير جي آيل جهوٽي سڄي سرير کي سڪون ۾ وٺي ڇڏيو هئس...

ڪومل کي اڄ ڪلاس ۾ ڏاڍي بوريت پئي محسوس ٿي... هر هر ديوار تي ٽنگيل گهڙيال ڏانهن پئي ڏٺائين... پر اڄ تہ گهڙيال جي ڪانٽن کي بہ پير ڪڙيون لڳل هيون. آصل چُرڻ لاءِ تيار ئي نہ هئا... منٽ بہ ڪلاڪن جي رفتار سان پئي گذريا... ڪيس من ۾ مونجهہ ٿي رهي هئي.. هن جلد گهر وڃڻ ٿي چاهيو... انهيءَ اٽڻ ۾ ڪلاس ۾ بليڪ بورڊ ڏانهن منهن موڙي خيالن ۾ ڇهل قدمي پئي ڪائين جو سامهون اسڪول جي پٽيوالي کي پاڻ ڏانهن ايندو ڏسي، ڪجهہ پاڻ سنڀاليندي ڪرسيءَ تي ويهي رهي.

پوڙهي پٽيوالي هڪ پوسٽ وارو بند لفافو ٽيبل تي رکندي اٽمائي



sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

فقط توهنجي مقدس.....

خط پڙهي وڏو ساهه کڻي پنو ويڙهيندي دل ئي دل ۾ مقدس لاءِ دعائون گهرڻ لڳي... "مقدس شال سهڻي سک ماڻين، ڏکيو ڏينهن نه ڏسين... گرم، ٿڌين هوائن کان محفوظ هجين...!"

پر خط پڙهڻ کانپوءِ به سندس چهري تي ڪا به خوشيءَ جي جهلڪ نه آئي هئي ويتر سندس من ويڳاڻو ٿي پيو هو. عجيب بيقراري جي لهر اندر ۾ ولوڙ وجهي ڇڏيس ٿي...! جواب لکڻ جو سوچي ٿي، پر لکي نٿي سگهي ۽ پوءِ طبيعت چاڪ نه هجڻ جو بهانو ڪري رسيس ۾ ئي پرنسيپل کان موڪل وٺي گهر هلي اچي ٿي...! رستي ۾ وڪيل جي گهر کي بغور ڏسي ٿي... لوهي دروازي تي چاڻنا جو وڏو تالو چڙهيل هو... هوءَ پيهر نالي واري تختي پڙهي ٿي.... ۽ پيهر اکين آڏو وڪيل جي قدآور تصوير اچي وڃي ٿي ۽ هوءَ ڏڪندڙ قدمن سان اڳتي وڌي وڃي ٿي...!

ڪومل جيئن گهر پهچي ٿي ته هڪ ٻي خطرناڪ خبر سندس منتظر هجي ٿي. ماءُ ٻڌايس ته اڄ تووارو سئوٽ وڏيرو همير خان آيو هو...!

"ڇا...!!؟" ڪومل ڇرڪجي پڇي ٿي "پر امان هن کي اسان جي گهر جو ڏس ڪنهن ڏنو...؟!"

"ڌيءُ! اهڙن ماڻهن لاءِ شهر ۾ ماڻهو ڳولڻ ڪا وڏي ڳالهه ڪونه آهي بس پڇائون ڪري ڳولي ورتو هوندن...!"

"پر امان! انهيءَ ظالم وڏيري جي پٽ کي هتي اچڻ جي ڪهڙي ضرورت هئي...!؟ ڇا هو اسان کي سکون سان جيئڻ به ڪونه ڏيندا...!!؟"

"ها ڌيءُ! اڄ هنن کي وري پنهنجي رشتيداري ياد آئي هئي، وڏيون پنهنجائپ ۽ ماڻپي واريون ڳالهيون پئي ڪيائين... چئي اها سنڌ جي ڪهڙي ڪنڊ ڪڙڇ هئي جتي اسان توهان کي نه ڳوليو هجي...! مس مس وڃي پتو پيو اوهان جو...!!"

"پر امان، هنن جو آخر مقصد ڪهڙو آهي؟!"

"ها ڌيءُ! اڄ وري هنن کي پنهنجي ننگ ۽ غيرت جي يادگيري آئي آهي... چيائين پئي ته ڪومل منهنجي منگ آهي، چاچا نندي هوندي منهنجي نالي ڪئي هئي ۽ آئون نٿو چاهيان ته منهنجي لڄ پرائيويٽ



sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

هئائين... ڪيس زندگي به ڪوئي عذاب محسوس ٿي رهي هئي...! جيئن تيئن صبح ٿيو هو ۽ ڪومل اوجاڳيل اکين، ٿڪل ذهن ۽ سست جسم سان ڊيوٽيءَ لاءِ تيار ٿي رهي هئي، پر اڄ هو ڪافي منجهيل لڳي رهي هئي ٺيڪ طرح سان ميڪ اپ به نه ڪيو هائين ۽ مقرر ٽائيم تي ڊيوٽي لاءِ رواني ٿي وئي... پر اڄ ڪيس ڏاڍو خوف ٿي رهيو هو، هي رستا غير محفوظ نظر اچڻ لڳا هئا...! جڏهن وڪيل واري گهٽي وٽ پهتي ته اهو وڪيل گاڏي کي چيڪ ڪرڻ جي بهاني اڳ ئي گهٽيءَ ۾ بيٺو هو. سندس پير ڪان ڪومل هيٺ ڪنڌ ڪري به قدم اڳيان وڌي هئي جو وڪيل جو آواز ڪن تي پيو هئس "پڌو ته...؟!"

۽ ڪومل پنهنجي جاءِ تي بيهي رهي.

وڪيل اڳتي وڌي اچي هڪ خالي لفافو هٿ ۾ ڏيندي ۽ سندس ڪومايل چهري ڏانهن ڏسندي همدرديءَ مان پڇيو هو. "اڄ ڪجهه مايوس ٿا لڳو...؟ ڪوئي پرابلم آهي ڇا؟!"

ڪومل لفافو هٿ ۾ ڪٽي بغير ڳالهائڻ جي اڳتي وڌي وڃي ٿي ۽ وڪيل حيران پريشان ڪيس ويندو ڏسندو رهي ٿو.

ڪومل اسڪول جي گيٽ اندر وڃڻ کان پهرين پوئتي نگاهه ڪري وڪيل ڏانهن ڏٺو ۽ پوءِ درد جي ڪيفيت ۾ ٻئي چپ ڀيڪوڙي اندر هلي وڃي ٿي. ۽ وڪيل فدا حسين ٿڌو شوڪارو هڻي گيٽ کولي گاڏي ۾ ويهي، سلپ هٽڻ کان اڳ ٽيپ رڪارڊ چالو ڪري ٿو ته گاڏيءَ ۾ شفيع فقير جو آواز گونجي پوي ٿو...

اسين بس رهياسين اڌورا اڌورا،
نڪي عشق آتش فشان تي اُڀاميو،
نه ئي ديپ دل مان اوهان جو اجهاميو،
نه سورن جي شدت کان شعلو ٻٽياسين،
نه سگريٽ ڪو ڦلو ٿي ڇٽياسين،
دکياسين جلياسين اڌورا اڌورا،
اسين بس رهياسين اڌورا اڌورا.....

۽ وڪيل جي گاڏي آهستي آهستي روڊ تي وڃڻ لڳي...!



sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

موڙائين ڪومل جي اندر ۾ آنڌ مانڌ وڌي وڃي ٿي... ڪيئن دل ۾ هر ڪو آهي ته لفافي ۾ ڇا آهي؟

ڪلاس ۾ اڄ ٻارن کي سبق ياد ڪرڻ جي سختيءَ سان هدايت ڪري ٿي، جڏهن سڀئي ٻار ڪتاب ۾ منهن هڻي پڙهڻ ۾ مشغول ٿي وڃن ٿا، تڏهن هو ڪرسيءَ تي ويهي، جيئن ئي لفافو کولي ٿي ته ڪجهه موتئي جا تازا گل اچي سندس جهوليءَ ۾ ڪرن ٿا. هوءَ اهي گل ميڙي ٽيبل تي رکي لفافي مان هڪ ڊگهو خط ڪڍي پڙهڻ لڳي ٿي...

قابل احترام......!

شال هميشه گلن جيئن مرڪندي رهين.

گستاخي معاف! در اصل الائي ڇو جڏهن کان توهان سان نيڻ اٽڪيا آهن تڏهن کان ننڊ وسري وئي آهي ۽ هڪ عجيب احساس ئي لفظ لکڻ تي مجبور ڪري ڇڏيو ته تون منهنجي آهين...!؟ هڪ اجنبي لاءِ دل کي پنهنجائپ جو ايڏو يقين شايد منهنجي ڪائي چريائپ هجي...!؟ اها چريائپ ناهي ته پيو ڇا هي؟ جو هڪ اجنبي ڇوڪريءَ ڏانهن ڀريون خط به ايڊو بيباڪي سان پيو لکان جڻ ليهان جو ڪوئي جنمن جو ناتو هجي...؟ پر شايد اها جرئت به مون کي انهن اکين ڏني آهي، جنهن جي ڀرين نهار مون کي صفا پنهنجو ڪري ڇڏيو هو...!؟ جاني! هيڏي ساري سنسار ۾ مون وٽ ڪنهن ڳالهه جي کوٽ ته نه آهي، سڀ ڪجهه مون وٽ ضرورت کان به وڌيڪ آهي...! پر اڪيلائپ جو احساس زندگيءَ کي صفا اڌورو بڻائي ٿو ڇڏي...! ۽ مون کي اڪيلائپ کان بچڻ لاءِ تو جهڙي دوست، ساٿي جي تلاش هئي... اها تون ئي ٿي سگهين ٿي...! ٿي سگهي تو ته آئون ڪنهن خوشفهميءَ ۾ هجان پر گهٽ ۾ گهٽ منهنجي اعتماد جو ڀرم رکندي ڪوئي جواب ضرور ڏجانءِ، جيئن آئون اجاين خوابن ۽ خوشفهمين ۾ ڀٽڪڻ کان بچي سگهان...! جيڪڏهن منهنجي هن پيشقدميءَ کي ڪائي مانائتي موٽ ملي ته آئون پاڻ کي دنيا جي خوشنصيب انسانن مان هڪ سمجهندس.

فقط تنهنجو

فدا...!



sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

خط پڙهندي ڪومل جي من تان پريشانين جا ڪڪر ڪجهہ جهڪا ٿي پون ٿا... ڪيس وڪيل جي صورت ۾ سهاري جي اميد جاڳي پوي ٿي ۽ هن کي شايد اهڙي ئي مضبوط سهاري جي ضرورت هئي، جيڪو نہ فقط زندگي لاءِ سهارو بڻجي، بلڪ پنهنجي رشتيدار دشمن کان بچائڻ جي ڀرپور سگهہ بہ رکندو هجي...!؟ اهي ڳالهيون سوچيندي ڪومل جي اداس چهري تي سرهائيءَ جون شعائون چمڪي پون ٿيون ۽ هوءَ چپن ئي چپن ۾ مرڪڻ لڳي ٿي...! پر اوچتو سوچ پاسو بدلائي ٿي.. هوءَ سوچي ٿي تہ منهنجا دشمن انتهائي طاقتور آهن ۽ آئون ڏکن ماريل هڪ مظلوميت جو ڪردار آهيان... ڇا منهنجي مظلوميت، مفلسي ۽ محروميءَ جو پڌڻ ڪانپوءِ اهو وڪيل صاحب مون کي قبوليندو؟ اهو سوچيندي پيهر سندس منهن جو پنو لهي وڃي ٿو ۽ پيهر اداسيءَ جا ڪڪر مٿس غمن جو چانورو ڪري بيهي ٿا رهن...!؟

هورات جي ٽائي جڏهن سندس ماءُ سمهي پيئي هجي ٿي تڏهن اٿي پنهنجي کٽ تي ويهي وڪيل جي خط جو جواب لکڻ لڳي ٿي...!!

محترم وڪيل فدا حسين صاحب؛

توهان جو خط پڙهي سوچيم تہ ڪاش آئون انهيءَ پيار جي لائق هجان ها، جيڪو توهان مون کي ڏيڻ جي آس رکي ويٺا آهيو...!!؟ پر افسوس آئون توهان جي اميدن تي پوري لهڻ جي قابل ناهيان...!! توهان سمجهو ٿا تہ منهنجو جيون ساٿ اوهان جي اڱڻ تي ڪي خوشين جا موتيا، گلاب ٽيڙي ڇڏيندو، پر آئون سمجهان ٿي تہ منهنجي شامل ٿيڻ سان اوهان جي زندگي ۽ بربادين، پريشانين ۽ ڏکن ڪانسواءِ ڪجهہ بہ نہ رهندو...! ها فدا صاحب! منهنجي زندگي بربادين جو اهڙو باب آهي جنهن کي توهان جو قانون شايد ڪڏهن بہ بدلائي نہ سگهي...!؟ منهنجي مقدر ۾ هڪ اهڙي اونداهي آهي، جنهن ۾ روشني جي جهيڻي لات لاءِ اگر ڪڇي مٿي جو ڪوئي ڏيئو ٻارڻ جي ڪوشش ڪبي تہ بدنصيبيءَ جا اهڙا طوفان لڳي پوندا جو ان ڏيئي جو سمورو تيل بہ اڏامي ويندو...!!؟

هن وقت منهنجي جهوليءَ ۾ سواءِ محرومين، لڙڪن ۽ خانداني دشمنين جي باقي ڪجهہ بہ نہ آهي رهيو...! ۽ وڪيل صاحب! جن اڱڻن تي



sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

لڙڪن جي سيلاب مان ڪنڊن جا فصل اُپري نڪرندا هجن، تن اکڙن تي اميدن جي شمعاين جهڙي ڪوئل جي مٺي ڪوڪ ڪڏهن به ناهي گونجي سگهندي...! آءِ ايم ويري سوري فدا صاحب! توهان منهنجي اُجري جهري جا پلي ڪيترائي طالب جو نه هجو... پر آئون توهان کي پنهنجي مقدر جي اونداهين ۾ گم ٿيڻ نه ڏينديس...!؟ جيتوڻيڪ پهرين نظر ۾ توهان مون کي ڏاڍا سٺا لڳا... پر وري به پنهنجي اندر ۾ جهاتي پائڻ ڪانپوءِ آئون انهيءَ فيصلي تي پهتي آهيان ته آئون تنهنجي پيار جي لائق ناهيان... اميد ته خط پڙهڻ ڪانپوءِ توهان خوابن جي دنيا ڇڏي حقيقت جي دنيا ۾ اچي ويندا... ۽ مون کي غلط نه سمجهندا...!

بدنصيب

ڪومل

خط پڙهڻ ڪانپوءِ وڪيل فدا حسين جا نيڻ ڇلڪي پيا هئا... هڪ ڊگهو ساهه کڻي، آرام ڪرسيءَ جي ٽيڪ تي ليٽي، سامهون شيشي جي شوڪيس ۾ رکيل قانون جي ڪتابن ۾ بدحواس نظرن سان نهارڻ لڳو هو... ڪورٽ جي ڪيس ۾ مخالف وڪيل جو ته هو به ڦڙتيءَ سان جواب ڏيڻ جو ڍنگ رکندو هو پر اڄ پهريون ڀيرو ڪيس ائين لڳو هو ته ڪنهن سندس وڪالت جي ڊگري يا سندس زندگي جي ساٿي قانوني ڪتابن کي للڪاريو هو...! اندر ۾ عجيب اداسين جي جهڙالي موسم لهي آئي هئس... ۽ من ڪوريئڙي جي ڄار ۾ بيوس مک جيئن ڦاسي پيو هئس...!؟ ڪجهه گهڙيون دماغ ايترو خالي ٿي پيو جو هو پنهنجي وجود جو هجڻ ۽ نه هئڻ به وساري ويٺو هو...! پر جلد ئي ڀيهر حواس موٽي آيا هئا... ۽ سوچن جو هڪ نئون سلسلو جڙي پيو هو...!

سوچيائين ته "ناممڪن ته دنيا ۾ آهي ئي ڪونه...؟ هر مرض جي دوا... ۽ هر ڏک جو درمان ڳولڻ سان لڀي پوندو آهي...: پوءِ ڪومل جو درد ايترو مشڪل ڪيئن ٿو ٿي سگهي، جنهن جو حل نه هجي...!!؟. نه نه...! ائين هرگز نٿو ٿي سگهي...! ڪومل ضرور احساس محروميءَ ماں اهي لفظ لکيا آهن...! ها: مون کي ڪومل جي سوچ بدلائڻي پوندي...! ڪومل کي حوصلو ڏيڻو پوندو...! ۽ پوءِ آئون... ۽ منهنجو قانون، ڪومل



sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

پيڪرزيل چپن جا مضبوط بند ڏيندي، چپ ڏڪڻ لڳا هئس ۽ هن هڪدم نظرون ڪابي طرف خالي ديوار ڏانهن ڦيري هڪ ڏکي ڳيت ڏيئي سمورا سڏڪا ۽ لڙڪ ترڙيءَ ڪان هيٺ لاهي ڇڏيا ۽ ڏکا ڏکا ساهه کڻندي جڻ تہ سمڪڻ لڳي هئي...!؟ فدا حسين پريشان ٿي پيو هو... اندر ۾ بيچيني جي باهه پڙڪي احساس کي ساڙڻ لڳي هئس...! هڪدم ڪومل کي ويجهو ايندي سندس ڪلهي تي ٿ رکندي، همتائيندڙ لهجي ۾ چيائين.

"ڪومل! اگر مون کا غلط ڳالهه ڪئي هجي تہ پليز مون کي معاف ڪري ڇڏ...! سچ تہ مون سپ ڪجهه بيخياليءَ ۾ ئي چيو هو...!"

ڪومل ڪيس سامهون نهاريندي هڪ مصنوعي مرڪ مرڪندي ورائيو. "نہ نہ! اهڙي ڪا ڳالهه نہ آهي... دراصل مون کي ماڻهن جي ڳوڙهه ۾ ساهه ۾ مونجهه ٿي پوندي آهي، ان ۾ توهان جي ڪا بہ غلطي ناهي!"

"جيڪڏهن اها ڳالهه آهي تہ پوءِ اچ تہ ياڻ ڪنهن اڪيلائي جي آزاد فضائن ۾ هلي ڪچهري ڪريون...؟"

"ها فدا! مون بہ اهو ئي پئي سوچيو..." ڪومل پرس هٿ ۾ کڻي اٿندي چيو.

ڪار جي ڊرائيونگ ڪندي فدا حسين آڏي نظرن سان ڪومل ڏانهن نهاريندي چيو "ڪومل! زندگيءَ بہ ڪيڏي نہ عجيب فطرت رکي ٿي... ڪي ماڻهو پاڇي وانگي هميشہ گڏ گڏ هلڻ باوجود بہ اوپرا اوپرا محسوس ٿيندا آهن ۽ انهن جي ساٿ ڇڏي وڃڻ سان زندگيءَ ۾ ڪو بہ خال يا جهول ناهي رهندو...!؟ پر ڪي ماڻهو پهرين نظر ۾ صفا پنهنجا محسوس ٿيندا اهن...! ۽ انهن جو هڪ پل بہ نظرن کان پري ٿيڻ سان، ماڻهو پنهنجي وجود ۾ وڏي کوٽ محسوس ڪندو آهي...! آخرائين ڇو آهي ڪومل...!؟"

ڪومل فدا حسين جي اکين ۾ نهاري ٿي پر هو هڪدم نظرون هٽائي تڏي جيان ويڙهجندڙ ڪاري روڊ کي ڏسڻ لڳي ٿو.

"فدا صاحب! زندگيءَ لاءِ ان کان بہ وڌيڪ اهم سوال ڪجهه پيا آهن. توهان ڏسو: هڪ ماڻهو زندگيءَ جي آرائشن مان لطف اندوز ٿيندي دنيا


sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

"ڇا؟ توهان جي پيءُ کي قتل ڪيو ويو هو...!؟" فدا حسين ڄڻ تہ ڇرڪي پيو هو...!

"ها فدا صاحب! منهنجي بابا کي انتهائي بيدرديءَ سان تڏهن قتل ڪيو ويو، جڏهن آئون اجا صفا ٻار هيس...! ۽ منهنجي بابا جو قاتل ڪوئي ٻيو نہ، پر ان جو سڳو ڀاءُ وڏيرو مير خان هو...!!؟"

وڪيل فدا حسين جون حيرت وچان اکيون ڦاٽي ويون... ۽ هو وڌيڪ تيندي پر تجسس نظرن سان ڪومل جي چهري ڏانهن ڏسڻ لڳو، جنهن مان نڪتل هر لفظ ڏکن ۽ دردن مان وهنجي نڪري ٿو...!

ڪومل رڪجي، رڪجي، سڏڪي، تڙپي... فدا حسين کي ساڻس ٿيندڙ ظلمن، ناانصافين، محروميين ۽ مجبورين جو درد ناڪ داستان ٻڌائي، پنهنجي ظالم چاچي وڏيري مير خان جي "خان جاگير" ۾ ٿيندڙ وارتائن کان ويندي ساڻس ڪيل ظلمن، بابي جي قتل، زمين تي قبضي ۽ ماءُ سان ٿيندڙ ناانصافين تائين سڀ ڪجهہ ٻڌائي ڇڏيو... ۽ هن اها حقيقت بہ ڪيس ٻڌائي ڇڏي جنهن جي دعويٰ سندس سئوٽ همير خان ڪندي چيو تہ هو سندس مڱيندي آهي ۽ هو ساڻس ضرور لائون لهندو.

پر ڪومل واضح ٻڌايو هو تہ "وڏيرو همير خان فقط منهنجي پيءُ جي زمين جو قانوني وارث ٿيڻ لاءِ ئي مون سان شادي ڪرڻ جو ڊونگ رچائي رهيو آهي، جيڪو مون کي هرگز قبول نہ آهي...!"

پنهنجي درد ڪهاڻي سڏڪي سڏڪي ٻڌائيندي، ڪومل جي معصوم ڇهري جي سڄي ڪوملتا ماڪ جي موتئي ۾ ٻنل گلاب جيان آلي تي وئي هئي... ۽ هنيانءَ تان سمورو بار لاهڻ کانپوءِ سندس اندر ائين شانت ٿي ويو هو، جيئن طوفان جي گذري وڃڻ کانپوءِ سمنڊ جون لهرون خاموش ٿي وينديون آهن...!!؟

ڪومل جي مظلوميت ۽ وڏيري مير خان جي وحشياڻي ڏاڍ تي وڪيل فدا حسين جو اندر ڇڄي ڇيهون ڇيهون ٿي پيو هو... سندس نيڻ تہ اجا تائين ٺوٺ ٻٽيل هئا پر دل ڪومل جي لڙڪن سان گڏ وسندي، ڪيترائي قيمتي لڙڪ هاري چڪي هئس...!؟ هو خاموش نيڻن سان آسمان جي نيراڻ ۾ اڏامندڙ اڇن پکين کي ڏسندڙ ڪومل جي پير ۾ ويٺي... ائين



sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

گھڙيال جي سيڪنڊ ڪانٽي وانگي اٽڪي پيو هو...!!؟

هوءِ ساڳين قدمن پوئتي موٽي... ۽ گيٽ بند ٿيڻ ڪان اڳ ٻاهر نڪري ڪليل هوا ۾ ڊگها ساهه ڪڻي، منجهيل ذهن سان ڪجهه سوچڻ لڳي...!! ؟؟ ۽ پوءِ ڪجهه سوچي هو ڪاليج جي ٻاهرين ديوار سان لڳ بيٺل چاٽ جي انهيءَ ريڙهي ڏانهن هلي اچي ٿي، جتي ويهي موڪل مهل سندس ڀاءُ شهباز انتظار ڪندو هو...

"چاچا! ڀاءُ شهباز کي ٻڌائجو مون کي ضروري ڪم سان واپس وڃڻو پيو پوي. انتظار نه ڪري ۽ گهر هليو اچي...!" مقدس، ريڙهي واري کي ٻڌايو.

"جي بيٽا! ٻڌائي ڇڏيندس." ريڙهي واري اردو گاڏڙ سنڌي ۾ وراڻيو ۽ مقدس واپس فليٽ تي هلي آئي.

هن کي ڪومل جي انهيءَ پراسرار خط ڏاڍو پريشان ڪري ڇڏيو سو ڪيس ائين محسوس ٿي رهيو هو ته اجهو ڪجهه اڻوڻندڙ ٿيڻ جي خبر اچڻ واري آهي...! ۽ ان کان اڳ هن ڪومل تائين پهچڻ ٿي چاهيو...! چاڪاڻ ته ڪيس خبر هئي ته ڪومل جي زندگي هڪ رسڪ بڻيل آهي ۽ سندس دشمن ايترا ته سگهارا آهن جو ڪومل کي ڪجهه به ڪري پيا سگهن...!؟

هن فوري طور واپسي جو رستو وٺڻ ٿي چاهيو پر انهيءَ پريشاني ڪيس جذبات کان روڪي رکيو هو ته جيڪڏهن هو اچانڪ بغير اطلاع جي واپس هلي وئي ته پوءِ ڀاءُ شهباز ڪيترو پريشان ٿيندو...؟!

۽ گهڻي ڪشمڪش کانپوءِ مقدس پنهنجي ڪاپيءَ مان هڪ پنو ڪيڏي ڀاءُ جي نالي هڪ چٺي لکڻ شروع ڪئي.

ادا شهباز!

منهنجي ڪجهه طبيعت به سهي ڪونه آهي ۽ امي، بابا جي به ڏاڍي سڪ لڳي رهي آهي، انهيءَ ڪري آئون ڳوٺ وڃي رهي آهيان، ٻن ڏينهن کانپوءِ موٽي ايندس... توهان پريشان بلڪل به نه ٿجو...! الله حافظ

فقط توهان جي ڀيڻ

"مقدس"



sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

"اڙي منهنجي جان، تون اندر ته اچ، سڀ ڪجهه سمجهي ويندين...؟"
سندن وڏن آوازن تي ڪومل جي ماءُ به اندران نڪري اچي ٿي...
مقدس جهڪي سندس پير ڇُهي ٿي ۽ هو سندس مٿي تي شفقت جو هٿ رکندي دعائون ڏيڻ لڳي ٿي.
مقدس چڻ شڪايت ڪندي چوي ٿي:
"جيجي! ڇا ڳالهه آهي؟ ڪومل مون کي ڪوڙا خط لکي هتي گهرايو آهي... ۽ مقصد پڇڻ تي رڳو پئي ٽهڪ ڏي...!؟"
"اڙي ته ڪڏهن ايترو ڪومل کي خوش ڪونه ڏٺو اٿم...! هيءُ اوچتو خوشين جو چراغ ڪٿان هٿ چڙهيو اٿس...!!؟؟"
ماءُ مٺي مرڪ سان ڪومل کي ڏسندي وراڻي ٿي:
ڌيءُ! الاءِ ته ڪهڙو قارون جو خزانو هٿ آيو اٿس...! پر ٿي ڏينهن ٿيندا، جو ڪومل خوش خوش ٿي نظر اچي...!؟"
۽ ڪومل شرمائجي ڪنڌ جهڪائي ڇڏي ٿي...!
۽ پوءِ پئي ڄڻيون خوش موڊ ۾ ڪمري اندرويهي حال احوال ڪرڻ لڳن ٿيون... تڏهن ڪومل ساڻس پيش آيل سمورين حقيقتن کان واقف ڪري ٿي...
ڪيس ٻڌائي ٿي ته ڪيئن سندس سئوٽ وڏيرو همير خان سندس غير موجودگيءَ ۾ گهر آيو... ساڻس مڱڻي هجڻ جي دعوي ڪري ۽ ڌيپل لفظن ۾ ڌمڪيون ڏيئي روانو ٿي ويو... جنهن ڪانپوءِ هن جي ذهن تي ڪهڙا خيال هتوڙا ٻڌجي وسندا رهيا...!؟
۽ پوءِ ڪيس وڪيل فدا حسين بابت سڀ ڪجهه جيئن جو تيئن ٻڌائي ڇڏي ٿي... ته ڪيئن سندن نظرن جو حادثو ٿيو، جيڪو خط و ڪتابت کان ويندي ملاقاتن تائين پهچي هڪ پر اعتماد دوستيءَ ۾ تبديل ٿي ويو...!؟
انهن ڳالهين دوران ڪومل وڪيل فدا حسين جي خلوص، اخلاق ۽ شخصيت جي ايتري ته تعريف ڪري ٿي جو مقدس خود سمجهي وڃي ٿي ته ڪومل جي دل ۾ وڪيل لاءِ ڪيتري محبت پيدا ٿي ويئي آهي...
۽ مقدس کي ڪومل جي انهيءَ خوشيءَ جي راز جي پڻ ازخود خبر پئجي



sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

وجي ٿي...

مقدس، گهري ويچار ڪانپوءِ چوي ٿي!

"ڪومل! اهو انتهائي سنجيده مسئلو آهي، انهيءَ ڪري جذبات سان نه پر حواس سان فيصلو ڪبو... مون کي خبر آهي ته توکي اهڙي ئي سگهاري ۽ مضبوط سهاري جي ضرورت آهي...! پر پاڻ کي پهرين انهيءَ شخص جي ڪردار ۽ سچائي کي ڏسڻو پوندو... جيڪڏهن انهن معاملن ۾ هو واقعي ئي سٺو نڪتو، ته انهيءَ رشتي جي اڳرائي آئون پاڻ ڪنديس..."

"ها مقدس! پلي خبر چار لهينس... منهنجي دل چوي ٿي ته هو تمام بهترين انسان آهي...!"

"ها، پر چري! زندگيءَ جا فيصلا دل سان نه، دماغ سان ڪبا آهن...!"

"تڏهن ته توکي گهرايو اٿم نه مقدس!"

"ڏاڍو سٺو ڪيئي ڪومل! آئون ڪجهه ڏينهن رهي، اهو سچو قصو ئي پوءِ رواني ٿينديس...!"

"پلا پيو پُڻ! تو جيجيءَ سان خود ذڪر ڪيو آهي ان باري ۾...؟"

"ها مقدس! مون امان کي سڀ ڪجهه ٻڌائي ڇڏيو آهي...! امان به چيو ته پهرين مقدس کي گهرائي وٺ... اها وڌيڪ سمجهو آهي... جيڪڏهن مقدس بهتر سمجهي ته اهو رشتو چڱو ثابت ٿيندو... سمجهه ته امان راضي آهي، ڳالهه رڳو تنهنجي راضپي جي آهي...!؟"

"ڏاڍي ڪا تکڙ اٿئي...!؟" مقدس مذاق ۾ چيڙيندي چويس ٿي:

"امان راضي...!"

"آئون راضي...!"

"وڪيل صاحب راضي...!"

"باقي رڳو هڪڙي مقدس کي راضي ڪرڻ لاءِ گهرايو اٿو.... ائين نه...!؟؟" ڪومل موت ۾ پرپور ٽهڪ ڏيئي، مقدس کي ٻانهن ۾ جڪڙي ڇڏي ٿي... ۽ مقدس، مرڪندي پاڻ ڇڏائڻ لاءِ مزاحمت ڪندي رهي ٿي.

ائين ٽائيم گذرندو رهي ٿو ۽ مقدس انهيءَ وڪيل بابت اوڙي پاڙي سان هتان هُتان خبر چار لهندي رهي ٿي...!

۽ جڏهن ڪيس پورو وڪيل فدا حسين جي شخصيت ۽ ڪردار تي يقين



sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

تي وڃي ٿو، تڏهن هڪ ڏينهن شام جو مقدس ڪومل کي ساڻ ڪري وڪيل فدا حسين جي گھر تي هلي اچي ٿي.
ڪومل ۽ مقدس کي اوچتو پنهنجي گھر ۾ ڏسي، وڪيل فدا حسين جي هٿن مان ڪيس جو فائيل هيٺ ڪري پوي ٿو... ۽ هو فائيل کڻڻ بدران اتي بيهي حيران ۽ خاموش نظرن سان ٻنهي کي بد حواسيءَ مان ڏسڻ لڳي ٿو...!!؟؟
مقدس هجتائتي لهجي ۾ مرڪي ڪيس ٽوڪيندي چئي ڏئي ٿي: "ياءِ وڪيل صاحب! هونئن ته توهان ماڻهن جي تقدير جا فيصلا ڪندڙ وڏن ججن اڳيان، ڪوڙي کي سچو ثابت ڪرڻ لاءِ ڪلاڪن جا ڪلاڪ بحث ڪندي ناهيو ٿڪندا...؟ پر هتي ته توهان معمولي ڇوڪريءَ اڳيان به هوش وڃائي ويٺا...!!؟"
فدا حسين شرمساري مان هڪدم پاڻ سنواريندي، جهڪيل ڪنڌ سان چوي ٿو.
"ادي! معاف ڪجو...! دراصل جنهن کي توهان معمولي ڇوڪري چئو ٿا اها مون لاءِ معمولي نه پر غير معمولي هستي آهي...!"
ان جواب تي مقدس کي پڇتاءُ ٿئي ٿو ۽ معذرت ڪندي چوي ٿي:
"معاف ڪجو ادا! مون کي اها خبر نه هئي ته توهان ايترا حساس به آهيو...!"
"ڪائي ڳالهه ناهي...! توهان ٻيٺا ڇو آهيو...؟ اچو ويهو نه...!"
پوءِ ٻئي وڪيل صاحب جي سامهون وارين ڪرسين تي ويهي رهن ٿيون.
وڪيل هيڏانهن وڏانهن نهاريندي چوي ٿو:
جيءَ: توهان جي ڪهڙي خدمت ڪري سگھجي ٿي...؟"
"چانهه. يا بوتل...!"
"ڪجهه به نه ادا، بس توهان اطمينان سان ويهو... خدمتن جا موقعا پوءِ به ملي سگھن ٿا."
مقدس جي ڳالهه ٻڌي وڪيل سڌو ٿي ويهي رهي ٿو.
"ادا فدا حسين صاحب! آئون ڪومل جي دوست...!؟"
"مقدس... توهان جو نالو مقدس آهي نه...؟؟" وڪيل سندس ڳالهه اڌ ۾



sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

ڪتيندي چيو...!

مقدس حيران ٿيندي چوي ٿي

"پر توهان کي منهنجي ڳالهه نالي...!!؟"

مون کي توهان جي نه فقط نالي، بلڪ توهان جي باري ۾ ڪومل سڀ ڪجهه اڳ ۾ ئي ٻڌائي ڇڏيو هو...!" وڪيل پيهر مقدس جي سوال کي اڌ ۾ ڪٽيندي جواب ڏئي ٿو.

مقدس تجسس ڀرين نظرن سان ڪومل ڏانهن نهاري ٿي...!!؟

۽ ڪومل شرميلي مرڪ مُرڪي نيڻ جهڪائي ڇڏي ٿي...!!

ان وقت وڪيل جي ڪمري جو سڄو ماحول هڪ پر تجسس ۽ رومانوي احساس ۾ رچجي وڃي ٿو...!!!

مقدس کي جڏهن پيو ڪجهه به ڳالهائڻ لاءِ نه ٿو ملي... تڏهن ڪومل جي ٻانهن ۾ هٿ وجهي، وڪيل ڏانهن وڌائيندي چوي ٿي:

"ٻاءِ فدا صاحب! آئون هيءَ امانت اوهان کي سونپڻ آئي آهيان...!"

"مون کي اوهان جي محبت تي پورو يقين آهي...!"

"۽ ادا! ڪومل منهنجي انتهائي بهترين دوست آهي."

"هن جي توهان کي ئي پارت آهي ٻاءِ...!"

فدا حسين ڪومل جو هٿ پنهنجي هٿ ۾ جهليندي ورائي ٿو.

"مقدس ڀيڻ! اوهان جيڪو مون تي احسان ڪيو آهي... سو ته زندگيءَ تائين لاهي ڪو نه سگهندس...! باقي پارت ڪومل جي مون کي نه پر منهنجي ڪومل کي ڪريو ته بهتر رهندو...!؟" وڪيل مرڪي ڪومل جي نيڻن ۾ نهاريندي چوي ٿو ۽ ڪومل ڪنهن نئين ڪنوار جيان شرم جي ڳاڙهي ڪنبي ۾ ويڙهجي، ڪنڌ جهڪائي ڇڏي ٿي...!! ۽ سندس من ۾ خوشيءَ جون انيڪ تارون ڇڙي پونس ٿيون...!!

موڪلائڻ کان اڳ مقدس چوي ٿي

"ادا، توهان صبح 9 وڳي ڪومل جي گهر هليا اچجو ته ڪومل جي ماءُ سان ملي، رشتي جي ڳالهه پڪي ڪري ڇڏيون...!"

"جيءُ... جي ڀيڻ! آئون انهيءَ ٽائيم تي ضرور پهچي ويندس." وڪيل خوش ٿيندي چوي ٿو...



sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

واپس اچي جڏهن اها سموري ڳالهه ڪومل جي وقت ڪان اڳ پوڙهي تي
ويل ماءُ کي ٻڌائين ٿا ته، هوءَ خوشيءَ مان ٻهڪندي پئي هٿ مٿي کڻي
پنهنجي رب جا شڪرانا بجا آڻي ٿي... هن کي اڪثر پنهنجي ڌيءُ
ڪومل جو ئي فڪر رهندو هو... ۽ هن ڪڏهن اهو سوچيو به نه هو ته
سندس ڪومل جا ڪي اهڙا ڀاڳ موچارا ٿيندا جو سندس جيون ساٿي
ڪوئي وڪيل بڻبو...!!؟

اها رات ڪومل کي خوشيءَ ۾ ننڊ ئي ڪونه پئي آئي...! سڄي رات
تصورن، خيالن ۽ سوچن جي پيڙيءَ ۾ لڏندي لمندي گذاري هئائين.
مقدس ته انتهائي خوش هئي، جو هو پنهنجي همدرد، هم خيال ۽ بهترين
دوست ڪومل جي زندگيءَ ۾ هتي سان خوبصورتيءَ جا رنگ ڇٽي رهي
هئي...!!

هوڏانهن فدا حسين وڪيل به خوشيءَ ۾ آسمان جا تارا پئي ڇُهيا...!
ڪيس اهڙو ئي جيون ساٿي ملي رهيو هو، جهڙو هن خيالن ۾ سوچيو...
خوابن ۾ تراشيو ۽ حقيقتن ۾ چاهيو هو...!

ڪومل ٻاڪ ڦٽڻ ڪان اڳ ئي بسترو ڇڏي، گهر جي صفائي ۽ سينگار ۾
لڳي وئي هئي...! ڪم ڪار لاهي هن ڳاڙهو پرتيل جوڙو پائي، هار
سينگار ڪري جڻ ته پنهنجو پاڻ کي ڪنوار بنائي ويٺي هئي...!

9 بجلي ڪان ٿورو اڳ مقدس به ڪومل جي گهر پهچي ويئي، هن اڄ
پهريون دفعو ڪومل جي گهر کي ايترو سنواريل ڏٺو جڻ ته خوشيءَ مان
هن گهر جون در ديوارون به مرڪي رهيون هيون ۽ جڏهن ڪومل تي نظر
پيس ته ڏسندي دنگ رهجي وئي هئي...! هار سينگار ڪانپوءِ ڪومل
جي سونهن ائين نکري پئي هئي جو خود مقدس جو من به مٿس عاشق ٿيڻ
لڳو هو...!؟

ويجهي اچي پيرن ڪان وارن تائين ڪيس ڀرپور نظر سان ڏسندي چيائين.
"ڪومل! ايترو به ظلم نه ڪر، جو ويچارو وڪيل اڄ ئي توکي پاڻ سان
گڏ وٺي وڃڻ جو ضد نه ڪري ويهي...!"
۽ ڪومل مرڪي شرمائجي ڪنڌ جهڪائي ڇڏي ٿي...!!
ٺيڪ 9 وڳي گهر ٻاهران ڪار جي بيهڻ جو آواز اچي ٿو ته ڪومل هڪدم



sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

ٻه ڏنو ته ڪو وڏو فرق ڪونه پوندو...!"

"ٺيڪ آهي ادا، آئون پاڻهين سڀ سنڀالي وٺنديس... توهان پنهنجي تياري ڪريو...!" مقدس مرڪي چيڪ وٺندي چيو.

فدا حسين ڪجهه ڳولڻ جي انداز ۾ هيڏانهن هوڏانهن ڏسندي: "ڀلا ڪومل ڪونه پئي نظر اچي...!؟"

مقدس هڪدم ڪٽ تان اٿي خوشي مان ڪلندي، ڪمري اندر وڃي شرم وچان لڪي ويٺل ڪومل کي گهليندي ٻاهر ڪڍي آئي...

ڪومل هڪ خوبصورت ادا سان وڪيل ڏانهن ڏسي، شرم وچان ڀيهر ڪنڌ جهڪائي ڇڏيو.

فدا حسين جي من جي اڱڻ تي ڪيئي شهنايون گونجي ويون، ۽ هو بنا ڪجهه چوڻ ڳالهائڻ جي مرڪندو ٻاهر هليو ويو.

*****

مقرر تاريخ تي فدا حسين ۽ ڪومل جي هڪ سادي تقريب ۾ شادي ٿي وئي. فدا حسين پنهنجي ڪجهه خاص دوستن کي گهرايو ۽ مقدس ۽ ڪومل پڻ پنهنجي ڪن خاص ساهيڙين کي ان دعوت ۾ سڏايو...!

شاديءَ کانپوءِ ڪومل جو گهر وڪيل جي گهر ۾ ڄڻ ته ضم ٿي ويو. سندس ماءُ به گڏ رهڻ لڳي هئي.

ڪومل ۽ فدا حسين هڪ نئين دنيا آباد ڪري ورتي هئي...!

هنن ڄڻ ته جاڳندڙ نيڻن ۾ ڪيئي خواب پوکي ڇڏيا هئا...! ڏک ۽ غم هنن کي الوداع چئي ويا هئا. مرڪ مالهائون سندن مقدر ٻڻجي پيون هيون...! ڪائنات جا ڪاروهنوار في الحال ڪانئن ڇڏائجي ويا... هنن ڄڻ ته هڪٻئي جا ٻانهن ۾ ئي ڪل ڪائنات کي قيد ڪري ورتو هو...!

راتين جون ننڊون نيڻن جي آڪيرن مان اڏام ڪري ويون هيون...!

پيار...هڄتون... ڪيتا.... ٺهڪ... رساما... پرچاءُ.... ناز... انداز... چاهه... چميون... سڪ... ڇڪ... ۽... ۽......!!؟

مطلب ته نئين پيار جي شوق ۾ هنن کي ڏينهن ۽ راتين جي ڪائي سُڌ ڪونه رهي هئي...!

هوڏانهن ڪومل جي ماءُ پنهي جو ايڏو قرب ۽ پيار ڏسي تمام گهڻي خوش



sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

هو...! ۽ گاڏي جيئن ئي مصري شاهه جي درگاهه واري موڙ مان نڪري روڊ تي سڌي ٿي تہ لطيف پيٽرول پمپ جي پراڻي بلڊنگ پٺيان ديوين جي گهاٽي جهڳٽي مان ٿي ٻُٽ پڌل هٿياربند اوچتو روڊ تي چڙهي سندن گاڏي کي هٿيارن جي زور تي روڪڻ لاءِ رائفلون ايمون ڪيون... ان اوچتي ڪارروائي تي فدا حسين بدحواس ٿي پيو ۽ گاڏي جي ايڪسيليٽر تي زوراڻي لت رکجي وئي، جنهن ڪري ان جي اسپيڊ اڃان بہ وڌي وئي...!

ڌاڙيلن گاڏي تي انڌا ڌنڌ فائرنگ ڪري چارئي ٽائر برسٽ ڪري وڌا ۽ گاڏي رمن تي ڇيڪاٽ ڪندي گهمتون هڻندي وڃي روڊ جي ايرندي ڪناري تي بيهي رهي ۽ ٽائرن مان دونهان نڪرڻ لڳا...!

ڌاڙيل ڊوڙي اچي اڳيان پٺيءَ در کولي فدا ۽ ڪومل کي هيٺ گهلڻ لڳا...!

گهليندا جڏهن روڊ جي ٻئي ڪناري جي لاهي وٽ پهتا تہ اوچتو سامهون پوليس موبائيل انتهائي تيزيءَ سان خطري جا سائيرن وڄائيندي ظاهر ٿي...!

پوليس جي اوچتي آمد ڌاڙيلن کي بوکلائي وڌو... ۽ هنن مان هٿ ڪڍي پاڻ بچائڻ لاءِ ديوين طرف ڀڄڻ لڳا...!

پوليس هڪدم لهي فائرنگ شروع ڪري ڏني ۽ جوابي فائرنگ ڌاڙيلن بہ شروع ڪري ڏني...!

شهر ويجهو هئڻ ڪري پوليس جي ٻي نفري ڊي ايس پي عبدالحميد جي اڳواڻي ۾ پهچي وئي ۽ ڌاڙيلن جو چئني طرفن کان گهيراءُ تنگ ڪيو ويو...!

نيٺ ڌاڙيلن کي هٿيار ڦٽا ڪري پوليس آڏو پيش ٿيڻ ڪانسواءِ ڪو بہ چارو نہ مليو ۽ نامور ڌاڙيل ملهار پنهنجي ساٿين بهادر خان ۽ مامون ميرڻ سميت گرفتاري پيش ڪري ڇڏي...!

وڪيل فدا حسين روڊ تي گهلجڻ ڪري زخمي ٿي پيو هو ۽ ڌاڙيلن جو سردار ملهار پڻ ٽنگهہ ۾ گولي لڳڻ ڪري زخمي ٿي پيو هو.

ڊي ايس پي عبدالحميد وڪيل فدا حسين ۽ سندس زال ڪومل کي



sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

آفيس ۾ سڏائي سندن بيان قلمبند ڪيا ۽ کين احتياط جي هدايت ڪندي گهر وڃڻ جي اجازت ڏيئي ڇڏي...!

❋❋❋❋❋

مقدس سڄو ڏينهن انتظار ڪري ڪري بيزار ٿي پئي پر مهمان جڏهن نه پهتا ته کيس يقين ٿي ويو هو ته ڪومل سائس اهو بہ مذاق ڪيڏيو هوندو...!؟ ۽ پوءِ مقدس کي ڪومل تي تمام گهڻي ڪاوڙ اچڻ لڳي هئي...!؟

جڏهن رات جو 8 وڳي ڌاري ڪومل مقدس جو نمبر ملايو ته مقدس مٿس ڏمر جي پئي... بلڪ وڙهڻ لڳي هئي ڇئي:

"ڪومل! هر ڳالهہ جو ڪوئي وقت ڪوئي ٽائيم هوندو آهي...!تون هر وقت مذاق ڪندي، صفا ٻاراڻيون حرڪتون ڪندي آهين. آئون ئي بيوقوف آهيان جو تنهنجي ڳالهين تي اعتبار ٿي ڪريان...!؟"

"اڙي مقدس دوست! تون ڪجهہ منهنجي بہ ته ٻڌ...!؟"

"ڇا ٻڌان تنهنجي...!؟ تون ڪيڏي نہ غير سنجيده ٿي وئي آهين...!؟"

"پر مقدس يقين ڪر، اڄ آئون صفا سنجيده آهيان...! اسين اڄ تو ڏانهن ئي نڪتا هئاسون... پر رستي ۾ ڌاڙيلن اسان جي گاڏيءَ کي برسٽ ڪري اسان کي اغوا ڪرڻ جي ڪوشش ڪئي، اهو تہ شڪر ٿيو جو اسان جي ڀاڳ ۾ مٿان پوليس پهچي وئي...!؟"

"واهہ، ڏاڍو سٺو... بچي تہ وئين نہ...؟؟ هاڻي اها بڪواس وڃي ڪنهن ٻئي کي ٻڌائجان...!!" مقدس ڪاوڙ ڀري طنز سان کيس چيو...!

"پر... پر... مقدس، تون ٻڌ تہ سهي...!!؟" ڪومل چوندي رهي پر ان کان اڳ لائين ڪٽجي وئي...!

❋❋❋❋❋

ٻئي ڏينهن صبح واري اخبار ۾ شهہ سرخيءَ سان اها خبر ڇپي هئي تہ لاڙ جو بدنام ڌاڙيل ملهار، ٻن ساٿين سميت پوليس مقابلي ۾ گرفتار ٿي ويو آهي، ڌاڙيلن ناماري وڪيل فدا حسين ۽ سندس زال ڪومل کي هٿيارن جي زور تي لطيف پيٽرول پمپ وٽان اغوا ڪرڻ جي ڪوشش ڪئي تہ حادثي جي اطلاع تي وينڊز پوليس سان ٽڪر ٿي پيو جنهن ڪانپوءِ



sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

احوال ڏنائين...

مقدس، پيءُ جي وينئي سندس فون تان ڪومل جو نمبر ڊائيل ڪيو.

”يس... فدا حسين اسپيڪنگ!“

رسيور مان فدا حسين جو آواز آيو تہ مقدس انتهائي پنهنجائپ مان پنهنجو تعارف ڪرائي، دعا سلام ڪرڻ بعد ڪومل سان ڳالهائڻ جو اظهار ڪيو تہ فدا حسين ڪومل کي سڏي فون سندس حوالي ڪري ڇڏيو.

ڪومل ڪنڌ کي چندڪو ڏيئي چهري تان وار هٽائيندي رسيور ڪن تي رکيو...

سامهون مقدس جو آواز ٻڌي جڻ تہ ڪومل ٽڙي پئي.

”اڙي مقدس...! تون ائين اچانڪ اچي وئين...! ٻڌايو بہ ڪونہ ظالم...!؟“

فون مان ڪومل جو ساڳي هجتائو لهجو ۽ خلوص ڏسي، مقدس جي دماغ تان اهو سڄو بار ئي لهي ويو هو، جيڪو اهو سوچيندي مٿي تي کنيو هئائين تہ شايد ڪومل ساڻس ناراض هوندي... ۽ اطمينان جو ساهہ کڻندي چويس تي.

”ها ڪومل! اهو ڪٿي ممڪن آهي تہ تو تي ڏکيو وقت اچي ۽ آئون نہ پهچان...؟“

”پر توکي تہ منهنجي ڳالهہ جو يقين ئي ڪونہ هو...؟“

”جيڪڏهن يقين هجي ها تہ رات ئي پهچي نہ وڃان ها...!؟“

”تہ پوءِ ڪيئن يقين آئي؟“

”اخبار پڙهي...!“

”اوهہ! تڏهن چئبو تہ اسين ڏاڍا مشهور ٿي ويا آهيون...!؟“

”پلا هاڻي مون وٽ ڪيڏي مهل ٿي اچين مقدس؟“

”حيدرآباد کان هيستائين آئون پهتيس، باقي هيترو پنڌ تہ توکي بہ ڪرڻ گهرجي نہ...!؟“

”ان جو مطلب تہ تون مون لاءِ ڪونہ آئي آهين...؟“

”هاڻ بس بہ ڪر... آئون توري دير ۾ تو ڏانهن اچان ٿي...!“



sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

"سچ ٿي چوين مقدس...! پر چوندا آهن تہ قدرت وارو هر مشڪل جو ڪوئي حل بہ پاڻ ئي ڪڍي ڏيندو آهي...! ان ڪري آئون سمجهان ٿي تہ فدا کي قدرت واري منهنجو مددگار ڪري موڪليو هو...!"

"ها ضرور...! تو کي ان رب جو شڪر ڪرڻ گهرجي...!"

"پر مقدس، ان سان گڏ آئون تنهنجي بہ تہ شڪر گذار آهيان...!"

"خير ڇڏ انهن فضول ڳالهين کي...! هاڻ ٻڌائي تہ توهان اڳتي جو ڇا سوچيو آهي."

"ها مقدس! فدا تو چوي تہ هاڻي آئون انهن وڏيرن کي قانون جي دائري ۾ آڻي اگر جهڪائيندس نہ تہ اهي سک سان هلڻ ڪونہ ڏيندا، ان ڪري هو بابا جي ملڪيت ڦٻائڻ جي ڪورٽ ۾ دعوي پيو داخل ڪرائي، جنهن ۾ امڙ ۽ آئون شاهد هونداسين...!"

"پر ڪومل! انهيءَ سان تہ ويتر دشمنيون وڌنديون...! پوءِ تہ توهان لاءِ خطرا بہ وڌي ويندا...!؟"

"اهو تہ مون بہ فدا کي چيو تہ ناڳن جي ٻرن ۾ هٿ نہ وجهہ پر هو چوي ٿو تہ قانون انهن ناڳن کي نوڙي ناهي ڇڏيندو ۽ پوءِ اهي ساڳي زمينون بہ واپس ڪندا... ۽ پنهنجي جان بخشيءَ لاءِ پاڻ کي منٿون بہ ڪندا...!"

"ٺيڪ آهي پر يار، مون کي تہ وري بہ خوف پيو ٿئي متان...!؟"

"بس مقدس، تون منع نہ پر دعا ڪر... خدا ڪندو سڀ ٺيڪ ٿيندو...!"

❊❊❊❊❊

وقت جا ڪانٽا چڙ واڳ گهوڙن جيان ٽاپ ٽاپ ڪندا، حال کي ماضيءَ ۾ مٽائيندا، مستقبل جي بي خبر منزل ڏانهن ڊوڙندا رهيا. وڏيري همير خان ۽ ڏاڙيل ملهار جي ٽولي کي سخت پيروي ڪري وڪيل فدا حسين ڳريون سزائون ڏيارڻ ۾ ڪامياب ٿي ويو.

ڪومل جي دعوي تي پڻ ڪورٽ سڳوري ڪيس پيءُ جي ملڪيت جي وارث تسليم ڪندي ڪيس سموري ڦٻايل زمين واپس ڏياري ڇڏي ۽ فدا حسين پنهنجي همٿ، بردباري ۽ پوليس جي مدد سان قبضو وٺي ۾ پڻ ڪامياب ٿي ويو...!

ڪومل جي ماءُ کي ان وقت دل جو دورو پيو جڏهن سندس مڙس جي زمين



sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

ڪورٽ سگوري ڪين واپس ڏياري...!

هڪ خوشي ۽ ٻي خوف جي گاڏڙ ڪيفيتن ۾ هو پنهنجي دل جي رفتار ڪي سنڀالي نہ سگهي... ۽ اسپتال ۾ 24 ڪلاڪن جي ڪشمڪش ڪانپوءِ دم ڏئي حوالي ڪري ڇڏيائين...

ڪومل ڪي ماءُ جي وفات جو شديد ڏک رسيو. ڇاڪاڻ تہ اها جيجل ئي هئي جنهن ڪيس ماءُ ٻنهي سانڊيو ۽ پيءُ ٻنهي نڀايو هو...! پر وري بہ فدا حسين جي پيار ۽ مقدس جي دلداري ڪيس وڏي آٿت ڏني ۽ هو جلد پاڻ سنڀالي وٺي زندگي ٻيهر معمول تي موٽي آئي ۽ اجا بہ وڌيڪ سندن زندگي ۾ تڏهن خوشيون اچي ويون جڏهن ڪومل ڪي ڳلن جهڙو پٽ ڄائو هو...! جڻ ڪين هڪ خوشين جو نئون خزانو ملي ويو هو پٽ جي روپ ۾...! وڪيل فدا حسين ۽ ڪومل جي ننڍڙي دنيا ۾ ٽڙيل گل هنن ڪان سمورا ڏک ۽ غم وساري ڇڏيا هئا ۽ هنن جي دنيا نون رنگن ۾ رچجي چڪي هئي.

هوڏانهن مقدس جي انٽر جي رزلٽ پڻ هن جي لاءِ نيون خوشيون، نيون ڪاميابيون ۽ نئون پيار کڻي آئي هئي...! هن پوري ڊويزن ۾ سيڪنڊ پوزيشن حاصل ڪئي هئي.

اخبارن سندس فوٽو ۽ انٽرويو شايع ڪيا...

سندس پيءُ ڊاڪٽر فرحان کي مبارڪ باد جون فونون اچڻ لڳيون... پاڻ شهباز تمام گهڻو خوش هو... پر سندن ماءُ ڊاڪٽرياڻي سحرش تہ جڻ ڪوئي خوشيءَ جو چنڊ فتح ڪيو هجي...!!

سڄي گهر ۾ خوشي آسماني تارن وانگي اگهڻ، در ۽ درين تي چمڪي پئي هئي...!

مقدس جو جڻ نصيب جرڪي پيو هو ۽ سندس حصي ۾ سڄي گهر جو پيٽو پيار اچي ويو...! سيئي ڪيس خاندان جو چشم و چراغ سڏڻ لڳا هئا...!

۽ انهيءَ خوشي ۾ ڊاڪٽر فرحان هڪ زبردست پارٽيءَ جو اهتمام پنهنجي گهر ۾ سجايو هو...!

سڄو گهر رنگين بلبن ۽ ٽيوب لائٽن سان چراغان ڪيو ويو... صبح 10

پوءِ هن هڪ اسپرٽ جو ٻڙو ڳاهي مقدس جي نڪ تي رکيو ته آهستي آهستي مقدس جي پنبڻين ۾ جنبش آئي ۽ پوءِ سندس اکيون ترڙائڻ لڳيون...!؟

ڊاڪٽر فرحان کيس حرڪت ۾ ڏسي بيد تي پير ۾ ويهي ڳالهائڻ لڳو.

"مقدس پٽ...!" کيس ڳلن تي ٿڦڪيون ڏيندي سڏڻ لڳو...!

مقدس پنهنجا ڳهريل نيڻ کڻي انهيءَ پيءُ جي منهن ۾ اکين بدحواسيءَ مان ڏسڻ لڳي، ڄڻ سوال ڪندي هجي ته:

"بابا! هي سڀ ڪجهه ڇا ٿي رهيو آهي...!؟"

پيءُ کيس هوش ۾ ايندي ڏسي، دادلي پار جيان مٺڙي لهجي ۾ سمجهائڻ لڳو...!

"مقدس پٽ! هي توکي اوچتو ڇا ٿي ويو...؟!"

"ڏس، اڄ ته تنهنجي شاندار پارٽي آهي...!"

"مهمان گهر اچڻ وارا آهن...!"

"۽ تنهنجي دوست ڪومل به ته ضرور ايندي نه اڄ...!؟"

"۽...۽...تو ڏس: اهڙي اهم ڏينهن تي به پنهنجا ڪهڙا حال بڻائي ڇڏيا آهن...!؟"

"اُٿ...! اُٿي شاباس." ڊاڪٽر فرحان کيس مٿي کان ٽيڪ ڏيندي اٿڻ لاءِ همٿائڻ لڳو...!

مقدس ڪنڌ مٿي کڻي اُٿي ويهي ٿي ۽ پوءِ پريشان نظرن سان سندس مٿان ميڙ اکو ڳاهي، پريشان حال بيٺل پاڻرن ۾ پيئرن جي اداس چهرن ۾ ڄڻ ته ڪو سبب ڳولڻ لڳي ٿي...!

ڊاڪٽريائي سحرش وڌي اچي کيس پيار مان ڄاڙي کان هٿ ڏيندي پڇي ٿي.

"توکي ڇا ٿي ويو مقدس ڌيءَ...!؟"

مقدس بي سمجهه نظرن سان پيءُ جي اکين ۾ نهاريندي ساڳيو اڻاٽڪو سوال ورجائي ٿي...!

"مون کي ڇا ٿيو هو بابا...!؟"

"ڪجهه نه...! ڪجهه به نه پٽ. توکي توري آرام جي ضرورت آهي...!



sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

لڳي ٿو رات توکي به اسان وانگي خوشيءَ ۾ ننڊ ڪونه آئي آهي..!؟"
ڊاڪٽر فرحان جي لفظن جڏهن ته مقدس کي ڪائي ڏنڊلي ياد ڏياري ڇڏي
هئي...! ۽ جڏهن سڀئي ڪيس آرام ڪرڻ جو چئي ٻاهر هليا ويا هئا ته
پيهر مقدس ذهن تي زور ڏيئي سوچڻ لڳي هئي ته "ڇا؟ واقعي منهنجا ماءُ
پيءُ ڪي ٻيا آهن...؟!"
"ڪهڙين حالتن مون کي هن گهر ۾ اُڇلائي ڇڏيو هو...؟"
"۽ پوءِ...! منهنجا اصل ماءُ پيءُ ڪير ٿي سگهن ٿا...؟!"
"ڪٿي آئون... ڪنهن پاپ جو... پاپي اولاد ته نه آهيان...!؟"
اِن سان گڏ سوچ جو پاسو بدلجي ٿو ۽ سوچڻ لڳي ٿي...!
"توڙي ڪٿي ڪجهه به هجي... پر منهنجا هيءَ به ماءُ پيءُ آهن، جن مون کي
تاتي پالي، پڙهائي، لکائي، سمجهه ۽ ساڃاهه ڏياري آهي...!؟"
"۽ مون کي هن جي نمڪ حلالي ڪرڻ لاءِ، فرمانبردار اولاد وارو ڪردار
ادا ڪرڻو پوندو...!"
ڪٿي ائين نه ٿئي، جو مون تي هيڏا سارا احسان ڪندڙ مون کي حرامي
پار هجڻ جو لقب ڏيئي ويهن...!؟"
"جيڪڏهن هنن مون کي حقيقي ڌيءُ جو مقام بخشيو آهي ته آءٌ به هنن لاءِ
حقيقي ڌيءُ بڻجي ڏيکاريندس...!"
اهي سوچون سوچيندي مقدس اهو به فيصلو ڪري ورتي ٿي ته هوءَ ڪجهه
ڳوهه ۾ پنهنجي حقيقي ماءُ ۽ پيءُ کي تلاش ڪندي ۽ اهو راز ضرور
حاصل ڪندي ته هو ڪنهن پاپ جي پيداوار آهي يا ڪنهن بيوس ماءُ
جي مجبوري...!؟
هوءَ اُجا انهن ئي سوچن ۾ بستري تي ويٺي هجي ٿي جو ڊاڪٽرياڻي
سحرش پيهر ڪمري ۾ گهڙي اچي ٿي...!
مقدس جي پير ۾ ويهي سندس وار سنواريندي پاپوهه منجهان چوي ٿي
"اٿي ڌيءُ! تياري ڪري وٺ...!"
"ڏس تنهنجا دعوتي به پهچڻ شروع ٿي ويا آهن ۽ تنهنجون پڇائون پيا
ڪن...!"
تڏهن مقدس پنهنجي اُن ماءُ جي اکين ۾ ڏسي مرڪي پوي ٿي... ۽ اُن


sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

جي هڪ ننڍڙي مرڪ سان ماءُ جي دل ۾ ڪيتي خوشيءَ جا ساز چڙي پيون ٿا...

مقدس سمجهي وئي هئي ته هڪ سنڌس ٿي خوشيءَ ۾ هن سڄي گهر جون خوشيون اٽڪيل آهن... ان ڪري پنهنجا ڏک وساري آهستي ڪٽ تان اٿي باٿ روم طرف هلي وئي هئي... ۽ جڏهن وهنجي ٻاهر نڪري هئي ته ماٿس الماڙيءَ مان سنڌس پارٽيءَ لاءِ تيار ڪرايل گلابي ڪاٽن جو جوڙو ڪڍي ڪيس پائڻ لاءِ ڏنو هو... ۽ ڪيس هارسينگار ڪرڻ ۾ پڻ مدد ڪري هئي...

مقدس جڏهن ماءُ جي پاڪرن سهاري پارٽي حال ۾ پهچي هئي ته سڄو حال تاڙين جي گونج ۾ گونجڻ لڳو هو ۽ مقدس خوشيءَ مان مرڪندي ٻئي هٿ جوڙي سڀني آيلن کي ادب جو سلام ڪيو هو...

پاءُ شهباز مٿس گلن جي ورکا ڪندو رهيو هو ۽ پيءُ ڊاڪٽر فرحان پنهنجي دوستن سان گڏ بيهي تاڙيون وڄائيندو رهيو هو...!

ان ويل مٿس تحفن جي ورکا ٿيڻ لڳي هئي ۽ هو مرڪي تحفا وصول ڪندي رهي هئي...!

ڪومل ۽ فدا حسين گڏجي اچي ڪيس هڪ خوبصورت گفٽ پيڪ پيش ڪندي مبارڪباد ڏني هئي ۽ مقدس مرڪي ڪومل کي پاڪرن ۾ ڀري ورتو هو...! ۽ پوءِ ڪاڌي پيتي جو دور شروع ٿيو هو...!

ڊاڪٽر فرحان ۽ ڊاڪٽر سحرش انتهائي خوش موڊ ۾ پنهنجي قابل فخر ڌيءَ مقدس کي ساڻ ڪري هر هڪ ٽيبل تي وڃي مقدس جو مهمانن سان تعارف ڪرائيندا رهيا ۽ مهمان مقدس جي هوشياريءَ جي تعريف ڪندي ڪيس مبارڪون ڏيڻ لڳا هئا...!؟

انهيءَ پروقار تقريب ۾ جيتوڻيڪ مقدس سڀني کان مٿاهين حيثيت ماڻي چڪي هئي...پر پوءِ به الائي ڇو؟

مقدس کي اهو سڀ ڪجهه ڪنهن ڊرامي مثل لڳي رهيو هو...؟

اهڙو ڊرامو جنهن ۾ هن جو اهم رول هو...!

۽ اهڙو رول جيڪو سواءِ ڊرامي جي باقي ڪا به حقيقي معنيٰ نه رکندو آهي، پنهنجي زندگيءَ ۾ پهريون ڀيرو، گهر وارن جي خوشيءَ خاطر



sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

مقدس کي ڪجھ مصنوعي ڪرڻو پيو هو...!؟
لڙڪ ۾ درد لڪائي، چپن تي مرڪ سجائڻي پيئي هئي...!
ڏک لڪائي، خوشي، ڏيکارڻي پئجي رهي هئي...!؟
توڙي جو هوءِ سڀني سان مرڪي ملي رهي هئي.
پر سندس دماغ تي مايوسيءَ جا ڪارا ڪڪر ڇانيل هئا...!
اڄ تہ هوءِ پنهنجو پاڻ کي صفا اوپرو محسوس ڪري رهي هئي...!؟
اڄ ڪيس پنهنجي تقدير تي ڏاڍي حيرت هئي...!!؟
ڄڻ اڄ پنهنجي تقدير جو تماشو ڏيکارڻ لاءِ...
هٿن ۾ مداريءَ واري ڊگڪي وڄائڻي پئجي وئي هئي...!!؟
ڪيس ائين ٿي لڳو ڄڻ پارٽيءَ ۾ گڏ ٿيل ماڻهن جا ميڙ بہ مٿس چٿرون ڪندا هجن...!!؟
ائين ڄڻ، محفل ۾ گونجندڙ ٽهڪن جو دلين سان ڪو بہ تعلق نہ هو...!؟
ڄڻ ڪا بہ خوشي حقيقي نہ رهي هجي ڪائنات ۾...!؟
ڪيس دنيا جا سمورا رنگ عارضي محسوس ٿيڻ لڳا هئا...
دنيا جا سڀئي رشتا ڪچي ڌاڳي مثل لڳي رهيا هئس...!!؟
پر انهن سڀني احساسن کي دٻائي، مرڪي، مهمانن سان ملي رهي هئي، مقدس جي انهيءَ مونجھ کي ڪومل پرکي ورتو هو... هن سندس چهري جون عبارتون پڙهي ورتيون هيون...! هوءِ فدا حسين کان مقدس سا ملڻ جي اجازت وٺي... مقدس وٽ هلي آئي هئي.
مقدس ڪيس ساڳي مصنوعي مرڪ سان ملي هئي.
ڪومل مقدس کي پاڻ کان جملي هڪ ڪنڊ ۾ وٺي آئي هئي... ۽ پڇيائين!
مقدس، ڇا ڳالھ آهي؟ اڄ هيڏي اهم موقعي تي بہ تون ڪجھ منجهيل پئي لڳين...!؟ ڪوئي مسئلو آهي ڇا؟!"
نہ... نہ نہ...!! اهڙي تہ ڪائي ڳالھ نہ آهي ڪومل."
مقدس پنهنجي ئي لفظن ۾ وچڙي پئي هئي...!
ڏس مقدس! اگر زندگيءَ ۾ مون تو کان ڪجھ لڪايو هجي تہ پوءِ تون بہ ڀلي لڪائي...! جيڪڏهن مون ڪجھ ناهي لڪايو تہ توکي بہ مون سان



sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

ڪوڙ نہ ڳالهائڻ ڪپي...! پڏائي مقدس، ڪهڙي پريشاني آهي؟!!"
"ڇا ٻڌايان توکي ڪومل، تہ منهنجي تقدير مون سان ڪهڙو تماشو ڪيو آهي؟ منهنجي جهولي، ۾ پرائي حصي جا ٽمڪ وجهي، منهنجي نصيب جا لڙڪ ۽ سڏڪا رولي ڇڏيا آهن...!؟"
"۽ اڄ مون کي منهنجي دنيا ڏاڍي عجيب لڳي تي ڪومل! بس مون لاءِ دعا ڪر تہ آئون پنهنجي زندگي جي سڀ کان وڏي مقصد ۾ ڪامياب ٿي وڃان...!؟"
"نہ فقط دعائون... پر مقدس منهنجون تہ سڀ سچايون بہ توسان گڏ آهن پر ڳهٽ ۾ ڳهٽ مون کي تہ پڏائي آخر مسئلو ڇاهي؟!"
"نہ ڪومل پليز، هينئر ئي مونکان سڀ ڪجهہ نہ پڇ...! منهنجي هن درد ڪماٿي جي لفظ لفظ ۾ لڙڪ ٽانڪيل آهن، جملي جملي ۾ سڏڪا سمايل آهن... ۽ سٽ سٽ ۾ سورن جا سلسلا آهن...! ۽ اگر مون چپ چوريا تہ انهن کي ڪير بہ روڪي ڪونہ سگهندو ڪومل...!!؟"
وقت کي سمجهندي ڪومل خاموش ٿي وئي...!

❊❊❊❊❊

جڏهن رات ٿي ۽ هر ڪو ٿڪجي ٽٽي وڃي بستري ڀيڙو ٿيو... تڏهن مقدس کي جذبات سمهڻ نہ ڏنو... ۽ هو بنا اجازت جي پيءُ ماءُ جي ڪمري اندر هلي آئي...
ڊاڪٽر ۽ ڊاڪٽرياڻي، ائين پريشان حال مقدس کي ڪمري اندر ڏسي ڇرڪي بستري تي اٿي ويهي رهيا...!
مقدس پٽ، پريشان آهين... خير تہ آهي؟!" ڊاڪٽر فرحان پڇيو.
"بابا! آئون توهان کان هڪ ڳالهہ پڇڻ آئي آهيان... پر پهريان مون سان وعدو ڪريو تہ توهان منهنجي سوال جو جواب ڏيندا... ۽ سچ ٻڌائيندا...!؟" مقدس جو آواز جذبات ۾ ڏڪي رهيو هو.
"پر ڌيءُ! اڄ تائين اسان توسان ڪهڙو ڪوڙ ڪيو آهي جو اڄ تون پهرين وعدو ٿي وٺين...!؟" ماءُ چيو.
"نہ امي! هي ڪجهہ ڳالهہ ئي اهڙي آهي، جو جيسين وعدو نہ ڪندا، آئون توهان کان هرگز نہ پڇنديس...!!"



sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

"چڱو بابا، وعدو ٿا ڪريون ته تو سان ڪو به ڪوڙ نه ڳالهايو ويندو ۽ تنهنجي سوال جو صحيح جواب ڏبو... پڇائي ڇا ڳالهه آهي...!؟"

مقدس وڏي اچي پنهي، جي وچ ۾ ويهندي پنهي جو هٿ ڪٽي پنهنجي مٿي تي رکندي پڇيو:

"توهان کي منهنجي سر جو قسم آهي، سچ ٻڌايو ته آئون اصل ڪنهن جي ڌيءُ آهيان...؟؟ منهنجا ماءُ پيءُ ڪير ۽ ڪٿي جا آهن...؟؟!"

انهيءَ سوال تي ٻئي ششدر نظرن سان هڪٻئي جي اکين ۾ نهارين ٿا... ۽ پوءِ حواس سنڀاليندي ماءُ چويس ٿي،

"مقدس، هي ڪهڙيون بدتميزيءَ واريون ڳالهيون پئي ڪرين...!؟ اسين تنهنجا ماءُ پيءُ ناهيون ڇا؟؟!"

"ها ها، توهان منهنجا ماءُ پيءُ آهيو... بلڪ منهنجي حقيقي ماءُ پيءُ کان به عظيم آهيو منهنجي لاءِ...! پر گهٽ ۾ گهٽ منهنجي رڳن ۾ رت ته ڪنهن ٻي جو ڊوڙندڙ آهي...؟!

گهٽ ۾ گهٽ مون کي جنم ته ڪنهن ٻئي ماءُ ڏنو آهي...!!؟"

"پر ڌيءُ! توکي اهو سڀ ڪجهه ڪنهن ٻڌايو آهي؟"

بابا! مون کي توهان جي هن ڪمري جي ديوارن ٻڌايو آهي، جو توهان امي کي نه پئي چيو ته پٽين کي به ڪن هوندا آهن...!؟؟"

ڊاڪٽر ۽ ڊاڪٽرياڻي هڪٻئي ڏانهن پڇتاءُ جي نظر سان نهاريو...

مقدس جا سڏڪا تيز ٿيڻ لڳا ۽ سندس چهرو لڙڪن ۽ پگهر ۾ وهنجڻ لڳو هو...!

پيءُ کيس ڪلهن کان پاڪر وجهي پيار جي پرڇاٽي ڏيندي چوي ٿو،

"مقدس پٽ! مون کي تون پنهنجي پٽن کان به پياري آهين... سڀني ڌيئرن کان به مٺي آهين...! مون ته هميشه توکي پنهنجي ئي ڌيءُ سمجهيو آهي... ۽... تون اڄ ...!؟"

۽ بابا! مون به توهان کي سڳو پيءُ ئي سمجهيو آهي...!"

"مون لاءِ توهان سڀئي عظيم آهيو...! ۽ منهنجي زندگي به اوهان سان ئي آهي... اوهان کان جدا ٿي آئون ڪڏهن به جيءُ ڪونه سگهنديس... پر امي! آئون هڪ دفعو پنهنجي انهيءَ ماءُ کي به ڏسڻ ٿي چاهيان جنهن



sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

ڪيس وڏيڪ پائڻ ۾ پيار ڪرڻ لڳن ٿا...

۽ مقدس پنهنجو پاڻ سان اهو طئي ڪري ڇڏيو هو ته هو پنهنجي اصل ماءُ پيءُ کي اهڙي گمناميءَ ۾ تلاش ڪندي، جو پنهنجي هنن ماءُ پيءُ ۽ پائر ڀينرن کي ڪا خبر ئي ڪونه رهندي...!

ٻئي ڏينهن شام جو ڪومل فون ڪري مقدس کي اها خوشخبري ٻڌائي ٿي ته هن نه فقط سمياٽي ڳوٺ جو پتو حاصل ڪري ورتو آهي، بلڪ ان ڳوٺ ۾ ئي سٺو واسطو به تلاش ڪري ورتو آهي... انهيءَ ڪري پاڻکي هاڻي اوڏانهن هلڻ ۾ ڪا به تڪليف نه ٿيندي...

مقدس ڏاڍي خوش ٿئي ٿي... ۽ صبح جو 10 وڳي انهيءَ طرف وڃڻ جو پروگرام ناهي وٺن ٿيون...

صبح جو ساڍي نائين وڳي ئي مقدس پنهنجي پيءُ ڊاڪٽر فرحان جي گاڏي ڪڍي اچي ڪومل جي گهران نڪري ٿي...

ڪومل اڄ ڀريون ڀيرو مقدس کي ميڪ اپ جي تهن ۾ ڍڪيل ڏسي حيران ٿي وڃي ٿي ۽ ڪيس طنز مان چوي ٿي.

”هي ڇا مقدس...؟ اڄ ڪنهن دلين جي شڪار جو ارادو آهي ڇا...؟“

مقدس ڪجهه سنجيده ٿيندي ڪيس جهڙپ ڏيندي وراڻي ٿي، ”ڪومل! توکي خبر به آهي ته آئون ڪيڏي سادگي پسند آهيان... پر مجبوريون انسان کي پنهنجا اصل روپ بدلائڻ تي به مجبور ڪري ڇڏين ٿيون... توکي ٻڌايو هئم ته آئون بلڪل پنهنجي ماءُ جي هم شڪل آهيان... ان ڪري نٿي چاهيان ته مون کي ڏسي ڪير شڪجي پوي... ميڪ اپ مون انهيءَ مجبوري ۾ ڪيو آهي، شوق ۾ نه...!؟“

ڪومل کي شرمندگي جو احساس ٿئي ٿو ۽ هوءَ مقدس ’کان معذرت ڪري ڇڏي ٿي...

ڏينهن آچر جو هو... ان ڪري ڪومل پنهنجي مڙس فدا کي اڳ ئي آگاهه ڪري ڇڏيو هو ته اڄ ڪيڏانهن به هلڻ جو پروگرام ناهي... بلڪ اڄ توهان گهر تي ئي رهندو... ۽ پنهنجي ننڍڙي پٽ کي ٽائيم ڏيندو... ڇو ته آئون اڄ پنهنجي دوست مقدس سان گڏ ڪنهن ٻهراڙي ۾ سهيلي جي دعوت ۾ وينديس...!



sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

جيئن وڃائي ويهندا هئا ۽ ڏاڍا ساهه پري ڪيس خيالن ۾ ئي خوابن جي راڻي جهڙا لقب ڏيئي ويهندا هئا...!!"

۽ ڪومل! امڙ ٻڌايو ته... هن ڳوٺ ۾ هر مائٽ جي اها ئي تمنا هئي ته جيڪر گلان سندن گهر جي ڏڃاڻي بڻجي ته شايد قسمت جي ديوي انهيءَ گهر مٿان هميشه لاءِ مهربان ٿي پوي...!؟ پر اها ته ڪنهن کي به ڪل ڪانه هئي ته... جنهن کي سڄو ڳوٺ پنهنجي قسمت جو ستارو سمجهندو هو... تنهن خود جي مقدر جو تارو... ائين اماڻڪ آسمان تان ٽٽي،... زمين جي خاڪ ۾ ملي ڪاغذ جو ڦلهيار بڻجي ويندي...!!؟"

پر تجسس خاموشيءَ ۾ اوچتو مقدس جي هلڪي اوڇنگار...

صبيحه جي ڳالهه جو سلسلو ٽوڙي ڇڏيو...

ڪومل ۽ صبيحه ڇرڪي مقدس ڏانهن نهاريو...

مقدس هڪدم لڙڪ اگهي... پاڻ سنڀالي... پڇتاءَ جي نظرن سان صبيحه ڏانهن نهاريو...

ڪومل ڳالهه سلجهائيندي وچان ڳالهايو...

"صبيحه، اصل ۾ مقدس تمام حساس دل جي مالڪ آهي...!"

"هو پر ايا ڏک به برداشت ناهي ڪري سگهندي...!؟"

"سوري يار! مون کي اها خبر نه هئي ته مقدس ايتري حساس آهي..."

"هونئن، هيءَ قصو به ڪجهه اهڙو آهي جو ڪنهن پٿر دل کي به روئڻ تي مجبور ڪري سگهي ٿو...!" صبيحه چيو.

"نو پرابلم صبيحه...! هاڻي آئون نارمل آهيان...!" مقدس وراڻيو.

صبيحه منجهيل ڇهري سان ڪومل ڏانهن نهاريو...!!

ڪومل چپن تي هاڪاري مرڪ آڻيندي چيو...

"ها صبيحه! اسين تنهنجي هن ڳوٺ جي اها درد ڪهاڻي پوري طرح ٻڌڻ ٿا چاهيون...!؟"

صبيحه مقدس ڏانهن ڏٺو ۽ مقدس جي اکين ۾ به ساڳيو اسرار ڏسي هن پيهر ڳالهه جو سلسلو جوڙي ڇڏيو...!

"هڪ ڏينهن وڏيري مير خان جي نظر گلان جي گلابي بدن تي پئجي وئي... ۽ پوءِ ڏسنديئي ڏسندي گلان جو پيءُ بخشل ان ظالم وڏيري جي


sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

"انشاءالله ڪومل! ۽ مون اڄ پنهنجو پاڻ سان عهد ڪري ڇڏيو آهي ته آئون هڪ ڀيرو انهيءَ ظالم وڏيري کي ضرور ڏسنديس، جنهن جو پاپي خون منهنجي رڳن ۾ ڊوڙي ٿو....!!؟"

"ڇا....!؟" ڪومل ڇرڪي مقدس جي اکين ۾ حراسيل نظرن سان ڏسندي پڇيو...

تنهنجو دماغ ته ٺيڪ آهي مقدس....!؟ تون... تون انهيءَ ظالم وڏيري سان ملڻ وينديں....!!؟"

"ها ڪومل! مون کي انهيءَ وڏيري سان ملڻ کان ڪو به روڪي نٿو سگهي....!"

"تون... ته.... تنهنجو مقصد ڇاهي مقدس؟" ڪومل جا لفظ وچڙي ٿا پون.

"بس ڪومل دوست! هر ماڻهو جي زندگيءَ جا ڪي مقصد هوندا آهن ۽ هر مسافر جي ڪائي منزل به هوندي آهي... اڄ خبر پئي اٿم ته مون پنهنجي زندگيءَ جو ڳچ سارو حصو بي مقصد گذاري ڇڏيو آهي ۽ هاڻي منهنجي زندگيءَ جو مقصد... هڪ ڀيرو ان پاپي پيءُ کي ڏسڻ ۽ ان کان ڪي سوال ڪرڻ آهي...! انهيءَ کي آئيني ۾ اصل روپ ڏيکارڻ جي ڪوشش ڪنديس... ۽ منهنجي مسافر زندگيءَ جي منزل، پنهنجي ماءُ جي قدمن ۾ آهي... آئون پنهنجي ماءُ کي ڳولينديس... ۽ هڪ ڏينهن ان کي ڳولي هٿ ڪنديس.... ان ڪانپوءِ جيڪو نصيب....!!؟" مقدس جي لهجي ۾ هڪ پختو عزم ۽ فيصلي واري سنجيدگي هئي...

ڪومل ويتر پريشان ٿي پئي. ذهن منجهي پيس... سوچن سات ڇڏي ڏنو ۽ سمجهه ۾ نه آيس ته مقدس کي ڪيئن سمجهائي ۽ ڪيئن انهيءَ ضد تان لاهي... ته هو هڪ الهڙ ڇوڪري، ايڏا مشڪل ڪم اڪيلي سر ڪيئن ڪري سگهندي....!!؟

وري به ڪومل کيس سمجهائڻ جي ڪوشش ڪئي....!

کيس انهن پالينڌڙ ماءُ پيءُ جي احساسن جو احساس ڏياريو...

وڏيري جي قهر کان ڊيڄارڻ جي ڪوشش ڪيائين....!؟

پنهنجي دوستي جا واسطا وڌائين....!؟



sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

ڪونڊ ڪري سگهندا هئا ۽ من ئي من جي صنم خاني ۾ سندس مجسمي آڏو هٿ جوڙي، نيڻ جهڪائي لوڪان لڪي پوڄا پاٺ ڪري، من مندر جا گهنڊ وڄائي، اميدن جا ديپ ٻاري، پيار ديوي جي پرڇي پوڻ جي آس رکي خاموش قدمن سان انهن راهن تان گذري ويندا هئا. جن جي مٽيءَ ۾ مقدس جي قدمن جي سدا بهار خوشبوءِ سيڻن ۾ سرهاڻ پيري ڪنهن نئين بهار جي آمد جون حاميون ڀريندي هئي...

پر انهيءَ غيبي محبتن جي احساس کان اڻڄاڻ مقدس، سهيلين جي سٿ ۾ جواني جي آڪاش تي ٽمڪن جا ٽمڪندڙ ستارا ٽانڪيندي وقت سان گڏ علم جي اوچن ڏاڪن تي ڪاميابيءَ جا قدم ڪٽندي منزل جي مقصد ڏانهن وڌندي پرشوق رستن تي باذوق انداز سان مسلسل اڳتي هلي رهي هئي... ۽ وک وک تي ڪاميابيون سندس قدمن ۾ استقباليه گلن جي پتين جيان خوشبوئن جا رنگين گس ڪوليندي رهن ٿيون...

ان ڏينهن سندس يونيورسٽي ۾ "لطيف ڏي" ملهايو پئي ويو، لطيف جي حوالي سان تقريري مقابلو منعقد ٿيل هو.

اسٽيج تي يونيورسٽي جي بهترين پروفيسر استادن کي ويهاريو ويو جيڪي جج طور پڻ چونڊيا ويا هئا.

اڳين ڪرسين تي ڇوڪريون ويٺل هيون ۽ پوين ڪرسين تي يونيورسٽي جا عام ڇوڪرا ويٺل هئا، جن مان ڪي مقابلي جا خواهشمند ته ڪي مقابلي کي ڏسڻ جا شائقين هئا...

هال ماڻهن سان ڀريل هو...

عجيب اُتساهيندڙ ماحول هو.

ڪجهه ڇوڪرا ته خاص هوٽنگ ۽ مذاق لاءِ جوڙ ٿاهي ويٺل هئا ته تقرير ڪندڙن جو خوب مذاق اڏاري انهن جا حوصلا خطا ڪيا...

ڪي شاگرد لطيف جي فڪر کي سمجهڻ لاءِ بيتابيءَ سان تقريرن جي شروع ٿيڻ جو انتظار ڪري رهيا هئا...

ايڪوسائونڊ تي سرمد سنڌي جو گيت وڄي رهيو هو...

ڪنڊين نه سگهري

ٻير نه ٻلڙو



sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

ڏچ ڏاڏاٽي...!!؟"

۽ زاهده کان آخري سٽ وسري وئي... ۽ زبان ٿڙڻ لڳس...!

هوءَ آخري سٽ ياد ڪرڻ لاءِ دماغ تي زور ڏيڻ لاءِ بيهي ٿي... ۽ سڄو هال تاڙين جو طنز ۾ لٽوليون ڪرڻ لڳيس ٿو.

۽ هوءَ شرمائجي... ناڪام مرڪ چپن تي آڻي، بيوس نظرن سان پنڊال ۾ نهارڻ لڳي ٿي...

ڇوڪرن واري پاسي کان آواز اچي ٿو.

"ميائي جياس، جي وڃي مڙهه مليرِ ڏي..."

ٻي ڪنڊ کان آواز اچي ٿو.

"جيئڻ لاءِ جيڏيون مون وڏا وس ڪيا...!"

هال ۾ ٺهڪڙو مچي ٿو وڃي ۽ وري تاڙيون وڄن ٿيون. پروفيسر واجد ڪيس تقرير جاري رکڻ لاءِ همٿائي ٿو پر هو دلشڪسته ٿي اسٽيج تان لهي وڃي ٿي.

ڇوڪرين واري پاسي موت جهڙي ماٺ ڇانئجي وڃي ٿي، ڇوپول ٿيڻ ڪري هال ۾ هلڪو گوڙ ٿي وڃي ٿو.

اسٽيج سيڪريٽري خاموشيءَ جي اپيل ڪندي، ٻي مقرر کي اسٽيج تي اچڻ جي دعوت ڏئي ٿي.

ڇوڪرن جي طرف کان منصور اسٽيج تي آيو ته وڏي پختي عزم سان، پر زاهده جو حشر ڏسي حوصلہ هاري ويٺو. سوچيائين ته جيڪڏهن سندس به اهڙوئي استقبال ڪيو ويو ته پوءِ ڇا ٿيندو...!؟

زاهده جو انجام ڏسي، منصور پنهنجي تقرير شعر سان شروع ڪرڻ وارو ارادو بدلائي ڇڏيو.

هن تقرير جي شروعات سلام سان ڪئي...

پوءِ هو ڪجهه اهڙا لفظ سوچڻ ۾ گم ٿي ويو، جنهن سان تقرير کي اڳتي وڌائي سگهي.

اُن خاموشي تي ڇوڪرين واري طرف کان آواز آيو.

"پاءِ ڇا وسري...!؟"

وچان ٻي ڇوڪري جو آواز آيو...



sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

"يار ڇڏيوس.... ويچاري جو حافظو ڪمزور آهي....!"

پوريان ڪنهن ڇوڪريءَ ٽوڪيس:

"ادا ڪيسي ۾ هٿ هڻ... ڪو لڪيل پنو ڪڍي پڙهي ٻڌائي... اسين صرف توهان جو مٺڙو آواز ٻڌڻ ٿيون چاهيون....!"

وچان آواز آيو...

"جي نغمو نٿو اچي ته نوحو ٻڌايو....!"

ڇوڪرين جا ڇيڙا ٽهڪ پنڊال ۾ گونجي پيا ۽ پوءِ سڄو حال ٽاڙين جي گونج ۾ گونجڻ لڳو.

منصور واڪڙو ٿيو اسٽيج تي ويٺل پروفيسرن جي مرڪندڙ چهرن ڏانهن نهارڻ لڳو...

انهن جي چهرن تي چٽو ڏسي، هن پنڊال ڏانهن سواليه نظرن سان نهاريو ته پيهر سيني جون ٽاڙيون ڪيس هيٺ لهڻ تي مجبور ڪري رهيون هيون...

منصور ٿڙندڙ قدمن سان پنهنجي جاءِ تي ڪنڌ جهڪائي ويهي رهيو.

ڇوڪرين واري پاسي شور ۽ ٽهڪ وڌي ويا... هنن ڄڻ ته ڇوڪرن کان بدلو وٺي، جشن پئي ڪيا.

مهوش مرڪندي اسٽيج تي اچي پٽائي جوئي بيت پڙهي ٿي.

"چتائي چونڊياس سيئي ڳالهيون سڄڻين،

منهن مقابل ٿياس، ته ويون سيئي وسري."

۽ گونجندڙ ٽاڙين وچان اسٽيج تان زبيده کي اسٽيج تي اچڻ جو سڏ ٿئي ٿو...

ڇوڪرا پلٽ ڪرڻ لاءِ لهي سنبري ويٺا ها.

اسٽيج سيڪريٽري پنڊال ۾ زبيده کي ڳوليندي پيهر ڪيس اسٽيج تي اچڻ جي اپيل ڪري ٿي پر زبيده ڪٿان به ايندي نظر نه ٿي اچي.

ڇوڪرين جي پاسي کان ڪنهن ٻڌايو...

"پنڊال ۾ هئي، پر ڪنهن ايمرجنسي ۾ ٻاهر هلي وئي آهي....!"

ڇوڪرن کان آواز آيو.

"ٻاٿ روم ۾ ڳوليوس....!"



sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

پويان پيو آواز آيو...
"ادا ماري ڪان پڏايو چڱو آهي...! جتي پُڇي نہ سگهي، اُتي پڇڻ ڪم ورپامڻ جو آهي...!"
وچان ورندي آئي...
"ادا ورپام تہ ورڪونجيوبيٺا آهن، پر مارئي ملڪ ڇڏي وڃي تہ پوءِ ڇا ڪبو...؟!"
تمڪن سان گڏ تاڙيون وڄن ٿيون... ۽ ڇوڪريون شرمساريءَ مان ڪنڌ جهڪائي ويٺيون رهن ٿيون.
اسٽيج تان آواز اچي ٿو.
"پروگرام کي اڳتي وڌائڻ لاءِ آئون اڳئين مقرر اياز کي گذارش ڪنديس تہ هو اچي پنهنجي خيالن جو اظهار ڪري...!"
اياز لاءِ هي انتهائي ڏکيو ٽائيم هو...
هن مقررن سان ٿيندڙ جٺ ڏسي سمجهي ورتو هو تہ ماحول گرم آهي ۽ پنڊال سڄو تماشائي بڻيل آهي... تنهن ڪري جلدي دال نہ ڳرندي...!! ؟
پر وري بہ اياز ۾ خود اعتمادي جو جُز موجود هو. هن همت هارڻ گناهہ سمجهيو... پنهنجو پاڻ تي پروسو ڪندي اسٽيج تي اچڻ وقت هن اهي سڀ ڳالهيون وساري ڇڏيون جيڪي زاهده ۽ منصور سان پيش آيون هيون...!!
اسٽيج تي باوقار نموني بيٺي هن پنهنجو پاڻ کي سامهون ويٺل پروفيسر ۽ پنڊال ۾ ويٺل سيني کي پنهنجا سيڪڙات شاگرد سمجهي تقرير جي شروعات ڪئي.
"پيهي جا پاڻ ۾ ڪيم روح رهاڻ،
تہ نڪو ڏونگر ڏيهہ ۾ نہ ڪا ڪيچين ڪاڻ،
پنهون ٿيس پاڻ، سسئي تان سور هٿا..."
ڇوڪرين جي وچان آواز آيو.
"ادا پنهون، سسئي ڪٿي...؟"
اياز ان آواز طرف نهاريندي وراڻيو

sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

"جيڪڏهن توهان مون کي ئي پنهنجو ٿا سمجهو ته آئون توهان کي ئي پنهنجي سمجهي سڀئي بنائڻ لاءِ تيار آهيان....!"

پنڊال ۾ ٺهڪڙو مچي ويو، تاڙيون گونجيون ۽ ڇوڪرين تي ماٺ ڇانئجي وئي...

اياز ڏاڍي پرعزم طريقي سان پنهنجي تقرير جاري رکي...

"اسين خوش نصيب قوم آهيون... اسان کي پنهنجي لطيف تي فخر آهي، جنهن پنهنجي ٻولي، کي دنيا جي سطح تي امر سڃاڻپ ڏيئي امن، پيار، محبت، خلوص، ڀائپي، انسانيت، دليري، قرباني ۽ سڀ جهڙي سچائي ۽ ثقافت رکندڙ سنڌ کي عالمي ليول تي اهڙي مڃتا ڏياري ڇڏي، جڻ هو پنهنجي ٻولي، قوم جو پيغمبر هجي....!"

اياز پنهنجي جذباتي تقرير ذريعي پنڊال تي اهڙو حاوي ٿي ويو، محفل جو مذاج ئي تبديل ٿي ويو... ڇوڪرا ۽ ڇوڪريون گڏجي تاڙيون وڄائي داد ڏيڻ لڳيون هيون.

هن لطيف سرڪار جي بيتن جي حوالن سان تشريحون پڌائي اهڙو ته ماحول کي منڊي ڇڏيو جو وقت جو احساس ئي نه رهيو ۽ اياز پنهنجي تقرير ختم ڪري ڇوڪرين جي طرف هڪ فاتح مرڪ سان نهاريندي اچي پنهنجي سيٽ تي ويهي رهيو ۽ هال ۾ دير تائين تاڙيون وڄنديون رهيون....!

ان شور دوران مقدس کي سهيلين گهيري ورتو.

مقدس اڳين مقررن جو حشر ڏسي گهبرائجي وئي هئي.

هن سهيلين کي صاف لفظن ۾ چئي ڏنو هو ته "مون ۾ ايترو دم ئي ناهي، جو هن ماحول ۾ تقرير ڪري سگهان...!؟"

رخسانه جذبات مان چيو:

"مقدس! اڄ اسان ڇوڪرين جي عزت جو مسئلو آهي، جيڪڏهن هن پروگرام ۾ رڳو ڇوڪرا ئي پوزيشن ۾ اچي ويا ته اسان جو يونيورسٽي ۾ جيئڻ جنجال ڪري ڇڏيندا... يار ڪهڙو ڪنڌ کڻي ڪلاسن ۾ ويهنداسون...!؟"

"ته پوءِ ڪريو نه مقابلو...؟ مون توهان کي روڪيو ته ڪونه آهي نه!؟"



sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

مقدس روکڙو جواب ڏنس.

"اسان ۾ تو جيترو ٽئلنٽ هجي ها تہ تنهنجي چوڻ کان بغير ئي اسٽيج تي نہ بيٺل هجون ها...!؟" شازيہ جواب ڏنس.

"منهنجي ٽئلنٽ جي تہ مون کي ئي خبر آهي... توهان اجايون واڏيون ڏيئي، منهنجي بيعزتي جي پويان ڇو پئجي ويون آهيون؟!" مقدس پريشاني گاڏڙ ڪاوڙ ۾ وراڻيو.

"تون شرافت مان ڪونہ سمجهندين...!" سندس شرير سهيلي الماس چڻ ڪيس چتاءُ ڏيندي اُتي اسٽيج طرف وڃڻ لڳي...

مقدس واڪا ڪري ڪيس پڪاريندي رهي پر هو ان وقت تائين اسٽيج سيڪريٽري تائين پهچي چڪي هئي.

اسٽيج تان مهوش مسڪرائيندي انائونس ڪرڻ لڳي...

"۽ هاڻي آئون سيڪنڊييئر جي انهيءَ اسٽوڊنٽ کي دعوت خطاب ڏينديس، جنهن پنهنجي شروعاتي سال ۾ ئي تعليمي ميدان ۾ پاڻ مڃرائي، گهڻن کان گوءِ کٽي ثابت ڪري ڏيکاريو آهي تہ ڇوڪريون ڪنهن بہ صورت ۾ ڇوڪرن کان گهٽ ڪونہ آهن...!

پر جيئن تہ اجوڪي مقابلي ۾ هيستائين صرف ڇوڪرن کي ئي برتري حاصل آهي... ڏسئون تہ هوءَ ان سحر کي ٽوڙي ٿي يا...!؟"

پورو پنڊال زبردست تاڙين سان گونجڻ لڳي ٿو... ۽ انهيءَ گونج مان اسٽيج سيڪريٽري جو آواز هڪ رڌم سان وڃندو رهي ٿو...

"انهن ئي تاڙين جي گونج ۾ اچي ٿي سيڪنڊييئر پري ميڊيڪل جي ذهين شاگرديائي مِس مقدس....!"

سڄو هال پيهر تاڙين جي ڦهڪن ۾ گونججي وڃي ٿو. مقدس جون سهيليون ڪيس همٿائڻ لاءِ اٿي بيهي تاڙيون وڄائڻ لڳن ٿيون...

مقدس منجهيل نظرن سان پنهنجي ديوانگي ۾ تاڙيون وڄائيندڙ سهيلين ڏانهن ڏسندي... ڇوڪرن طرف نظر ڊوڙائي ٿي جيڪي سندس نمودار ٿيڻ جي انتظار ۾ ڇوڪرين طرف نهاريندي مسلسل تاڙيون وڄائي رهيا هئا...!

"ويلڪم مس مقدس... جلدي اسٽيج تي اچو...!"



sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

دليون احترام مان جهڪي وڃن ٿيون... اهو لطيف جنهن سنڌي قوم کي پوري دنيا آڏو پيار، محبت، امن، سڪون وارو ثابت ڪري ڪنڌ ڪڍڻ سيکاريو... اهو لطيف جنهن

"سائينم سدائين ڪرين مٿي سنڌ سڪار،
دوست مٺا دلدار عالم سڀ آباد ڪرين."

جهڙيون ستون لکي عالمي ليول تي پنهنجو قومي نظريو پهچائي پنهنجي ٻولي کي اهم حيثيت ڏياري، انهيءَ لطيف تي اسان کي فخر هئڻ گهرجي ۽ اسان کي دنيا ۾ لطيف سرڪار جي ناتي سان ئي سڃاتو وڃي ٿو...! اسان کي پنهنجي حقيقي مرشد لطيف جي نالي ٻڌڻ سان ئي احترام وچان ڪنڌ جهڪائڻ گهرجي. بيشڪ اسان جي لائيف هن وقت جيون کي انجوائي ڪرڻ ٺهڪ ڏيڻ جي آهي پر لطيف جي ڏهاڙي کي مذاق بڻائڻ انتهائي شرمناڪ آهي ۽ مون کي شديد ڏک پهتو آهي... مقدس جي لفظن تي اڪثر ڪنڌ شرم وچان جهڪي پيا هئا ۽ ائين هوءَ اسٽيج تي هڪ قابل ۽ ڏاهي مقرر وانگي جذبات سان شينهڻ وانگي گجڻ لڳي هئي... ۽ سڄو پنڊال سندس جذبات جي لهر ۾ لڙهڻ لڳو هو... هو مسلسل لطيف جي دانائي، تحقيق سادگي، نماڻائي، فقيري ۽ حب الوطني تي سندس ئي شعرن جا حوالا ڏيئي 40 منٽن تائين اسٽيج تي جمي تقرير ڪندي رهي ۽ آخر ۾ هي بيت چئي اسٽيج تان لهي وئي ته:

"م ڪر ڏول ڏلو، ناتو نماڻيءَ سين،
ڪونهين ڪميڻيءَ جو بگر تو بلو،
تنهنجو تانءَ ٿلو، وٺيو وڃي آهيان."

تقرير ختم ڪري جڏهن اسٽيج تان مقدس لهي رهي هئي ته اسٽيج تي ويٺل استادن سميت هال ۾ ويٺل سڀئي ڇوڪرا ۽ ڇوڪريون اٿي بيهي دير دير تائين تاڙيون وڄائي داد ڏيندا رهيا... ۽ مقدس باوقار قدمن سان اسٽيج جي ڏاڪڻين تان هيٺ لهندي پنهنجي سيٽ طرف هلي وئي.

پهچنديئي سيني ڇوڪرين کيس گهيري ورتو... ڪنهن سندس هٿ پي چميا... ڪنهن ڀاڪرن ۾ ڀري ڀيريون پئي... ڪنهن مرڪي مبارڪون پئي ڏنيون... مطلب ته ڇوڪرين جا ڪنڌ فخر مان آڪڙجي ويا هئا ۽



sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

پر اياز ۾ مقدس جي دلين ۾ هڪبئي لاءِ پڻ احترام ۽ احساس جاڳي پيو هو...

اياز جو تعلق دادو ضلع جي ڪنهن ڀراڙيءَ جي ڳوٺ سان هو. هو انتهائي سادڙو، ماٺيڻو ۽ تنهاپسند ڇوڪرو هو. سندس سادگي لباس مان ئي پڪجندي نظر ايندي هئي. اڪثر سادا ڪپڙا پاتل هوندا هئس. ۽ سندس انهيءَ سادگي، خاموشي ۽ تنها پسنديءَ جو وڏو ڪارڻ غربت هو. هو يونيورسٽي ٽائيم کانپوءِ جامشورو ڦاٽڪ تي هڪ ڌوبيءَ جي دڪان تي استري هلائيندو هو، جتان ملندڙ خرچي مان هو يونيورسٽي جون ضرورتون پوريون ڪندو هو.

سندس يونيورسٽي ۾ به دوستي جو ڪوئي وسيع حلقو ڪونه هو. چند دوست ضرور هئس جيڪي پڻ ناٽ ڀاٽ ۽ عشق جي چڪر ۾ کانئس ڪافي منفرد لڳندا هئا...

يونيورسٽي ۾ اڪثر ڇوڪرا ديوانن جيئن گانا ڳائيندي، سيٽيون وڄائيندي ۽ موج مستيون اڏاريندي نظر ايندا هئا. ڪافي ڇوڪرا خوبصورت ڇوڪرين جي قربت حاصل ڪري، جوڙ جي صورت ۾ زندگيءَ ۾ رنگينيون پري، يونيورسٽيءَ ۾ فخر وچان پاڻکي خوشنصيب ۽ يونيورسٽي جا شهزادا سمجهڻ لڳندا هئا پر انهن جي برعڪس اياز نماڻي طبيعت ۽ سادگي سان سيکجهه نظر انداز ڪري پنهنجي پڙهائي جي ڪمن ۾ مشغول رهندو هو. نه ته ڪوئي انٽرويل ۾ ڏڪمن وٽن جي پاڇن ۾ سندس انتظار ڪرڻ وارو هو... ۽ نه ئي ڪيس ڪنهن جي اچڻ جو اوسيئڙو هوندو هو...

مخصوص مقصد جي حاصلات لاءِ اکيون پوري ڊوڙندڙ اياز پنهنجي جوان جذبن، ڪنوارين سوچن ۽ سندر سپنن واري سوچ سوچڻ جو ڪڏهن سوچيو به ڪونه هو. شاگرد سياست ۽ ڪامريڊيڪلچر کان بلڪل اڻڄاڻ اياز، هونئن ته سيني جي نظرن ۾ هڪ فضول موڳو ۽ چريو شاگرد هو. پر لطيف ڏي جي موقعي تي سندس پروقار تقرير، با اعتماد شخصيت ۽ زبردست مطالعاتي معلومات ۽ فڪر کيس يونيورسٽي جي انهن سيني شاگردن کان اهم بنائي ڇڏيو هو جيڪي پنهنجي ناهه نوهه



sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

زندگي لاءِ هڪ نئون چئلينج ڪٽي ايندي آهي...! ۽ جيڪو ماڻهو تڪليفن کان فرار حاصل ڪري ٿو زندگيءَ ۾ ناڪام ٿي ويندو آهي...! پر جيڪو سينو ساهي مشڪلاتن کي منهن ڏئي ٿو... سوڀ انهيءَ جو مقدر بڻجي پوندي آهي...! انهيءَ ڪري مقدس، ڪڏهن به تڪليفون ڏسي مايوس نه ٿيڻ گهرجي...!"

"ڏاڍو عجيب آهين اياز...!؟"

"هينئر پئي چيئي ته ڪڏهن دل چاهيندي آهي ته علامه آءِ آءِ قاضي وانگي سنڌوءَ ۾ ٽپو ڏيئي انت آڻي ڇڏجي...!؟ ۽ وري اٿين اڏول بڻجي چوين ٿو ته مون ڪڏهن به هار ناهي مڃي...!؟"

"تڏهن ته چوان ٿو ته منهنجو وجود هڪ اهڙي ڳجهارت بڻيل آهي، جنهن جي سمجهاڻي ڪنهن به سگهڙ جي سمجهه کان مٿي آهي!"

"پر اياز آئون ايتري سگهڙ به ڪونه آهيان جو توهان جي زندگيءَ جا ڳجهه جاڻي سگهان...! پر الائي ڇو؟! توهان جي انهن اداس ڳالهين منهنجي من کي وڏيڪ ويڳاڻو ڪري ڇڏيو آهي...!؟

آئون توهان جي اداسين جو راز ڄاڻڻ چاهيان ٿي اياز...! ۽ اهو به توهان جي ئي واتان...!

اياز هڪدم پنهنجو چهرو ٻئيءَ طرف ڦيري ڇڏيو.

منظر ويتر اداس ٿيڻ لڳو هو...! خاموش پلن ۾ ٿڌڙي هوا جون سرگوشيون ۽ چانڊوڪي رات ۾ اونداهين پاڇن مٿان چمڪندڙ تارن جي اداس روشني... سهاڳ رات جي سيج تي رُسي ويل ورجي واپسيءَ جا اوسيئڙا ڪندڙ وني، جي احساس جيان عجيب مايوسيون پکيڙي رهي هئي...!؟

مقدس به ننڍڙا قدم کڻندي اچي ٻنيري ٻيٺل اياز جي ڪلهي تي پنهنجو ريشمي هٿ رکيو... ۽ اياز ڇرڪي سامهون ٿيو... اياز جا ڳل پرهه ويلي ماڪ ۾ پُسل ڏاڙهون گل جيان وهنتل هئا... ۽ چهري جي معصوميت ڏسي مقدس جي حساس دل ۾ همدردي مڙي آئي هئي...! هيڪر دل چاهيس ته جيڪر ڪيس ڳل ڳرانڙي لاهي پنهنجي مقدس آڱرين سان سندس پويتر لڙڪ اگهي ڇڏي...! پر ڪنهن بي احساس ڪيس ايتري اجازت ڪونه



sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

عظمت کي نہ سچائي سگهي... تہ پوءِ انهيءَ ماءُ جو ڪهڙو حال هوندو...!
؟"

"ها اياز! ان ماءُ جو اهڙوئي حال ٿي سگهي ٿو، جهڙو اسان جي اڄوڪي سنڌ امڙ جو آهي...! بلڪل بہ ائين...!؟"

ان ويل اياز جي اکين ۾ جذبات ۽ ڏک وچان لالاڻ مڙي اچي ٿي ۽ هو ڏڪارا نيڻ کڻي مقدس ڏانهن بيوسيءَ جي حالت ۾ ڏسڻ لڳي ٿو.

مقدس سندس نيڻن جو تاءُ نہ جهلي سگهي ۽ هڪدم نظرون هٽائي ڏور درياءَ جي مٿاڇري تي اتنڌڙ پاڻي جي اڇ ڏسندي ساڻس قدم بہ قدم اڳتي هلڻ لڳي ٿي...!؟.

ڪجھ فاصلو هو خاموش قدمن سان طئي ڪري وڃن ٿا...

اداس خاموشي سندن وجودن کي پراسراريت ۾ ويڙهي وجهي ٿي...!!

هلندي هلندي ڄامشوري جي پل جي آخري ڇيڙي وٽان اُتر طرف ويندڙ روڊ طرف مڙي، رستي جي پاسي کان ساوڻ ولڙين مان ڪنڊيدار تارون اورانگهي، درياءَ جي لاهيءَ ۾ خالي پيٽ تي پٽ واريءَ جي ٿلڪار تي پئي ويهي، درياءَ جي موتي آيل موجن کي حسرت ڀريل نگاهن سان ڏسڻ لڳن ٿا...

خاموشي کي ٽوڙيندي مقدس چوي ٿي.

"سچ پچ اياز، مون کي بلڪل بہ خبر نہ هئي تہ توهان پنهنجي ديس ۽ ڌرتيءَ جو ايڏو درد رکو ٿا...!؟ هونئن طبيعتن تہ توهان بلڪل عام فهم ۽ سادڙا لڳندا آهيو... پر توهان جي اڄوڪن احساسن مان پتو پيو تہ اوهان انتهائي گهري سوچ رکندڙ زنده ضمير انسان آهيو...!؟"

"مقدس! ضمير وارو ماڻهو ڪڏهن بہ پنهنجي ماءُ جي ٿيندڙ تذليل کي اکين سان ڏسي ناهي سگهندو...! پوءِ اگر ان تذليل کي روڪي نہ سگهيو، تڏهن بہ سندس اندر ۾ پڇتاءُ جو ڪُنل پڪي ضرور ڦٽڪندو آهي...! پر بيغيرت انسان پنهنجي ماءُ جي هٿن سان تذليل ڪندي بہ شرم ناهن محسوس ڪندا...! ڇو تہ دلالن جو ڪو بہ دين ڪونہ هوندو آهي...! اهي ڪميشن لاءِ قرآن کڻڻ بہ معمولي ڳالھ سمجهندا آهن... ها ان ڪري مقدس، مون کي فخر آهي تہ آئون هڪ غيرتمند ماءُ جو، باضمير



sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

پڌايو!؟ اها ڳالهه منهنجي سمجهه کان ٻاهر آهي...!؟"

اياز شاهد آڳر جو ڏانگڙو ناهي، پيشانيءَ تان پگهر جو پاڻي لاهيندي، مقدس جي حيران نظرن ۾ پنهنجون اداس نگاهون لاهيندي هڪ ٽٽول پيري مرڪ چپن تي آڻي چڏي هئي...!؟

هڪ اهڙي ٽٽول، جيڪا ڪوئي بدنصيب ماڻهو پنهنجي ٽٽل مقدر تي پنهنجي ڳجهارت ٻڌيل وجود تي ڪري ويهندو آهي، ته جيئڻ تماشائي اکيون ڏسي سگهن ته ڪوئي ماڻهو پنهنجي ڪومل جذبن جي لاش تي روئڻ بجاءِ، مرڪي انهيءَ چئلينج کي للڪاريندو هجي...!؟

ان احساس کي محسوس ڪندي مقدس جي نيڻن جا ڪٽورا ڇلڪي پيا هئا...! واريءَ تان ڏائري کڻي، وارن جي چڳن کي ڪنڌ جي جهٽڪي سان ڳلن کان پوئتي ڌوڙائيندي، رونڌڙ لهجي ۾ چوڻ لڳي ته:

"اُٺ اياز واپس هلون...! ڏس هاڻي شام رات ۾ بدلجي چڪي آهي؟ ۽ هيءَ وقت ويرانين ۾ ويهي لڙڪ وهائڻ جو ناهي...!!"

اياز ڪيس پاڻهن مان جهلي واپس ويهاريندي هجت ڪري ويٺو هو!

"نه مقدس! اڄ توهان کي مون سان گڏ ويهڻو پوندو... چاهي چنڊ اُبري ۽ لهي وڃي...يا رات جي پاڪرڻ ۾ تارا سمهي پون...!

تيڙو تڙڻ ۽ ڪتين جي ڪر موڙڻ تائين اڄ رات توهان کي مون سان ويهڻو پوندو...! چوته، اڄ پهريون ڀيرو آئون پنهنجي زندگيءَ جي انتهائي ڏکوئيندڙ ڪهاڻي توهان کي پڌائڻ وارو آهيان...!

هڪ اهڙي ڪهاڻي... جنهن جي لفظ لفظ ۾ زهريلا لڙڪ ۽ جنهن جي وک وک تي دوکن جون ديوارون، بيحسيءَ جون وحشتون، پنهنجن جا ڏنل گهاءَ ۽ هڪ سچي پيار جو پڇتاءُ ڦٿڪندي، تڙپندي ۽ لڇندي هن پاپي سماج کان اهو سوال ڪندي نظر ايندو ته... اي زمانا...! ڇا پيار ڪرڻ جي ايڏي وڏي سزا ٿيندي آهي...!؟"

مقدس واپس سندس پر ۾ ويهندي شڪايت ڪري ويهي ٿي...

"اياز! جيتري تڙپ توهان جي جيون ڪهاڻي ۾ هوندي ان کان وڌيڪ ته توهان قصو پڌائڻ کان اڳ ئي تڙپايو آهي. خبر ناهي ته توهان ڳالهه پڌائيندو به يا نه...!؟"



sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

ڪريان ٿو...!؟!!"
ڳالهه ختم ڪري جڏهن اياز مقدس طرف نهاريو هو ته مقدس جو گلاب
چهرو لڙڪن جي ماڪ ۾ وهنجي چڪو هو.
اياز هڪدم سندس چهري تان نظرون هٽائينديءَ، آسمان ۾ پرچي آيل
بادلن جي ڪارائڻ ۾ نهاريندي، ڏڪاري لهجي ۾ لتا جي ڳايل نغمي جا ٻول
آهستگيءَ سان اُچاريا هئا.
جو هم ني داستان، اپني سنائي
آپ ڪيون روئي
تباهي تو، هماري دل مين آئي
آپ ڪيون روئي...!!؟
مقدس اياز جي سواليه نيڻن ۾نهاريندي، سڏڪندڙ لفظن ۾ اندين گاني جا
ٽهڪندڙ ٻول ورجائي، انتهائي درد ڀري ڪيفيت ۾ جواب ورائيو هو...
"دنيا مين ڪتنا غم هي
ميرا غم ڪتنا ڪم هي
لوگون ڪا غم ديکها تو
مين اپنا غم ڀول گئي...!!"
۽ پوءِ ڪجهه وقت لاءِ ٻئي صفا خاموش ٿي ويا هئا...!
جڻ وٽن ڪي به سوال...؟ ڪي به جواب... ڪونه رهيا هئا...!؟
اداس خاموشيءَ ۾ گهلندڙ گهميل هوا ۾ سندن لڙڪن جي آلاڻ شامل ٿي
وئي هئي ۽ هو هاسٽل طرف ورڻ لڳا هئا.
خاموشيءَ جي پولارن مان مقدس جو جهيڻو آواز پڙهڪيو هو...!
"اياز! ڪهاڻي منهنجي وجود جي به سنڌ قصي سان ٺهڪندڙ ٿي لڳي
ٿي...! جوانيءَ جي اسٽيج تي پير رکڻ تائين توهان کي به خبر نه رهي ته
توهان جا اصل ماءُ پيءُ ڪهڙا آهن...!؟ ۽ مون کي به انهيءَ عمر ۾ پتو
پئجي سگهيو هو ته جن جي جهول ۾ منهنجي پرورش ٿي آهي، اهي
منهنجا حقيقي ماءُ پيءُ ڪونه آهن...!؟
پر توهان ۽ منهنجي وجود جي ڪهاڻين ۾ ٿورو فرق ضرور آهي.
توهان ٻن پيار ڪندڙ وجودن مان جنم وٺندڙ ڪنهن جو بدنصيب پيار



sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

ويڻن کي روزي رسائي ڇڏئي...!؟؟"
مقدس وڏيري جي چهري تي وحشتن جا آثار ڏسي هيڪر ڏهلجي وئي هئي... ۽ من اندر پڇتاءَ جو پلڙو ڦٽڪڻ لڳيس ٿو... پر وري هڪدم حوصلا سنڀاليندي، پاڻ تي ضابطو آڻي خود اعتمادي سان اڳتي وڌڻ لڳي ٿي.
وڏيرو وڏي اچي هٿ جي اشاري سان کيس صوفي تي ويهڻ جي آڇ ڪري ٿو، پر سندس وحشي اکيون، مقدس جي ڪومل بدن جو طواف ڪرڻ لڳن ٿيون.
مقدس جي ويهڻ کانپوءِ هو به سامهون ويهي رهي ٿو.
وچ ۾ شيشي جي ٽيبل پيل آهي جنهن تي مقدس پنهنجا هٿيار (ڊائري، ڪئميرا ۽ قلم) رکي ڇڏي ٿي.
وڏيرو خوش خير آفيت سان ڳالهائڻ جي شروعات ڪري ٿو.
"ميڊم! خوش آهيو... چڱا ڀلا... خير خيريت...! حڪم ڪريو ڇا هلندو؟ وسڪي، اسڪاچ، ٻئر، بوتل يا ماني...!؟"
"جي نه، ڪنهن به تڪليف جي ضرورت نه آهي...!" مقدس صفا ٺوٺ لهجي ۾ ورندي ڏني.
"پر جناب! ائين ڪيئن ٿو ٿي سگهي...!؟. اڄ تائين اسان جي اوتاري تي جيڪو آيو آهي، ان کي اسان خدمت چاڪريءَ کان سواءِ ڇڏيو ئي ڪٿي آهي...!!؟" وڏيري چيو.
"ها وڏيرا مير خان! آئون به توهان کان ڪجهه وٺي پوءِ ئي واپس وينديس...!"
"ها ها، حڪم ڪيو نه... اسين به قدردان آهيون... جيڪي مُنهن سان گهرندو، سو ملندو...!" وڏيري کيس شيطاني نظرن سان ڏسندي آڇ ڪئي...!
"وڏيرا سائين! توهان اجايو خوشفهمين ۾ نه رهو...! آئون هڪ پريس رپورٽر آهيان، ۽ توهان جو انٽرويو ڪرڻ لاءِ منهنجي اداري مون کي توهان ڏي موڪليو آهي...!" مقدس ڪجهه سخت لهجي ۾ ڳالهائيندي چيو.
"اڙي ڇڏيو يار، ڪير ٿو پڇي انهن اخبارن ۽ انٽرويوئن کي...!؟



sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

آهي...! اخبارن جو مطلب اهو ڪونهي ته ڪنهن امير جاگيردار خلاف ڪوڙ لکندي رهي... جيڪڏهن اوهان ڪوڙ لکندا ته... ته...!!؟"
وڏيرو جذبات تي زوري ضبط آڻيندي اڳيان لفظ ڳڙڪائي ويو.
"جيءُ پوتار سائين! توهان پنهنجي ڳالهه پوري ڪونه ڪئي...!
پڌايو ته جيڪڏهن اهڙيون ڳالهيون اخبارن ۾ ڇپيون ته توهان ڇا ڪندؤ...!
؟"
وڏيري ڪي وائڙو ٿيندي ڏسي مقدس جي خود اعتماديءَ ۾ وڌيڪ پختگي اچڻ لڳي هئي ۽ هن جو لهجو وڌيڪ سخت ٿيڻ لڳو...!
"ته اسان ڪورٽ ۾ وينداسون...!" مير خان ڳالهه پوري ڪندي، ڄڻ جان ڇڏرائڻ جي ڪئي...!
مقدس طنزيه مرڪ سان وڏيري جي چهري تي ڊوڙندڙ پريشانيءَ جون لڪيرون ڏسڻ لڳي...! ۽ قلم ڊائري ٽيبل تي رکندي سوال ڪري ٿي.
"چلو سائين هاڻي ڪوڙ جون ڳالهيون ختم...! پلا هڪڙو سچ پڇان... جيڪڏهن توهان ڪوڙ نه ڳالهايو ته...؟"
"ڪهڙو... ڪ... ڪهڙو سچ...!؟" وڏيري ڪنهن نئين مصيبت ڪي ايندو ڏسي ٻوڪلائجڻ لڳو...
"سچ سچ پڌايو ته، توهان جي پٽ همير خان جي ماءُ سان توهان جو ڪهڙو رشتو هو...!؟ ۽ اها هينئر ڪٿي آهي...؟؟"
وڏيري جي صبر جو پيالو ڀلٽي پيو... ڊوڙي وڃي سامهون ديوار تي ٽنگيل دونالي بندوق لاهي، ان جا گهوڙا چاڙهڻ لڳو هو جو، مقدس انتهائي بهادريءَ سان سندس سامهون اچي چوڻ لڳي... نه... ن، نه... وڏيرا سائين نه...! توهان مون کي ان ڪري تنا ماري سگهو جو منهنجا سيڪيورٽي گارڊ توهان جي آس پاس موجود آهن، جيڪي گولي جو جواب گوليءَ سان ڏئي سگهن ٿا... ان ڪري ڳالهه بندوق جي نه، پر زبان جي هلندي...!!؟"
مقدس جي ڳالهه ٻڌي وڏيرو بندوق هيٺ اڇلائيندي وائڙن واتگي هيڏانهن هوڏانهن نهارڻ لڳي ٿو... پر سندس حواس ڄڻ ته دماغ کي سوچن کان خالي ڪري ڇڏين ٿا... جڏهن ڪيس ڪائي ڳالهه سمجهه ۾



sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

۽ پوءِ اوچتو هوا جي هلڪي جهوٽي تي يوڪلپس جي ٽارين مان ڇڻي پيل ڪنهن زرد پن کي هٿ ۾ کڻي، نظرن سامهون آڻيندي... جڻ خيالن ئي خيالن ۾ ان پن کان پڇي ويهندي هئي ته "پڌائي! تنهنجي ۽ منهنجي زندگي ۾ بهارون ناهن رهيون... ته پنهنجي زندگيءَ جون معنائون، ڪهڙي اسرار ۾ ڳولجن...!!؟؟"

❊❊❊❊❊

بي فارميسي جي بلڊنگ سامهون ڪيس اياز ٽڪرائجي ويو هو...! ڪافي منجهيل تي نظر آيو... سامهون نظر پونديئي هوڪي مرڪ مرڪيو.... ۽ سندس مرڪ ڇپن تي جتاءُ نه ڪري سگهي هئي... تڏهن مقدس وڌيڪ پريشان ٿي پئي هئي... وضاحت ڪندي پڌايائين ته "ڪنهن ضروري ڪم سان ڳوٺ ويئي هئس... سوچيو هئم جلدموٽنديس، پر ڪن مجبورين وڌيڪ رهڻ تي مجبور ڪري ڇڏيو... ان لاءِ توهان کي ضرور پريشاني ٿي هوندي، پليز مون کي معاف ڪجو...!"

"اڙي ته يار، ان ۾ معافي جي ڪهڙي ڳالهه... مون ته ذرو به مائينڊ ناهي ڪيو... ۽ هونئن به، مجبوريون ته پاڻ ماڻهن کي هميشه ڳوليندڙيون رهيون آهن... تون پڌائي ڳوٺ ڏي خيريت هئي...؟ اڄ مون کي توهان ۾ ڪافي تبديلي محسوس ٿي رهي آهي ڪجهه مايوس ٿا نظراچو...! ڪا خاص ڳالهه ٿي آهي ڇا...!؟"

"نه اياز! بس زندگي جو پيڙو آهي، ڪڏهن لهرين ۾ ته ڪڏهن لوڏن ۾...! اردو جو هوبيت ڪونه پڌو اٿئي ته:

"خوشي ڪي ساٿهه دنيا مين، هزارون غم بهي هوتي هين،
جهان بجتي هي شهنائي، وهان ماتم بهي هوتي هين...!"

"ها پر مقدس، منهنجي خيال ۾ جتي شهنايون گونجن ٿيون، اتي ماتم ضرور ٿي سگهن ٿا، پر جتي ماتم هوندا آهن، اتي ڪڏهن به شهنايون ڪونه وڄي سگهنديون آهن...!؟ ۽ مقدس! شايد پنهنجون دليون هاڻي ان ڪربلا مثل ٿي پيون آهن، جتي ساليانه ماتمي جلوس ته نڪرندا رهندا، پر شايدڪڏهن به شادمانه ته ٿي سگهن...!؟"

"اها مايوسي جي انتها آهي اياز...! ۽ ايتري مايوسي گناهه ڪبيره



sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

آهي... اسان کي بهتري جي سوچ ۽ اميد رکڻ گهرجي...!“
مقدس اياز جي مايوس ليڪن ۾، پنهنجون اداس نظرون لاهيندي جڻ تہ دلاسو ڏنو هو...
ائين هو اداسين کي وندرائيندا ڪجھ پنڌ بيخيالي ۾ ڪاٽيندي سنڌالاجي ڪان اڳي نڪتا هئا...! اها سنڌالاجي، جتي سنڌ پنهنجي قديم ۽ جديد، ثقافت، تهذيب ۽ تمدن سان مرڪي رهي هئي...
سنڌالاجي گهمندي هنن جو ڏک، مايوسين ۽ شڪوه شڪايتن جو موضوع ڏرتي، ٻولي ۽ ثقافت ۾ تبديل ٿي ويو هو...
هو پنهنجي ذات جي خول مان نڪري قومي سوچ جي وهڪري ۾ ترڻ ۽ لڙڻ لڳا هئا...
سنڌن من، ائين شانت ٿي ويا هئا، جيئن راندڪي لاءِ روئندڙ يتيم نينگريءَ کي ماءُ جي جهوليءَ ۾ روئندي ننڊ اچي وڃي.
❊❊❊❊❊
رات دير تائين ننڊ نہ ڪري سگهندڙ مقدس جي صبح سوير ئي اک کلي وئي هئي... پرهه جي پهرين پهر ۾ جامشوري جي ٽڏڙي هير ۾ موتئي جي مهڪ، الائي ڇو ڪيس ائين لڳي، جڻ ڪفن مان عطر جي سوڳوار خوشبوءِ اٿي سندس من کي ڪنهن اڄاتي سوڳ ۾ ويڙهي ڇڏيو هو...!؟ منظر ويران... آڪاش اداس... ۽ بدن ۾ بيچيني جي هڪ عجيب لهر ڊوڙي، ڪيس گهٽ ۽ ٻوسٽ جو احساس ڏياري رهي هئي... تڏهن هو، هاسٽل کي ڇڏي ڪينٽين جي کلي هوا ۾ چانهہ ڪپ پيئڻ جي ارادي سان هلي اچي ٿي...
ويٽر، رسيپشن تان اخبار کڻي پاڻي جي نڪر واري لوٽي سميت ٽيبل تي رکي چانهہ جو آرڊر وٺي واپس مڙي تہ ۽ مقدس پاڻي جو گلاس پيءُ اخبار کڻي سرسري نظر سان ڏسڻ لڳي ٿي.
سڄي اخبار سندس من جيان سوڳوار لڳي ٿي... مار، ڌاڙ، ظلم... ماني دير سان پچائڻ تان زال قتل... زال جو موالي مڙس پاران بدپيشي تي مجبور ڪرڻ خلاف احتجاج...! اڳ جائي ڏيءَ سان ويڳي پيءُ جو زناهہ...! اڪيلي پٽ جيجل ماءُ کي ڪاري ڪري ماري ڇڏيو...! ٽن

sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

۽ جڏهن مقدس ڪومل جي ماتمي گهر اندر پهريون پير رکيو هو تہ پنهنجي دوست جا چرين جهڙا حال ڏسي، ائين لڳو هئس تہ ڪومل جي آهون ۽ دانهن سان آسمان ڇجي پوندو....! ڪوئي اهڙو طوفان برپا ٿي پوندو جيڪو سڄي دنيا کي ڪک پن وانگي ويڙهي آسمان ڏانهن کڻي ويندو. پر اهي طوفان بہ رڳو مقدس ۽ ڪومل جي دلين ۾ هئا... دنيا جو وهنوار تہ جيئن جو تيئن روان دوان هو....!!؟

ڪومل مقدس کي چنبڙي پئي هئي...! اوڇنگارون ڏئي، پار ڪڍي، وڏي واڪي الاهي عذاب کي سڏڻ لڳي...وهاب القهار کي پڪارڻ لڳي هئي...پر مقدس تيئن پنهنجي دل جي جاءِ تي پٿر رکي ڇڏيو... هن حالات جو مقابلو ڪرڻ جي تياري ڪئي ورتي ۽ نيٺ ڪومل کي دلدارين ۽ دلاسن ڏيڻ ڪانپوءِ ڪيس سنڀالڻ ۾ ڪامياب ٿي وئي...

ٻئي ڏينهن ڪومل ۽ مقدس ٿاڻي تي پهچي فدا حسين جي قتل جي ايف آءِ آر وڏيري مير خان ۽ ان جي پٽ همير خان تي داخل ڪرائي ڇڏي...! ڪورٽ جي پڇاڻي ۽ تنبيهہ جي دٻ ڪان پوليس وڏي اٿالي سان چڙهائي ڪري وڏيري مير ۽ همير خان کي گرفتار ڪرڻ جي ڪوشش ڪئي تہ وڏيري جي ماڻهن پوليس تي سڌي فائرنگ ڪري ڏني... پوليس هڪدم پوزيشن سنڀالي ورتي.. دوبدو فائرنگ هلندي پوليس جا ڪجهہ ڪمانڊوز وڏيري جي بنگلي اندر داخل ٿي ويا ۽ ٽن ڪلاڪن جي جدوجهد ڪانپوءِ وڏيري مير خان کي پنهنجي پٽ وڏيري همير خان سميت هٿڪڙين سان بنگلي مان گرفتار ڪري لاڪ اپ جي سوڙهي ڪوٺيءَ ۾ بند ڪري ڇڏيو. ايس ايڇ او جي آفيس مان مقدس ڪومل کي ٻانهن جو سهارو ڏئي ٻاهر اچي رهي هئي تہ وڏي منشي جي آفيس سامهون لاڪ اپ ۾ هڪ ميري رلي، تي ويٺل وڏيري مير خان جي نظر مقدس تي پئي تہ هو وڌيڪ چرڪجي پيو....!

پر مقدس سڀڪجهہ نظر انداز ڪري ڪومل کي سنڀاليندي ٻاهر نڪري آئي هئي....!

ڪورٽ سگهوري ڪومل جي درخواست تي سندس گهر تي سڪيورٽي لاءِ پوليس مقرر ڪرائي ڇڏي... ۽ ڪومل پنهنجي اجڙيل گهر ۾ پنهنجي



sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

معصوم پٽ کي پنهنجي محبوب ور جي پهرين ۽ آخري نشاني سمجهي سيني سان لاهي ماضيءَ جون محبتون ياد ڪري هاڻي بربادي ۽ واري زندگي مان گذري رهي هئي. ان آس تي ته سندس مڙس کي قتل ڪرائيندڙ وڏيرا هڪ ڏينهن ائين تباهه ۽ برباد ٿيندا جيئن هنن ڪيس برباد ڪيو هو... ۽ هاڻي ڪومل جي آخري آس اهو ئي سالن جو معصوم پٽ هو جيڪو اڪثر سمهڻ کان اڳ ماءُ کان پنهنجي بابا جا ڏس پڇندو هو ۽ ماڻس ڪيس سيني ۾ لڪائيندي، سڏڪي سڏڪي چوندي هئي "پٽ تنهنجو بابا الله سائين ڏانهن ويو آهي... هو ڏس، چنڊ ۾ جيڪو وڻ ٿو ڏسجي نه...ان هيٺان جيڪا ڪٽ پيل آهي، انهيءَ تي ويٺو آهي... ۽ ٻئي جنم ۾ توسان ملڻ ضرور ايندو...!"

سندس معصوم پٽ حسرت ڀرين نظرن سان چنڊ ۾ بيٺل وڻ هيٺان پيل ڪٽ تي ڪنهن ماڻهو جو سايو محسوس ڪندي ٻاتن ٻولن ۾ پڇندو هو "امان! پوءِ بابا مون کي چنڊ تي ڇو ڪونه وٺي ويو...!؟ چنڊ ته مون کي به ڏاڍو وڻندو آهي...!؟"

اهي اڀاڳڪا ۽ معصوم سوال، ويتر ڪومل جي گهايل دل کي جهير وجهندا هئا... ۽ ڪوئي جواب ڏيڻ بجاءِ ٿڦڪيون ڏيئي چوندي هئي "پٽ رات گهڻي گذري وئي آهي، هاڻي تون سمهي پئو...!"

۽ هو چنڊ کي ڏسندي، اکيون ليرائيندي، ماءُ جي جهولي ۾ سمهي پوندو هو...!!

❋❋❋❋❋

فائنل ايئر جا پرچا هلي رهيا هئا. ميڊيڪل جو فائنل ڪندڙ اڪثر ڇوڪرن ۽ ڇوڪرين ۾ ايم بي بي ايس جي سرٽيفڪيٽ ملڻ جي خوشي سان گڏ دوستن کان وڇڙڻ جي ڏک جو مليل جليل تاثر ڇانيل هو. پر وڇڙڻ جي ڏک تي ڊاڪٽري سرٽيفڪيٽ جي خوشي حاوي نظر آئي ٿي... هاڻي هو هڪبئي کي ڊاڪٽر چئي ملڻ ۽ ڊاڪٽر سڏرائڻ ۾ فخر محسوس ڪري رهيا هئا...

اميرائي حيثيت وارن ٻاهرين ملڪن وڃي وڏيڪ تعليم پرائڻ يا پريڪٽس ڪرڻ جا خواب اکين ۾ سجائي رکيا هئا گهٽ پهچ وارن مقامي



sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

تي اسپتال کولڻ يا سرڪاري نوڪري وٺڻ جو ڪڏهن سوچيو... پر وقت، ڪنهن کي ڪهڙي منزل ڏيندو، ان جي ڪنهن کي ڪا به ڪل ڪانه هئي...!؟

ڊاڪٽر اياز ۽ ڊاڪٽر مقدس جي چهرن جا آثار گهمبير بڻيل هئا. ڊاڪٽري جي ڊگري ملڻ کانپوءِ هو ڇا ڪندا...؟ شايد سوچيو ئي ڪونه هئن...!؟ يونيورسٽي جي "سپ رنگ سانول" دنيا ۾ هي ٻئي "هيڪل وياڪل" زندگيءَ جا البيلا مسافر بڻيل هئا... اهڙا مسافر، جيڪي پنهنجي منزلن کي وڃائي ويٺا هجن، يا پنهنجي منزل کان اڻڄاڻ هجن!

پيپر ختم ٿيڻ کانپوءِ هو ٻئي يونيورسٽي بلڊنگ جي پوئين واري رستي تان ڪافي دير کان اچي رهيا هئا...

مقدس جي هٿ ۾ چپس جي ٿيلهي مان ٻئي گڏ گڏ چپس کائيندا هڪٻئي جي بلڪل ويجهو هلي رهيا هئا. تيز هوا ۾ ڦڙڪندڙ مقدس جو گلابي رئو اياز جي منهن تي بار بار ڪتڪتايون ڪندي تي ويو ۽ اياز پيهر رئو ڦڙڪڻ جي دل ۾ خواهش رکي تي ويٺو...

رستي تي پيل هڪ ننڍڙي پٿر کي بال جيان ٺڏيندي مقدس انتهائي پنهنجائپ جي نرميءَ سان اياز سان مخاطب ٿئي ٿي...

"ڊاڪٽر اياز! زندگيءَ جا قيمتي پنج سال ڪيئن گذري ويا، ڪا خبر ئي ڪونه پئي...!؟ ۽ يونيورسٽيءَ جي پنجن بهارن ۾ اسان ڇا خوشيون خريد ڪيون ۽ ڪهڙا درد فروخت ڪياسين، ڪو حساب ئي نه رکي سگهياسين...!؟ ۽ وقت وداع جا هٿ لوڏي، ويڇوڙي جا لڙڪ اکين ۾ ٽانڪي، اميدن جون مرڪون چپن تي آڻي... جڻ پارٽون ڪري رهيو آهي ته وڃڻ کانپوءِ پنهنجي "شهر جانان" کي وساري نه ويهجو...!!"

اياز ڊگهو ساهه کڻي، سپر هاءِ وي تان لنگهندڙ گاڏين جي قطارن ۾ نظرون وڃائيندي، اتان ئي غمگين لفظن ۾ ورائي ٿو...

"ڊاڪٽر مقدس! اسان جي زندگيءَ به سپر هاءِ وي تان تيز ڊوڙندڙ گاڏين ۾ سفر ڪندڙ مسافرن وانگي ئي آهي، جيڪي دلين ۾ ارادا، ذهن ۾ خيال ۽ جاڳندڙ اکين ۾ خواب کڻي پنهنجي پنهنجي منزلن طرف روان دوان آهن...! پر انهن مان ڪير منزل ماڻيندو ۽ ڪنهن جون ننڍڙيون گاڏيون،



sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

هيوي ٿينڪرن هيئان اچي چپيائڻجي چڪنا چور ٿي ويندي... سا ڪنهن کي به خبر نه آهي...!؟ منهنجي ماءُ ۽ پيءُ پيار ڪيو... پيار ماٺيو... هنن الڳ تلڳ خوابن ۽ اميدن جي دنيا اڏي هئي...! هنن جيئڻ ۽ جيون کي رنگن ۽ روشنين ۾ گهارڻ جا سپنا سرجيا هئا...! پر سندن اميدن جو غوراب ڪنهن ساحل تي لنگر انداز ٿيڻ کان پهرين ڪيئن طوفانن جي ور چڙهي غرق ٿي ويندو، اها ڪين اميد ئي ڪونه هوندي...!!؟

ائين ئي ڊاڪٽر مقدس! ڌرتيءَ جي هر چپي تي حسين دلين جي اجاڙ نصيبن جا "موئن دڙا" دفن ٿيل آهن...!؟

۽ انهيءَ ڪري مقدس منهنجون اکيون سپنا ناهن ڏسنديون.... ۽ منهنجو ذهن مستقبل لاءِ محل ماڙيون ناهي سوچيندو...!؟"

"لڳي ٿو ته توهان لڪير جا فقير بڻجي ويا آهيو...؟ پر ڊاڪٽر اياز، چوندا آهن ته جيڪو ماڻهو سٺا خواب نٿو ڏسي سگهي، اهو ڪڏهن به سٺي زندگي نٿو گذاري سگهي...!!؟"

"بلڪل غلط! خوابن ۾ رهندڙ ماڻهو، خواهشن جا غلام هوندا آهن... ۽ خواهشون حوس کي جنم ڏينديون آهن، ۽ جنهن دل ۾ حوس هجي ان دل ۾ انسانيت ڪڏهن ناهي رهندي... اهڙي فرد کي ماڻهو ته چئي سگهجي ٿو، پر انسان نٿو چئي سگهجي...!؟ پر ان جي برعڪس جيڪو ماڻهو خواهشن کي تڏي، انسانيت تي سوچيندو آهي... سو هر حال ۾ خوش گذاريندو آهي...! ان ڪري ڊاڪٽر مقدس، اسان کي هتان ڊاڪٽري جون ڊگريون وٺي خواهشن پٺيان ڊوڙندڙ اهڙن ڊاڪٽرن وانگي نه ٿيڻ گهرجي، جنهن کي ماڻهو "ڪاسائي" جي لقبن سان سڏين ٿا...! بلڪ اسان کي انسانيت جو درد رکي خدمت خلق جي جذبي سان ڪم ڪرڻ گهرجي، جنهن سان ماڻهو پيار ڪن... ۽ جنهن کي ماڻهو پنهنجي سورن ۽ ڏکن جو حقيقي مسيحا سمجهڻ لڳن...! ها ڊاڪٽر مقدس، اسان کي "ڪاسائي" نه "مسيحا" ٿيڻ جي ضرورت آهي...!؟"

"واه ڊاڪٽر اياز واه...! اڄ ته توهان مون کي منهنجي زندگي جي اها منزل ڏيکاري ڇڏي، جنهن جي تلاش ۾ رلندي آئون اڪثر اداس رهندي



sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

سامهون سوزوڪي ڪرائي آيو... پنهي گڏجي پيڙڇ کي سوزوڪي ۾ کڻي هڪدم لياقت اسپتال جي ايمرجنسي وارڊ ۾ پهچايو. ڊاڪٽرن ڪيس بچائڻ جون ڪوششون شروع ڪري ڇڏيون ۽ انهن ڪوشش ۾ ڊاڪٽر اياز ۽ مقدس پڻ سرگرم ٿي ويا هئا... پيڙڇ جي جسم مان گهڻو رت ضايع ٿي وڃڻ سبب ڊاڪٽرن هڪدم ڪيس رت لڳرائڻ جي تجويز ڏني. اياز ۽ مقدس ليبارٽري تي پهچي بلڊ گروپ ڪرايا، جنهن ۾ مقدس جو گروپ A+ve نڪتو، جيڪو گهربل هو، جڏهن تہ ڊاڪٽر اياز جو گروپ O+ve هو. جيڪو بہ لڳي پئي سگهيو. ڊاڪٽر اياز پاڻ بلڊ ڏيڻ لاءِ زور پري رهيو هو، پر مقدس اهو چئي پاڻ بلڊ ڏيڻ تي بضد رهي تہ سندس گروپ ميچ ڪري ٿو. ان ڪري هوئي پهرين بلڊ ڏيندي ۽ نيٺ هن پنهنجو ضد پاڙيندي رت جي بوتل ڪيرائي ورتي...! پيڙڇ کي هڪدم بلڊ لڳايو ويو ۽ جسم مان وهندڙ رت بند ڪري ڪيس عارضي رليف ڏنو ويو ۽ هوءِ بيهوشيءَ جي حالت ۾ هئي، سندس بيڊ مٿان بيٺي مقدس جي حساس دل، عجيب احساسن ۾ ويڙهجي ويئي هئي... زخمي فقيرياڻي سان ايتري همدردي جاڳي پيس، جڻ ساڻس ڪي روحاني رشتا جڙيل هئا. هو هر ڪنهن اڳيان هٿ ڦهلائي، جيئڻ لاءِ جتن ڪندڙ انهيءَ فقيرياڻي جي زندگيءَ جي فلسفي تي سوچيندي، انتهائي گهرائپ جي سمنڊ ۾ پڏڻ ۽ ترڻ لڳي هئي. ڪيس قدرت جي قدرت تي ڪافي قدر حيرت ٿيڻ لڳي هئي...

هن بيڊ تي پيل بيهوش فقيرياڻيءَ جي گهنجيل چهري کي غور سان ڏسندي محسوس ڪري ورتو تہ هوڪائي ڏنڏوڙي پينو خاندان سان تعلق رکندڙ روايتي فقيرياڻي بہ ڪوند تي لڳي...!؟ هوءَ تہ معاشري جي ڌڪاريل ڪائي بدنصيب عورت تي محسوس تي، جنهن جو دنيا ۾ سڪجهہ هوندي بہ ڪجهہ بہ پنهنجو نہ رهيو هجي...!؟ هڪ معاشري جي ڌڪاريل ۽ لاوارث پيڙڇ جي رت ۾ الائي تہ ڪهڙي خوشبوءِ هئي، جنهن مقدس کي ويهڻ تي مجبور ڪري ڇڏيو هو....!؟ الائي تہ سندس درد ۾ ڪهڙي ڪشش هئي، جو هڪ يونيورسٽي جي اجنبي ڇوڪري کي فيميل وارڊ جي بيڊ نمبر 11 تي پيل ان فقيرياڻي جي پيراندي کان



sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

ويهي، هوش ۾ اچڻ جو بيقراري سان انتظار ڪرڻ تي مجبور ڪري ڇڏيو هو ۽ هو پنهنجا سڀ مشن ۽ مصروفيتون وساري، ذهني سڪون ۽ اکين جي ننڊ پلائي انهيءَ انتظار ۾ سڄي رات انهيءَ زخمي ۽ بيمار فقيرياڻي جي پيراندي ويٺي رهي تي ته، ڪڏهن ڪيس هوش ايندو ۽ هوءَ ڪائنس پڇندي ته تون ڪير آهين؟! "تنهنجو گهر ڪٿي آهي؟ الائي آهي به يا ناهي؟!"

تنهنجا وارث ڪهڙا آهن؟ آهن يا الائي ڪونه آهين!؟ ۽ ائين پنهنجو پاڻ کان سوال جواب ڪندي اکين ئي اکين ۾ اها رات اتي ڪاٽي هئي، ڪيس اهو به پتو نه پيو ته ڊاڪٽر اياز ڪهڙي ٽائيم ۽ ڪيئن ڪيس ڇڏي هليو ويو هو...!؟

جڏهن مسجدن مان فجر جي اذانن جا آواز اُڀريا تڏهن اوچتو ان پيڙهيءَ جي ٿڪل وجود ۾ حرڪت پيدا ٿي ۽ ڊاڪٽر مقدس هڪدم اٿي اچي سندس مٿان بيهي، پاڻهن جهلي نبض چيڪ ڪرڻ لڳي هئي، پيڙهيءَ جا چپ ڦڙڪيا ۽ پوءِ آهستي آهستي هن پنهنجون اکيون کولي بدحواسي مان هيڏانهن هوڏانهن نهارڻ شروع ڪيو... شايد هو سوچي رهي هئي ته ڪهڙي جاءِ تي، ڪيئن پهتي آهي!؟؟

مقدس انتهائي پنهنجائپ مان سندس پر ۾ ويهندي پڇيو "امڙ هاڻي تنهنجي طبيعت ڪيئن آهي"

پيڙهي بدحواس نظرن سان مقدس جي اجنبي چهري کي ڏسندي سوال ڪيو. "ڇو؟ مون کي ڇا ٿيو هوا؟ ۽ آئون ڪٿي آهيان...!؟"

امڙ توهانکي گاڏي روڊ تي ڌڪ هڻي زخمي ڪري ڇڏيو هو ۽ توهان هن وقت اسپتال ۾ آهيو" مقدس وراڻيو.

"پر، تون، تون ڪير... ڪير آهين تون...!؟" پيڙهي پنهنجي ٿڪل فقل زخمي لفظن سان سوال ڪيو.

"آئون هتي ڊاڪٽرياڻي آهيان امڙ... توهان جو علاج پئي ڪريان." مقدس چيو.

پيڙهي جڻ ته احسانمند نظرن سان ڊاڪٽرياڻي ڏانهن ڏسندي، ڪمزور ۽ ڏڪندڙ لفظن ۾ دعائون ڏنيون.



sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

پنهنجائپ مان چوي ٿي "امڙ، هي سنڌ جي وڏي اسپتال آهي، هتي ته روز هزارين بيوس، بيمار ۽ بي يارو مددگار ماڻهو داخل ٿيندا رهندا آهن پر الائي ڇو؟ اوهان جو روڄ تي خون ڏسي ۽ اوهان کي ائين تڙپندو ڏسي، مون کي ائين لڳو ڄڻ ڪ اوهان سان منهنجو پنهنجائپ جو رشتو هجي...! ۽ وري اوهان جا لڙڪ ڏسي دل ڀرجي آئي. تڏهن سمجهيم ته شايد اوهان سان منهنجو ڪوئي درد جو رشتو تمام پراڻو آهي. الائي ڇو؟ بس مون کي اوهان سان ايتري همدردي ٿي وئي جو منهنجي دل چاهيو ته آئون اوهان کي پنهنجي گهر تائين پهچائي پوءِ ئي ڪوئي سڪون محسوس ڪنديس..."

پوڙهي پنهنجا ڏڪندڙ هٿ مقدس اڳيان جوڙيندي درد جي ڪيفيت ۾ پنهنجا سڏڪا ڇپن ۾ روڪيندي چيو. "ڌيءُ! تنهنجي وڏي وڏي مهرباني... تنهنجا احسان مون کي سدائين ياد رهندا... شال جوائي ماڻين ڌيءُ... شال اچا به وڏي ڊاڪٽرياڻي ٿئين... بس آئون پاڻهي هلي ويندس ليڪ ٽيڻ ڪانپوءِ...!!"

مقدس جا نيڻ ڀرجي آيا هئا... هن پوڙهي جا جوڙيل ٻئي هٿ جهلي پنهنجي ٻنل اکين تي جيئن رکيا ته پوڙهي ڪان ڄڻ ته ڇرڪ ڇڏائجي ويو... هن مقدس جي منهن ۾ غور سان نهاريندي حيرت مان چيو "هيءُ ڇا ڌيءُ!؟ تون ڀلا ڇو ٿي روئين؟ ڊاڪٽرياڻيون ڪنهن مريض جي تڪليف تي روئنديون ته ڪونه آهن... پوءِ تون ڪهڙي قسم جي ڊاڪٽرياڻي آهين جو پرايا ڏک ڏسي پاڻ روئين ٿي...!؟"

تڏهن مقدس هڪدم پاڻ سنڀاليندي هيڏانهن هوڏانهن وارڊ ۾ ڏسندي پنهنجا لڙڪ اگهي ورتا هئا ۽ وارڊ ۾ سڀ مريض ۽ انهن جي سنڀاليندڙن کي ستل ڏسي، هن هڪ ڊگهو سڪون وارو ساهه کنيو هو.

پوڙهي، مقدس جي مٿي تي شفقت جو هٿ رکندي چيو "ڌيءُ! مون کي لڳي ٿو ته تون به ضرور ڏکن جي ستايل آهين، نه ته پرائي ڏک تي ڪو به لڙڪ نامي وهائيندو...!"

مقدس پاڻ سنڀاليندي وراڻي ٿي "نه، نه امڙ بس الائي ڇو؟ مون کي اوهان جي ڏک روئاڙي ڇڏيو، نه ته هرويرو مون کي پنهنجن جي ميت تي به لڙڪ



sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

ڪونہ ايندا آهن...!"

"ڌيءَ! مون کي لڳي ٿو تہ تون ضرور ڪنهن غريب ماءُ جي ڌيءُ آهين، جي امير هجين ها تہ جيڪر مون کي روڊ تي تڙپندو ڏسي بہ سهارو ڪونہ ڏين ها...!؟"

"ها امڙ، توهان صحيح ٿا چئو، آئون هڪ مظلوم ماءُ جي امير ڌيءُ آهيان، شايد جمڻ وقت مون کي منهنجي ماءُ تيج بدران لڙڪ پيئاريا هئا... تڏهن تہ اوهان جي لڙڪن تي آئون پنهنجا لڙڪ روڪي ڪونہ سگهيس نہ...!؟"

"ڌيءَ! مون هيڏي ساري ڄمار آندي آهي ۽ دنيا جا ڪوڙ سارا ڌڪا کاڌا اٿم پر سچ پچ تہ مون تو جهڙي رحمدل ۽ احساس واري ڇوڪري اڄ تائين ڪٿي بہ ڪونهي ڏٺي...! مون جهڙي پيڙهيءَ ۽ بي سهارا عورت تي تہ ڪنهن سڳي ڌيءَ کي ئي ايترو احساس اچي سگهي ٿو، جيترو توکي مون تي آيو آهي...!!"

"الائي ڇو امڙ، مون کي توهان پنهنجي ماءُ جهڙو احساس اچي رهيو آهي. تڏهن ئي آئون توهان جي خدمت ڪري رهي آهيان...!" مقدس چيو.

"پر امڙ، ڇا توهان مون کي پنهنجي باري ۾ ڪجهه ٻڌائيندو ڪونہ ڇا...! ؟"

ها ڌيءَ! منهنجي سڄاڻپ تہ هاڻ بس ايتري ئي بچي آهي جو آئون هر ڪنهن آڏو هٿ ڦهلائيندڙ هڪڙي لاوارث فقيرياڻي آهيان... يونيورسٽي ڏانهن ويندڙ روڊ کان ڪجهہ ڏور، ريل جي پراڻين پٽڙين جي وچ ۾ لڳل هڪڙو ميرڙو تنبو ئي منهنجو گهر آهي."

"توهان سان گڏ پيو بہ ڪير رهندو آهي امڙ!؟"

نہ جيجان! مون سان گڏ تہ بس منهنجا سور ئي هوندا آهن، پيو منهنجو ڪو بہ ڪونہ آهي ڌيءَ!"

"پر امڙ! اوهان آهيو ڪير؟ اصل ڪٿان جا آهيو ۽ ڪهڙي مجبوري اوهان کي پنڻ تي مجبور ڪيو آهي...!؟ مون کي تہ اهو بلڪل بہ ڪونہ ٿو لڳي تہ توهان جو تعلق ڪنهن پيشور فقير خاندان سان هجي...؟ ڇا امڙ اوهان مون کي پنهنجي جيون ڪهاڻي ٻڌائي سگهندو؟!!"

مقدس جي اهڙي سوالن پيڙهيءَ تي ڄڻ تہ سڪتو طاري ڪري ڇڏيو هو...!



sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

آهي، دعا ڪجو تہ بهتر ٿئي ۽ آئون شام جو توهان وٽ وري اينديس، اوهان مهرباني ڪري وڃڻ جي تڪڙ نہ ڪجو... اڃا اوهان کي ڪافي آرام جي ضرورت آهي...!“

۽ پيڙي جي چپن تي هڪ مشفق مرڪ تري اچي ٿي... دل ئي دل ۾ مقدس ۽ اياز جي جوڙيءَ تي پيار اچڻ لڳيس ٿو ۽ هو من ۾ ئي کين ڪوڙ ساريون دعائون ڏيڻ لڳي ٿي... ۽ جڏهن هو وڃڻ لڳن ٿا تہ پيڙي ڪنڌ ورائي کين نظر ڪان اوجهل ٿيڻ تائين نهاريندي، هڪ ٿڌڙو ساهہ ڀريندي، درد جي عجيب ڪيفيت ۾ پنهنجا ٻئي چپ ڏندن ۾ ڀيڪوڙيندي، الائي ڇا سوچڻ لڳي ٿي...!!؟؟

*****

ريسٽورينٽ تي ڪاٺ جي پراڻين ڪرسين تي آمهون سامهون ويٺي گرم چانهہ مان چسڪيون ڀريندي اياز ڳالهائي ٿو... ”مقدس! زندگيءَ جون چار بهاريون توهان سان گڏ گذاريندي بہ سچ پڇ تہ آئون اڃا تائين توهان کي مڪمل سمجهي ڪونہ سگهيو آهيان تہ توهان جي اندر ۾ ڪهڙي ولوڙ آهي...!؟ ڪهڙو درد آهي...!؟ ڪهڙو حساس مادو اٿو جو پراون ڏکن تي پنهنجا لڙڪ روڪي نہ سگهندا آهيو...!؟ دنيا تہ دردن سان ڀري پئي آهي مقدس، اوهان ڪنهن جا سور ڪيترا سانڍي سگهندو...!؟ ۽ مقدس ناراض نہ ٿجو، مون توهان جهڙن حساس ماڻهن کي اڪثر خودڪشيون ڪندي ڏٺو آهي... ڇاڪاڻ تہ اسان جي هن بيحس سماج ۾ ڪوئي زنده ضمير يا حساس ماڻهو سکون سان جيءَ ناهي سگهندو...!؟ سو پليز مقدس ڪجهہ پنهنجي زندگيءَ جي مقصدن ڏانهن بہ سوچ، اوهان جي حساسيت مان مون کي ڏاڍو خوف ٿيندو آهي يار...!!؟؟“

مقدس چانهہ وارو ڪوپ واپس ساسر تي رکندي اياز جي اکين ۾ ڇتائي ڏسندي ۽ پوءِ هڪ خوبصورت ادا سان مرڪي پئي... اوچتو اياز جي من تان غمن جا بانورا بادل اڏري ويا ۽ روح جي پاڻياري پٽ تي خوشين جو مور اڇين ٽڙي پيو جو جيون جي بهارن ۾ هر طرف هوليءَ جهڙا رنگ وکري پيا...! هو جڻ تہ مقدس جي ڪينجهر اکڙين ۾ تماچيءَ جي پيڙيءَ وانگي ترڻ لڳو هو...!!



sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

ٺـلائيندي لياقت ميڊيڪل يونيورسٽي جي رنگبرنگي گلن واري بلڊنگ جي حسين چهرن، جوان جذبن ۽ معصوم ڪنڌن ۾ رل مل ٿي ٿا وڃن...!

✲✲✲✲✲

شام جو 5 وڳي جڏهن مقدس اياز سان گڏ اسپتال جي انهيءَ وارڊ ۾ پهچي ٿي ته ڪيس ان پيڙهيءَ واري بيڊ تي ڪائي بي اڌڙوٽ عمر جي بيمار عورت نظر اچي ٿي. ڪائونٽر تان پڇڻ تي پتو پيو ته اها پيڙهي صبح 10 وڳي ڊسچارج ٿي چڪي آهي. تڏهن مقدس جي چهري تي ڪجهه ارمان جون لڪيرون ليڪا پائڻ لڳن ٿيون ۽ هو ڏکويل نظرن سان اياز ڏانهن نهاري ٿي.

اياز کيس دلداري ڏيڻ لاءِ چوي ٿو... "اهو ته ڏاڍو سٺو ٿيو جو ويچاري وري به صحتمند ٿي پنهنجي گهر ڏانهن هلي وئي."

اياز جي ڳالهه تي مقدس ڪو به جواب نه ڏنو هو... سندس من ۾ آيو ته جيڪر چئي ڏي ته "اياز! ان پيڙهي جو ته ڪو به گهر ناهي... پوءِ هو ڪهڙي گهر ۾ وڃي پنهنجي پيرن جا پل ڪاٽيندي...!؟" پر هو بغير ڪجهه چوڻ جي اياز سان گڏ اسپتال کان ٻاهر نڪري آئي هئي.

اسپتال جي ٻاهرين پارڪ ۾ ننڍڙي نم جي گهاٽي ڇانو ۾ ٻنچ تي ويٺي اياز مقدس جي اداس اکين ۾ ڏسندي چوي ٿو "مقدس! هڪ ڳالهه پڇانءِ؟"

"هون... ها اياز چئو...!؟" مقدس ڄڻ ته حواس سنڀاليندي ورائي ڏني.

"مقدس...! توهان واقعي تمام حساس دل وارا آهيو، پر ڇا توهان جي اها حساس دل منهنجي هيڏي ساري ڏک تي ڪڏهن ڌڙڪي آهي؟! مون سان به ته انياءَ ٿيا آهن... آئون به ته بي گهر آهيان...! مون کي به ته ڪنهن سهاري جي ضرورت هوندي... يا نه...!!؟؟"

"ها اياز، اوهان جي درد جو به درد اٿم، پر هڪ عورت جي ناتي هڪ عورت جي درد ۽ مجبورين کي جيترو آئون سمجهي سگهان ٿي، اوترو اوهان ٿا ڄاڻي سگهو... اوهان ته وري به مرد آهيو، پنهنجا فيصلا پاڻ ڪري سگهو ٿا... پر بيحسي ۽ بيوسي جي اڏي تي صرف ڪائي مجبور عورت ئي



sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

ويهان ٿي ۽ پوءِ هلي وينديس... توهان هتان ويهو، خبرون چارون ڪريون ۽ پوءِ هلي وينديس...!"

پوڙهي ڄڻ ته بدحواس ٿي هيڏانهن هوڏانهن نهارڻ لڳي ٿي...!!؟

مقدس وري به اتي ڪيس پنهنجائپ مان پاڻهن منجهان جهلي پاڻ سان گڏ ويهاريندي چوي ٿي... "امڙ جيڪڏهن منهنجو هتي اچڻ توهان کي سٺو نٿو لڳي ته آئون جلدي هلي ٿي وڃان...!؟"

ها... ها ڌيءُ، تنهنجو هتي اچڻ... مون کي سٺو نٿو لڳي... تون ڊاڪٽرياڻي ۽ توکي هتي ڪنهن ڏسي ورتو ته... ته دنيا ڇا سمجهندي...!؟ تون... تون ڌيءُ وڃ هلي... جلدي هتان نڪري وڃ...!؟"

پوڙهي پنهنجا پيرسن هٿ سندس اڳيان جوڙيندي پنل اکين ۽ روئندڙ لفظن سان ڪيس التجائون ڪرڻ لڳي ٿي...

مقدس وڏي اعتماد سان سندس جوڙيل هٿ کوليندي، پر عزم مرڪ سان ڪيس دلداري ڏي ٿي... "ڪجهه ڪونه ٿيندو امڙ، تون پريشان نه ٿي... اگر ڪنهن هتي مون کي ڏسي ورتو ته آئون انهيءَ سان پاڻ ڳالهائڻ جي همت رکان ٿي... توهان منهنجو ڪو به الڪونه ڪريو...!"

تڏهن پوڙهي غير يقيني ڪيفيت ۾ ٻٽ تي وڇايل رلي تي مقدس سان گڏ ويهي رهي ٿي.

"امڙ توهان جي هاڻي طبيعت ڪيئن آهي؟" مقدس پڇي ٿي.

"بس ڙي جيجل، پيا حياتيءَ جا ڏينهن ڪاٽيون... بس هاڻ دعا ڪر ته هن سورن جي حياتي مان جلدي جند ڇٽي...!"

"نه امڙ زندگي ته الله سائين جي ڏنل نعمت هوندي آهي، انهيءَ مان ايترو بيزار نه ٿيڻ گهرجي...!"

ڌيءُ، حياتي الله سائين جي نعمت جن لاءِ هوندي، تن لاءِ هوندي...!؟ اسين ته پٽائي گهوٽ جي ان چوٽي وانگي آهيون ته:

سرجيس تان سور سامايس تان سک ويا،

اهي ٻئي پور مون نماڻيءَ نصيب ٿيا...!

لطيف سائين جون سٽون چوندي پوڙهي جا ماتمي لفظ ڄڻ لڙڪن جي دريا مان ٻڏي نڪتا هئا...



sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

"مون کي لڳي ٿو ته، اوهان سان وقت وڏيون ويساهه گهاتيون ڪيون آهن امڙ. شايد ڏاڍا ڏک سٺا آهن اوهان" مقدس همدرديءَ مان چويس ٿي.

"بس ڙي ڌيءُ، اسان جي تقدير جيڪي اسان سان تماشا ڪيا آهن... شال ڪنهن دشمن کي به اهڙا ڏينهن نه ڏسڻا پون...!؟"

"امڙ هڪ ڳالهه چوان...؟" مقدس ڌيرج مان پڇي ٿي. "ها، چئو ڌيءُ... ڇا ٿي چوين...!؟"

"الائي ڇو امڙ؟ مون کي تو سان ايتري همدردي ٿي پئي آهي جو، هر وقت اوهان جو الڪو من ۾ رهيوئي رهيو پي...! الائي ڇو امڙ...؟ اوهان ۾ اها ڪهڙي ڳالهه آهي!؟"

"سو ته آئون به ڏسان ۽ سوچيان پئي ڌيءُ... پلا مون جهڙي ڏتڙيل فقيرياڻي ۾ توکي آخر اهڙي ڪهڙي ڳالهه ڏسڻ ۾ آئي جو، منهنجي هن جهوپڙيءَ تائين اچي پهتين، جتي اڄ تائين ڪو به نه آيو آهي؟! آخر مون ۾ تو ڇا ڏٺو آهي ڌيءُ!؟"

"اها ڳالهه ته آئون به سمجهي ڪونه سگهي آهيان امڙ پر الائي ڇو؟ مون کي اوهان جي درد ۾، پنهنجو درد ٿو محسوس ٿئي...!!"

"ڪٿي تون به مون وانگي ڏکايل ته ڪونه آهين ڌيءُ...!؟"

نه امڙ، مون کي ته رب جو ڏنو سڀ ڪجهه آهي...پر الائي ڇو؟ جڏهن به ڪنهن ڏکايل اکي ڏسندي آهيان ته اهو ڏک مون کي پنهنجي دل ۾ چُڀندي محسوس ٿيندو آهي...!"

"ها ڌيءُ! شل الله توکي اهڙن ڏکن کان بچائي!"

"ها پر، امڙ اڄ مون کي پنهنجي بابت صاف صاف، سڀ ڪجهه ٻڌائي ڇڏ... آئون اوهان جا سڀ ڏک ۽ درد ڪهاڻي ٻڌڻ ٿي چاهيان...! شايد، اوهان جا ڏک ٻڌي مون کي انهيءَ سوال جو جواب ملي وڃي ته آخر منهنجي اوهان سان ايڏي همدرديءَ جو سبب ڪهڙو آهي...!!؟؟"

تڏهن ٻڍڙي هڪ اونهو ساهه پري، ٽٽل جهوپڙي جي وٿين مان ٻاهر نهاريندي چوي ٿي... "ڌيءُ! جيڪو راز مون سڄي زندگي دنيا کان لڪائي رکيو هو... سو جڏهن تون مون کي امڙ جي نانءُ سان پڪاريو آهي ته آئون به توکي پنهنجي ڌيءُ سمجهي ٻڌايان ٿي..."



sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

۽ پوءِ پيڙي، پنهنجي ٽڙڪندڙ آواز ۾ پنهنجي درد ڪٿا ٻڌائڻ شروع ڪري ٿي.
"منهنجو نالو غلام ظهره آهي ۽ گهر ۾ گلان بہ سڏيندا هئا ۽ آئون هڪڙي غريب هاري جي پيار ۾ پليل لاڏلي ڌيءَ هئس...! اسين عربي سمنڊ جي ڪناري تي هڪڙي ٻهراڙي جي ڳوٺ ۾ رهندا هئاسين. اسين بہ پيڙون هيونسين ۽ ڪوبہ ڀاءُ ڪونہ هو... ان ڪري اسان کي پنهنجو بابا پٽن جيترو پيار ڏيندو هو. اسان جي ڳوٺ جي پر ۾ هڪڙو ٻيو ڳوٺ هو جتي هڪڙو ڪچو اسڪول هوندو هو مون کي ننڍي هوندي پڙهڻ جو شوق هوندو هو سو ڳوٺ جي ڪجهہ ٻارن سان گڏ اسڪول ويندي هئس سائين جمن اسان کي ڏاڍي پيار سان پڙهائيندو هو پر پوءِ بابا جي غربت مون کي وڌيڪ پڙهڻ ڪونہ ڏنو ۽ اسين سڀ گهر ڀاتي ٻنيءَ ۾ پورهيو ڪرڻ لڳا هئاسين. اسان جو زميندار تمام ظالم ماڻهو هو، ان کي ڪنهن بہ غريب تي رحم ڪونہ ايندو هو.. هاري ان جي نالي ڪان ڪنبندا هئا ۽ جن هارين تي قرض وڌي ويندو هو انهن کي سنگهرن ۾ ٻڌي ڪم وٺندو هو، متان هو ڀڄي نہ وڃي... هن پنهنجي ڏاڍ جي زور تي آسپاس جون سڀ زمينون پنهنجي قبضي ڪري ڇڏيو هيون. ان ڪري اهو سڄو علائقو سندس جاگير سڏبو هو. وڏيري مير خان جي جاگير...!!"
وڏيري مير خان جو نالو ٻڌندي ئي مقدس ڪان ڇرڪ ڇڏائجي ويو...!! هن ڄڻ تہ ان مظلوم پيڙيءَ کي ذري گهٽ سڃاڻي ورتو هو...! ڄڻ تہ ڪيس ان پيڙي سان پنهنجي رشتي جو پتو پئجي ويو هو... جذبات مان سندس ڇپ ٽڙڪڻ لڳا هئا ۽ سندس دماغ ڪن پل لاءِ سيئي سوچون وڃائي ويٺو هو... ڪيس اهو بہ ياد نہ رهيو هو تہ هو ڪٿي ۽ ڪهڙي حالت ۾ ويٺل آهي... قاتل اکيون تہ ان پيڙي جي ڇهري تي اٽڪيل هيون، پر سندس دماغ الائي ڪٿي هو...!؟
پيڙي اچانڪ خاموش ٿي وئي... ۽ پوءِ مقدس جي ڳلن تي ٽڪيون ڏيندي پريشاني مان پڇڻ لڳي هئي... "ڌيءَ ڇا ٿيو...!؟"
"ايڏي پريشان ڇو ٿي وئين..؟ تون ٺيڪ تہ آهين...!؟"
پيڙي جي آواز تي پيهر مقدس جا حواس موٽي آيا هئا. مٿو ڌونڌاڙيندي،



sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

هئس تہ جيڪر ان جيجل جي سيني ساڻ لڳي، لڙڪن جي وهڪري ۾ سمورو غم ڌوئي وٺان... سڏڪن جي سازن تي سمورا درد دل مان ٻاهر ڪڍي خوب روئي من جا بار هلڪا ڪريان...!؟ پر الائي ڇو؟ مقدس اهو سڀڪجهہ چاهيندي بہ ڪجهہ ڪري نہ سگهي هئي...! من ۾ مثل مانڊاڻ جا عڪس جيتوڻيڪ مقدس جي مقدس چهري تي مقناطيسي لهرن جيان ايندا ويندا رهيا... پر هن ٻاهر ڦڙڪ بہ ڪونہ ڪڍي هئي هن ڪيس ٻڌائڻ ٿي چاهيو تہ هوءِ سندس پيٽ ۾ پليل وڏيري مير خان جو اهو پاپي خون آهي، جيڪو ناجائز هئڻ باوجود بہ تو ان جون ڊاڪٽرياڻي ڪي پارتون ڪيون هيون... تنهنجي مامتا ڪيڏو نہ تڙپي هئي. جڏهن ان کي اسپتال ۾ لڇندو ڇڏي، خالي جهوليءَ سان اتان هلي آئي هئين ۽ پوءِ جيون جي اجهاڳ رڻن ۾ تون الائي تہ ڪيڏانهن ڏُلجي وئي هئين...!!؟

ها ليڪن، مقدس ڪجهہ بہ ڪچي ڪونہ سگهي هئي، هو خاموشي سان انهيءَ جهريل جهوپڙي جو جائزو وٺڻ لڳي هئي. جنهن جي هڪ ڪنڊ ۾ پراڻي پيتي پيل هئي. جنهن کي زنگيل تالو تہ لڳل هو پر ان جو هڪ انجيس پڳل هو... شايد اها ئي ڪل ميراث هئي ان بدنصيب فقيرياڻي جي...!

جهوپڙي جي ڪچي پٽ تي ڪاغذ جا تلها پاٿا وڇايل ۽ هڪ ڪنڊ ۾ هڪڙو ميرو بسترو پيل... بستري مٿان ڪجهہ پراڻا ٽانو ۽ هڪ گاسليٽ واري بتي، سندس غربت کي عيان پي ڪيو...!

غربت ۽ مفلسي جي انهيءَ درد کي محسوس ڪندي مقدس جا نيڻ پرجي آيا هئا ۽ اکين تي لڙڪن جي ڌنڌ سبب شيون ڌنڌليون نظر اچڻ لڳيون هيون...

ٻڍڙي ڇڻ تہ سندس ڪيفيتن کي سمجهي ورتو هو... سندس ويجهو ويهندي پڇڻ لڳي هئي... "ڌيءَ، لڳي ٿو تہ تون بہ مون وانگي ڏکايل آهين... ۽ تون تہ اڃا تائين مون کي اهو بہ ڪونہ ٻڌايو تہ تون ڪير آهين...؟ ڪٿان جي آهين...؟ ۽ مون ۾ توکي ڇا نظر آيو آهي جو تون مون ني ايتري مهربان ٿي پئي آهين...!؟ ڌيءَ، جيڪڏهن مناسب سمجهين تہ مون کي پنهنجي ماءُ سمجهي ڪجهہ ٻڌائي...!؟"



sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

ماءُ جي لفظ تي مقدس جو وجود لڏي ويو هو... هو ڪيس چا پڏائي تہ تون منهنجي حقيقي ماءُ ٿي آهين...!؟ ايتري مقدس ۾ جرئت ئي ڪٿي هئي...!؟ پر وري بہ مقدس پنهنجي حوصلن جي سموري قوت ڪي سميڙي، انتهائي بردباري سان اداڪاري ڏيکاريندي ورائيو هو. "امڙ، آئون جادو جو علم ڄاڻيندي آهيان... مون ڪي منهنجي عقل ۾ علم ٻڌايو تہ "تون هڪ مظلوم ۽ ڏکايل عورت آهين... اهو ئي راز ڄاڻڻ لاءِ آئون اوهان جي خدمت ڪندي پئي آيس...!"

"جادو...! ڇا تون واقعي جادوگرياڻي آهين...!؟"

"ها، امڙ آئون توهان جو هٿ ڏسي، قسمت جو سمورو حال ٻڌائي سگهان ٿي!" مقدس ورائيو.

ان وقت ٻيڙي غير يقيني وچان، جهوپڙيءَ ۾ اثين هيڏانهن هوڏانهن نهارڻ لڳي هئي ڄڻ سندس جهوپڙي ۾ ڪا عجيب مخلوق اچي وئي هجي... هن پيهر غور سان مقدس جي چهري کي ڏٺو ۽ پوءِ سندس ڳالهہ کي رد ڪندي چوڻ لڳي هئي... "نہ... تون جادوگرياڻي ڪونہ ٿي لڳين... تون تہ ڊاڪٽرياڻي ٿي لڳين...!؟"

مقدس پر اعتماد مرڪ چپن تي سجائيندي، سندس پوڙهو ڏڪندڙ هٿ پنهنجي نفيس هٿن ۾ جهليندي چوي ٿي... "امڙ مون کي هٿ ڏيکار تہ آئون توکي ٻڌايان تہ تون ڇا آهين...!"

هوءَ خاموشيءَ سان سندس اڳيان هٿ کوليندي غير يقينيءَ وچان جادوگرياڻي جي چهري جا عڪس ڏسڻ لڳي ٿي...!؟

مقدس، سندس هٿ لڪيرن کي گهرائي مان ڏسندي پهرين نشاني ٻڌائي ٿي. "امڙ تنهنجو اصل ڳوٺ تہ وڏي سمنڊ جي ويجهو هوندو...؟"

ٻيڙي ڄڻ تہ ڇرڪ پريندي ورائي ٿي "ها... ها اصل ۾ تہ اسين اوڏانهن جا ئي ويٺل هئاسين...!"

"۽ امڙ توهان جو پيءُ هڪڙو غريب هاري هو، جنهن جو نالو بخشل هو...!؟"

"تون... تون تہ واقعي ئي جادوگرياڻي آهين...!؟" ٻيڙي ڄڻ تہ تصديق ڪندي چيو.



sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

مقدس سندس ڳالهين کي نظرانداز ڪندي وڏيڪ راز ٻڌائڻ لڳيس ٿي... "ها تہ امڙ توهان کي جوانيءَ جي سونهن ٿي ايتريون نوڪرون ڪارايون جو غريب هاري جي جهوپڙي مان نڪري، ڪنهن ظالم جاگيردار جي حوس جو نشانو بنجي وئين...!؟"

"سچ... تون سچ ٿي چوين... اهو واقعي بہ سچ آهي تہ منهنجي جواني جي سونهن تي هرڪجي ان وڏيري سير خان مون کي ڪوٺن ۾ قيد ڪري، منهنجي جسم کي ڪٽڻ، ڪانگن وانگي پٽيو... ۽ پوءِ...!"

۽ پوءِ توکي انهيءَ منجهان حمل ٿي ويو هو ائين نہ...!؟" مقدس سندس ڳالهہ کي اڌ مان ڪٽيندي ۽ پاڻ ٿي جملو مڪمل ڪيو هئائين.

پيرڙي، پنهنجي زندگيءَ جا راز ڪنهن ٻئي جي واتان ٻڌندي نہ فقط حيران ٿي هئي... بلڪ ايتري بدحواس ٿي پئي جو ڪجهہ ڳالهائڻ لاءِ لفظ بہ ڪونہ ٿي مليس... مقدس اڃا بہ پنهنجي جادوگري جاري رکندي سندس راز کوليندي رهي ٿي... "تہ امڙ توهان کي حمل ٿيڻ ڪانپوءِ اهو چٽي وڏيري پنهنجي بنگلي مان ڪڍي ڇڏيو هو تہ جيڪڏهن ڏيءَ ڄڻئي تہ پنهيءَ کي مارائي ڇڏيندس، ورنہ منهنجي جاگير ۾ پير نہ پائجان... ۽ پٽ ڄڻين تہ موٽي اچجان...!؟"

پيرڙي کي ڄڻ تہ نانگ سراپي ويو هو، جو هو صرف بدحواس نظرن سان بت بڻجي، سيڪجهہ اتين ٻڌندي رهي هئي، ڄڻ تہ هو جاڳندڙ اکين سان ڪوئي شيطاني خواب ڏسي رهي هجي...!!؟

مقدس، اڃا بہ وڏيڪ راز ظاهر ڪندي چوڻ لڳي ٿي "۽ امڙ پوءِ تو هڪ اسپتال ۾ ڌيءَ کي جنم ڏنو هو، جنهن کي توسان گڏ آيل عورت مارڻ جي ڪوشش بہ ڪئي هئي...؟"

"ها... هائو ڌيءَ، تون سچ ٿي چوين." پيرڙي ڄڻ تہ بيخيالي ۾ ٻڙڪيو هو. ۽ پوءِ مقدس بہ پنهنجا حوصلا هاري ويٺي هئي...! هن آهستي سان پنهنجي هٿن مان پنهنجي مظلوم ماءُ جو هٿ ڪيڏي ڇڏيو هو... لڙڪ هاڻين اکين آڏو رڳو ڏنڌ جو ڪوهيڙو چڙهي ويو... ۽ سندس دل پرجي آئي هئي...! کيس ائين محسوس ٿيو هو، ڄڻ تہ سندس اندر درد جي ڪيفيت ۾ ڌماڪي سان اڌو اڌ ٿي ڦاٽي پوندو...!؟ هوءَ پنهنجي پوري



sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

پهچن ٿا... مقدس ديوانن وانگي ڊاڪٽرن کي ايلازون ڪرڻ لڳي ٿي... "پليز ڊاڪٽر صاحب منهنجي ماءُ جي حياتي بچايو... پليز منهنجي جيجل ماءُ لاءِ ڪجهه ڪريو..." هڪدم ڊاڪٽر پهچي ڪيس آپريشن ٿيٽر ڏانهن ڪاهي وڃن ٿا... ۽ مقدس ڪڏهن الله ڏانهن هٿ کڻي ته ڪڏهن انهن گڏ آيل نوجوانن کي پاڻ مان ڇڄلي جهنجهوڙيندي التجائون ڪرڻ لڳي ٿي... "يا الله، تون منهنجي مظلوم ماءُ جو خير ڪجانءِ... پليز، ادا منهنجي ماءُ لاءِ اوهين ڪجهه ڪريو...؟" پر همدرد نوجوان به سواءِ بيوسي جي لڙڪ لاڙڻ جي ڪجهه به نٿا ڪري سگهن...! هڪ ڇيڪاٽ سان آپريشن ٿيٽر جو شيشي وارو در کليو ٿو... هڪ ڊاڪٽر منهن تان ماسڪ لاهيندي ٻاهر نڪري ٿو ته مقدس ڊوڙي وڃي سندس رستو روڪيندي، سندس اکين ۾ نهاريندي چوي ٿي "ڊاڪٽر، منهنجي امان...!؟" ...۽ ڊاڪٽر به منٽ خاموش بيهي، بنا جواب ڏيڻ جي هليو وڃي ٿو... مقدس آپريشن ٿيٽر اندر ڊوڙندي هلي وڃي ٿي ۽ چند سيڪنڊن کانپوءِ آپريشن ٿيٽر مان مقدس جون اپ ڏاريندڙ اوڇنگارون گونجڻ لڳن ٿيون...

هڪ نوجوان ڊاڪٽرياڻي جون ماءُ جي لاش مٿان ڏٺل اوڇنگارون سڄي ايمرجنسي وارڊ کي سوڳوار ڪري وجهن ٿيون... ۽ پوءِ هو ماءُ جي بي جان جسم سان چنبڙي سندس ڪفن ۾ منهن ڍڪي سڏڪندي سڏڪندي خاموش ٿي وڃي ٿي...! ڊاڪٽر ڪيس سهارو ڏيئي لاش مان سندس ٻانهون ڇڏائيندي ڪيس بيهوشيءَ جي حالت ۾ بيڊ تي ليٽائي ٿو... سندس تپاس ڪرڻ بعد هڪ انجيڪشن تجويز ڪندي ڪيس فيميل وارڊ ۾ داخل ڪري ڊرپ لڳائڻ جو حڪم ڏيئي هليو وڃي ٿو.

❊❊❊❊❊

ڪومل پنهنجي مڙس جي قتل جو ڪيس بهادريءَ سان وڙهيو هو... ڪيس مختلف طريقن سان ڌمڪيون ملنديون رهيون... ڪيس ماڻهو خوفزده ڪرڻ لڳا هئا ته هاڻي تون اڪيلي آهين... درياءَ جي ڪپ تي ويهي واڳوئن سان وير نه وجهه... اهي ظالم تنهنجي مڙس وانگي تنهنجي معصوم پٽ کي بيگناهه مارائي ڇڏيندا... توکي به هو برباد ڪري



sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

نظرن سان نهاريندي، سيني کي واڙهو ڪري وجهي ٿي.... ۽ پوءِ اياز کي ڪلهي کان جهليندي پڇي ٿي... "منهنجي ماءُ جو مڙهه ڪٿي آهي اياز...!؟"

ان وقت سڀئي دوست پريشاني مان هڪٻئي ڏانهن ڏسڻ لڳن ٿا...!؟

"ٻڌائي نه اياز... تون خاموش ڇو آهين...!؟" مقدس ٻيهر جذباتي ٿي پوي ٿي...!

اياز جڻ ته ڏوهارين وانگي پنهنجو ڪنڌ جهڪائيندي ڌيمي آواز ۾ وراڻي ٿو... "امڙ کي ڪالهه شام جو يونيورسٽي جي ڏاکڻي قبرستان ۾ مٽيءَ ماءُ سان ملائي آياسين...!؟"

"ڇا...!؟"... "اوهان منهنجو به انتظار ڪونه ڪيو...؟ مون کي منهنجي امڙ جو آخري ديدار به ڪونه ڪرڻ ڏنو...!؟؟" هوءَ ٻيهر ڏک جي شديد ڪيفيتن ۾ روئڻ لڳي ٿي. اياز، سندس ڪلهي تي هٿ رکي... منهن ٻئي طرف ڦيري وراڻي ٿو "مقدس دوست: بدقسمتي سان... امڙ جو جگر ڦاٽي چڪو هو... ۽... ۽ هن جي وات ۽ نڪ مان خون پئي وهيو... ۽ مقدس... ڊاڪٽرن توهان جي جلدي هوش ۾ اچڻ جي به پڪ ڪونه پئي ڏني... ان ڪري...!؟"

ڪاش اياز! آئون.... آئون پنهنجي ماءُ کي پنهنجي باري ۾ ٻڌائڻ ۾... ايتري تڪڙ نه ڪريان ها ته.... ته نه ڪيس ايتري وڏي خوشي ملي ها... نه دل جو دورو پويس ها.... ۽ نه ئي سندس جگر ڦاٽي پوي ها... نه وري آئون هيئنئن يتيم ٻڇي لڇان... يا لڇان.... روئان ها...!؟" هوءَ وري ٻئي هٿ منهن تي ڏيئي سڏڪڻ لڳي ٿي ۽ سندس سڀ ساٿي پڻ ساڻس گڏ لڙڪ لاڙيندا رهن ٿا...!

❁❁❁❁❁

شام لڙيءَ ويلا...! ڄامشوري جون ٽڏڙيون هوائون قدرت جي حسناڪين سان ڇلولايون ڪندي وڃي رهيون آهن... ڏور ڄبل جي ٽنيڙيءَ ٽڪري مٿان ڪو ويراڳي وڳر ڪرلائيندو، اتر کان ڏکڻ طرف وڃي رهيو آهي... وڻن جا ڪجهه سڪل پن قبرستان ۾ دربدر ٿي رهيا آهن...تازي تربت تي نازبوءِ ۽ گلاب جي پتين جي خوشبوءِ ويراڳي دلين ۾ سوڳ جي خوشبوءِ



sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

؟"

"ڏس مقدس، پيار زندگيءَ جون منزلون ماڻڻ لاءِ، مون کي توهان جي سهاري جي اشد ضرورت آهي، پليز...!" اياز التجائون ڪندي، مقدس کي ريجهائڻ جي ڪوشش ڪري ٿو... پر مقدس سندس هٿ جهلي پنهنجي گرم چپن تي رکي هڪ هلڪي چمي ڏيندي ورائيو هو "اياز جاني! منزلون سهارن سان نه پر همتن سان ملنديون آهن...!"

مقدس جي ڏنل انهيءَ چمي جي لمس اياز هٿ بجاءِ پنهنجي دل تي محسوس ڪئي هئي... ان وقت سندس وجود جون سموريون نسون سارنگيءَ جي تارن جيان چڙهي پيون هيون ۽ رڳ رڳ مان جلترنگي ساز جون موسيقيون لهرون لهرون تي گونجڻ لڳيون هيون...! مقدس جي انهيءَ ادا ڪيس صفا لاجواب ڪري ڇڏيو هو... گرلس هاسٽل تائين گڏ هلندي، هن ڄڻ ته پاڻ کي هوائن ۾ اڏامندي محسوس ڪيو هو... ۽ وري هڪ لفظ به ڳالهائي نه سگهيو هو.

گرلس هاسٽل واري موڙ وٽ مقدس جا قدم رڪجي ويا هئا... هن وري اداس نهار سان اياز جي چهري جي معصوميت کي ڏسندي، سندس هٿ پنهنجي هٿ ۾ جهلي ورتو ۽ اياز جي دل جو ڌڙڪو وڌي ويو هو، پر جسم ڄڻ ته ساهه ڇڏي صفا ٿڌو ٿي ويو...

مقدس سندس هٿ جون آڱريون پنهنجي آڱرين ۾ جڪڙيندي چئي ڏنو هو بيساخته "I Love You Ayaz"

پهريون ڀيرو مقدس جي منهن مان نڪتل اظهار جي لفظن اياز کي صفا وائڙو ڪري ڇڏيو... ۽ هو چوري ڪرڪرڻ جي ڊپ کان هيڏانهن هوڏانهن نهارڻ لڳو هو...!

"ڇو اياز؟ منهنجا لفظ توهان کي ڪونه وڻيا ڇا...!؟"

اياز زوري ڪيتون ڏيئي جواب لاءِ لفظ ڳولڻ لڳو... پر ڪيس ڇوڻ لاءِ ڪي به لفظ نه مليا ۽ پوءِ فقط ايترو ڳالهائي سگهيو ته "مقدس، اڄ توکي ڇا ٿيو آهي...!؟"

"اڄ مون کي احساس ٿيو آهي اياز، ته مون سدائين پنهنجي مقصدن جي جستجوءَ ۾ توهان کي ڪڏهن به پنهنجي حصي جو پيار ناهي ڏنو...! مون



sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

سان گڏ ملندي، توهان ايترا ثمڪ نہ ڏيئي سگهيا آهيو، جيترا لڙڪ هاريا آهن... ۽... ۽ مون ڏنو بہ تہ ڇا...!!؟ لڙڪ... ڏک... پيڙائون... اداسيون... ۽ بس...!؟

مي المڙجواني... يونيورسٽي جي رنگين ڪائنات... حسين بهارون... ڇامشوري جون تڏيون تڏيون شامون... جوين جون چنچلتائون مون سان گڏ ملندي تو پنهنجو سيڪجهہ ٿي تہ فضول بڻائي ڇڏيو هو نہ...!؟ ”آءِ ايم سو سوري اياز“ اگر ٿي سگهي تہ مون کي معاف ڪري ڇڏجانءِ...!“

”نہ مقدس نہ...! اهي سڀ ڪائنات جا رنگ، حسين منظر توڙي جوين ڪامنائون گڏجي ڪري بہ مون کي زندگيءَ ۾ ايتري تسڪين نہ ڏيئي سگهن ها... جيترو سڪون تنهنجي هن هٿ تي ڏنل ڀرين چميءَ مان مون کي مليو آهي...! تنهنجا چيل لفظ I Love You منهنجي جيون جو هڪ نئون جنم آهن... I Love You 2 مقدس جان...!“

مقدس هاڻ ڪافي پرسڪون هئي... پر اداسين جا اولڙا اڃا بہ سندس چهري جي عڪس مان عيان ٿي رهيا هئا.

هن اياز جي اکين ۾ جهاتي پائي مرڪڻ جي ڪوشش ڪئي هئي... پر بہ لڙڪ سندس پنبڻين تي اچي اٽڪي پيا ۽ هوءَ بغير موڪلائڻ جي گرلس هاسٽل طرف مڙي ويئي هئي...

سينا هاسٽل طرف واپس موٽندي اياز جا قدم ڄڻ تہ هوائن ۾ اڏامي رهيا هئا...! يونيورسٽي جي آخري ايامن ۾ ڪيس رڳو ايم بي بي ايس جي ڊگري ملڻ جي ئي خوشي نہ هئي... بلڪ ڪيس محبتن جا تاج بہ ملڻ وارا هئا... اياز کي هاڻي هر طرف رنگينيون ئي نظر اچڻ لڳيون هيون ۽ هن پنهنجي من ۾ ڪيئي تصورن جا ڪاڪ محل جوڙڻ شروع ڪيا هئا.

مقدس پنهنجي روم تي پهچي پنهنجا سامان سميٽڻ لڳي هئي... هن پنهنجا الماڙي جي هينگر ۾ ٽنگيل سڀ ڪپڙا ويڙهي بيگ ۾ رکيا ۽ ٽڙيل پکڙيل ڪتابن کي سهيڙي ڪبٽ ۾ رکيو ۽ ائين روم جي سيٽنگ ڪرڻ لڳي ڄڻ تہ اڄ ئي ڪيس هاسٽل ڇڏڻو هو... پر مقدس جي من ۾ ڇا هو...!؟ ان جي ڪا بہ خبر نہ هئي... ڪولر مان پاڻي جو اڌ گلاس ڀري يڪ ساهي پي ڇڏيائين... پر رات جي مالي ڪيس ياد ئي ڪونہ هئي...



sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

اها سچي رات هو سنئي ڪوڻ هئي...! عجيب بيچيني سندس وجود ۾ ولوڙ وجهي ڇڏي هئي... سندس ذهن زندگي ۽ موت جي ٻه واٽي تي اٽڪيل هو... هن جيئڻ ٿي چاهيو. پنهنجي انهن والدين خاطر جن ڪيس لاڏ ڪوڏ سان نپائي، پڙهائي، هن منزل تي پهچايو هو... هن جيئڻ ٿي چاهيو انهيءَ اياز جي خاطر جنهن کي يونيورسٽي ۾ ڪڏهن به اڪيلائي جو احساس ٿيڻ نه ڏنو... ۽ هر ڏک سک ۾ پنهنجا ڏک سور وساري ساڻس قدم قدم تي قرب ڀريو ساٿ ڏنائين... جنهن جي پيار کيس ڪڏهن مجبور ته ڪڏهن مغرور بڻائي ڇڏيو...! ۽ هن جيئڻ ٿي چاهيو مسڪين، مجبور ۽ مظلوم ماڻهن جو سهارو ٿيڻ لاءِ...!! ها مگر هوءَ ڏاڍي حساس هئي... زندگي ۾ ملندڙ معمولي نوڪرن جو ايذاءُ به وساري نٿي سگهي... زندگي ۾ ساڻس تقدير ڪڏهن به سٺو ساٿ نه ڏنو هو... هو هميشه پنهنجو پاڻ کي ڌرتيءَ تي هڪ ناپاڪ وجود جيان بار سمجهندي رهي هئي...!! هن جو حساس ذهن سندس هن دنيا ۾ جنم وٺڻ کي غير ضروري ۽ غير فطري سمجهندو رهيو هو... ان ڪانسواءِ هن پنهنجي ناجائز پيءُ جا ظلم پنهنجي اکين سان ڏٺا هئا... هن پنهنجي مظلوم ماءُ کي اڻ ڪيل گناهن جون سزائون ڀوڳيندي خانه بدوشن وانگي دربدريءَ جي زندگي گهاريندي ۽ پنندي پيٽ پاريندي ڏٺو هو... اهي سڀ احساس وساري ٻيحس بڻجي جيئڻ به ته سندس وس ۾ ڪونه هو...!!؟ اهڙين سوچن مقدس کي صفا بيچين ڪري ڇڏيو هو... مسلسل سوچن، تڪليفن بي آرامي سبب کيس شديد مٿي ۾ سور پئجي ويو هو... ائين تڙپندي، لڇندي، روئندي رات جي پوئين پهر ۾ هو پنهنجي لکڻ واري ٽيبل تي اچي ويٺي هئي ۽ ڊائري جي پنن تي قلم لفظ اوڳاڇڻ لڳو هو...!

مٺڙي امان سحرش ۽ پيارا پاپا ڊاڪٽر آفتاب:

اڄ پهريون ۽ آخري ڀيرو ادب مان اوهان جي پيرن تي هٿ رکي هيءَ گستاخي ڪري رهي آهيان... بيشڪ اوهان مون کي پنهنجي سڳي اولاد وانگي لپايو ۽ منهنجا سڀ انگل آرا ڪٽي مون کي پيار مان پڙهائي ڊاڪٽر به بڻائي ڇڏيو... پر منهنجي اصليت کي اوهان ڪڏهن به ظاهر ٿيڻ ڪونه ڏنو... ليڪن منهنجي بورڊ مان پوزيشن کڻڻ جي خوشي ۾



sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

حوالي ڪيو هو... مقدس جو پائيندڙ پاءُ شهباز ۽ پينرون هڪبئي کي پاڪيون پائي، ڳل ڳرائڙيون لاهي دم دلاسا ڏيئي رهيا هئا...!!

ٽوپن جي ٽن ڪلاڪن جي جدوجهد ڪانپوءِ جڏهن مقدس جو لاش ڪناري تي آندو پئي ويو تہ هر طرف اوڇنگارون ۽ سڏڪا هئا... ڄامشوري جي آڪاش تي ڪاريون ڪڪريون مڙي جهڙ ٿاهي ڇڏيو هو ۽ المنظر تي بيٺل سفيدن جي وڻن وٽن جي چوٽين تي ويٺل پکيئڙا بہ ڇهنبن ۾ چڻ پڻ ڪري سوڳ جا راڳ آلاپي رهيا هئا.

*****

يونيورسٽي جي پوائنٽن، ايمبولينس ۽ ڪارن جو وڏو قافلو جڏهن مقدس جو مڙهہ کڻي ساتوپور شهر پهتو هو تہ عربي سمنڊ جي ڪناري تي آباد دودي دلير جي ديس نگر جو هي سدائين محبتون آڇيندڙ شهر اڳ ئي سوڳ ۾ سڙي رهيو هو... مولا مدد چوڪ کان نئين واهہ جي موريءَ تائين سڙندڙ ٽائرن جي دونهين ۾ سڄو شهر ڏنڊلائجي چڪو هو... مڇريل ماڻهن پوليس تي پٿراءُ ڪري پنهنجي اندر جي باهہ جا اُلا ظاهر پي ڪيا... پوليس مقدس جي سوڳوار قافلي کي شهر وارو بائي پاس وٺي ڪينٽ روڊ تان وڃڻ جي صلاح ڏني هئي.

پڇا ڪرڻ تي پتو پيو هو تہ گذريل رات نامعلوم دهشتگردن مرحوم وڪيل فدا حسين جي گهر ۾ گهڙي سندس ٽن سالن جي معصوم پٽ کي ماءُ جي هنجهہ ۾ سمهاري کهي ڇڏيو ۽ ان معصوم جي ماءُ انهيءَ صدمي ۾ چري ٿي ويئي آهي... شهرين انهيءَ سوڳ ۾ احتجاج ڪندي شهر بند ڪرائي ڇڏيو آهي...

۽ پوءِ مقدس جو سوڳوار قافلو ناڪي وٽان بائي پاس تان ٿيندو نئين روڊ کان آرمي شگر مل واري بائي پاس ذريعي روڊ وٽان ٿيندو سحرش ڪلينڪ وٽ پهتو هو تہ ماڻهن جا سمنڊ اٿلي پيا هئا... نوجوانن ايمبولينس کي گلن جي پنکڙين سان ڍڪي ڇڏيو هو.... شهر جي سيتا ۽ سونهن مقدس جو موت ڄڻ تہ هزارين جوان دلين ۽ عاشقين جي امنگن، احساسن ۽ جذبن جو موت ثابت ٿيو هو.

تقدير جا عجيب ليک هئا... هڪ طرف مقدس جو موت ۽ ٻئي طرف



sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

سندس دوست ڪومل جي معصوم پٽ جو بيگناھ ڪوس...!!؟
هر اک آلي... هر دل اداس... اهوڪير هوندو جنهن لڙڪ نہ لاڙيا هوندا...؟ ۽ جڏهن مقدس جو جنازو سينگاري گهر جي پڌر ۾ رکيو ويو هو هر طرف کان ماٺهو ويجها اچڻ لڳا هئا... هڪ طرف مقدس جا گهر وارا جنازي سان چنبڙي اوڇنگارون ڏيئي رهيا هئا ۽ انهن جي وچ ۾ چرين جهڙا حال ٻڌائي روئندڙ اياز کي دوست دلاسا ڏيئي رهيا هئا...
سڏڪن ۽ دانهن وچان اوچتو ڪي سنهڙا ٽهڪ ٻريا هئا....
هاهاهاها... آهاهاها... هڪ چري چوڪري، اجڙيل حال ۽ وکريل وارن سان ماڻهن جون صفون چيريندي ٽهڪ ڏيندي مقدس جي ڏولي مٿان اچي بيٺي هئي... هاهاها... "ڪٿي آهين مقدس... اڄ تون ڪٿي آهين.... هاهاها...آهاهاها.... اڙي تون تہ ٻين کي جيئڻ جا حوصلا ڏيندي هئين نہ...!! پوءِ توکي اڄ ڇا ٿي ويو آهي...!؟
اُٿي.... اُٿي اڄ مونسان ڳالهائي نہ مقدس... هي ڏس...!؟ هي ڏس ڪيترا ماڻهو اڄ توکان پڇڻ آيا آهن...! اُٿي ڏس اڄ ڪيترا ماڻهو پنهنجي تقدير جو تماشو ڏسڻ آيا آهن... هاهاها...آهاهاهاها...!"
ائين ٽهڪ ڏيندي هو مقدس جي خاموش وجود مٿان اچي اونڌي منهن ڪري آخري وڏو ٽهڪ ڏيئي ٿي... ۽ ڪيس ڏونڌاڙيندي چوي ٿي "اُٿي مقدس.... اڄ مون سان گڏ ٽهڪ ڏيئي ڏيکار.... هاهاها... اُٿي... مونسان گڏ پنهنجي اکين سان پنهنجي "تقدير جو تماشو ڏس...!!"
هاها...آ.....هُون....اون.... هون هون هون....!!
۽ پوءِ اوچتو انهيءِ مقدس جي چري سهيلي ڪومل جا ٽهڪ اوڇنگارن ۾ تبديل ٿي وڃن ٿا.... ۽ هوءِ مقدس جي سرد وجود کي ڀاڪر پائي سندس ڪفن ۾ منهن لڪائي سڏڪن ۾ پئجي وڃي ٿي....!!؟ مقدس جو اڱڻ سڏڪن... لڙڪن... ۽ اوڇنگارن سان گونجڻ لڳي ٿو.

❊❊❊❊❊

THE END



sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

# سنڌ سلامت

**www.sindhsalamat.com**

سنڌ سلامت جو مشن ۽ مقصد سنڌي ٻوليءَ جي ڊجيٽلائيزيشن ۽ پکيڙ کي وسيع ڪرڻ آهي ۽ پڻ دنيا سان گڏ سنڌس رفتار سان هلڻ جو سانباهو آهي، ڇو تہ تاريخ هميشہ انهن قومن جو احترام ڪيو آهي جن پنهنجي علمي سرمائي جي حفاظت ڪئي آهي. سنڌ سلامت پڻ پنهنجي ٻوليءَ جي بقاء خاطر سنڌي ٻوليءَ ۾ لکيل قيمتي ۽ ناياب ورثي کي ضايع ٿيڻ کان بچائڻ ۽ ان کي نہ رڳو محفوظ رکڻ پر پنهنجي اديبن، ليکڪن، محققن ۽ شاعرن جي علم، هنر ۽ تخليقن کي ڊيجيٽلائيز ڪندي دنيا جي ڪنڊ ڪڙڇ ۾ موجود سنڌين تائين مفت ۾ آسانيءَ سان پهچائڻ جو عزم ڪيو آهي.

اسان جي خواهش هئي تہ سنڌي مواد تي مشتمل هڪ اهڙو ڪتاب گهر قائم ڪجي جتي هر موضوع تي مشتمل ڪتاب موجود ملن. ڪتابن کي ڳولڻ ۽ ڊائونلوڊ ڪرڻ آسان هجي ۽ اينڊرائيڊ سميت آئي فون يا ونڊوز آپريٽنگ سسٽم سميت هر قسم جي ڊوائيس تي آسانيءَ سان آن لائين پڻ پڙهي سگهجي.

۽ اهو سڀ ”سنڌ سلامت ڪتاب گهر“ ذريعي ئي ممڪن ٿي سگهيو. اميد تہ سنڌ سلامت ڪتاب گهر ذريعي سموري دنيا ۾ موجود سنڌي نہ صرف ڀرپور لاڀ حاصل ڪندا پر سنڌ سلامت ڪتاب گهر کي وڌيڪ فائديمند بنائڻ لاءِ پنهنجو ڀرپور ساٿ نڀائيندا.

[books.sindhsalamat.com](books.sindhsalamat.com)

سنڌ سلامت ڪتاب گهر جي اينڊرائيڊ اپليڪيشن پلي اسٽور جي هن لنڪ تان ڊائونلوڊ ڪريو:

**https://play.google.com/store/apps/details?id=com.sindhsalamat.book**